
صوفي لاڪوفي
پروفيسر
ڪي ايس ناگپال

بنام اوڪِ اونامي نداد

مولانا روم

# صوفي لاڪُوفي

## تصورِ الوهيت: شاهه لطيف ۽ صوفين ڪي سمجهڻ جي هڪ نماڻي ڪوشش!


## پروفيسر ڪي. ايس. ناگپال



ڇپيندڙ

سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : صوفي لاڪُوفي
ليکڪ: پروفيسر ڪي. ايس. ناگپال
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ : ڊاڪٽر پارس ناگپال
قيمت : 400 /= رپيا

ملڻ جا هنڌ

سنڌ جا سمورا وڏا ڪتاب گهر

## What is God?

The eternal one life, underneath all the forms of life.

## What is Love?

To feel the presence of that one life, deep within your self and within all creatures.

## TO BE IT.

Therefore, all Love is Love of God.

**(“The Power of Now” by Echart Tolle)**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب "**صوفي لا ڪوفي**" اوهان اڳيان پيش آهي. تصوف، تصورِ الوهيت: شاهه لطيف ۽ صوفين ڪي سمجهڻ لاءِ لکيل هن ڪتاب جو ليکڪ **پروفيسر ڪي ايس ناگپال** آهي. مهاڳ ۾ امر جليل لکي ٿو:

"اسين اندران پنهنجي وجود ۾ صوفي ٿيندا آهيون، تصوف جا در تڏهن کلندا آهن جڏهن اسين باطني حسد، ساڙ، نفرت، ڪروڌ، ڪاوڙ، لالچ ۽ بدلي جي پاونائن کان آجا ٿيندا آهيون. جڏهن اسين پاڻ کي اتم ۽ اعليٰ سمجهڻ جي خوشفهمي مان آزاد ڪندا آهيون، تڏهن انسان جي ذهن مان پيڊ ياؤ نڪري ويندا آهن."

هي ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سنڌيڪا جي سائين نور احمد ميمڻ ۽ فضل الرحمان جا جن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## ’حال‘ جو حال، شڪتي، قوت ۽ طاقت:

سڀ ڪجهه حال آهي هي لمحو، ساعت ۽ هي گهڙي سڄي خوبصورتي، قوت ۽ ڪم جي سگهه هي هلندڙ ساعت آهي، جا اسين ڪڏهن محسوس نٿا ڪيون. **سڀ ڪجهه ”هاڻي“** آهي، جتي توهان موجود آهيو، گهر ڪلاس، ٻني ٻارو، آفيس، رستو، باغ، نهر، يا سمنڊ— **هي گهڙي ڀرپور جيئون، انجي اهميت سمجهون،** جو ڪرڻو آهي پوري توجه، دل دماغ، شوق، اتساهه سان ڪيون. ڏسو پنهنجي پسگردائي ڪي، ڪيئن زندگي زنده آهي، آسمان ڪي به ڏسو، بادلن جي خوبصورتي يا اُس جو حسن، هوا ۽ پنن جون پاڻ ۾ سرٻاٽيون، گلن جو ڪلڻ ٽلڻ ۽ پوپٽن، ڀنيورين ۽ پکن جون لاتيون لنوڻ!! ڪيڏي سندر آهي هي زندگي. حياتي ڀرپور ۽ زور دار طريقي سان وهي رهي آهي، هڪ پر سڪون نندي هلي رهي آهي، پنهنجي پياري رفتار سان زندگي روان دوان آهي. چاهه، اتساهه ۽ شوق سان ان کي جيئو، حصو وٺو ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ ڪوتعميري ڪاج ڪيو. پنهنجون ڪارون ڪيو، وس ڪري ٻين کي همٿايو ۽ مدد ڪريو. ڪلهه، سڀاڻي کي ڇڏي فقط هن ساعت کي پڪڙيو، ڪنيل ڪم پوري اتساهه سان ڪيو، خوش رهو ۽ ڪارائتو ٿيو. سچي حياتي ساب آ، معنيٰ مطلب واري آ، جيئو پريشان نه — سدا سرها هجو.

1

---

**The best time to do is now.**
**The mot important person is, you are with now.**
**The best work to accomplish, is what you are doing now.**

www.sindhsalamat.com

# ارپنا!

پنهنجي محترم، مربي ڀاءُ **امر جليل** ۽
مهنديار **آغا سليم** جي نانءُ!

جن جي قربت آ، هيرن جو ٿال!

ساڻ انهن سيني سالڪن جي نالي، جي پاڻ وڃائي پرين پائڻ جا جتن جوڙن ٿا ۽ خالق هڪ ڪي مخلوق سموري ۾ پسي پنهنجو تن، من ۽ ڌن سندن خدمت ۾ لڳائن ٿا.

He prayeth well, who serveth well,
Both man and birds and beast.
(S. Coleridge)

وقت اها ٿي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪڍ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، ڪر پلائي جا پير،
متان ٿيئي اويل، اولهه سج نه اُلهي.

(سچل سرمست ؒ)

سامي سڀ ديدار، اٿيئي عجيبن جو،
ڏسي ٻڏي پاڻ تو، ٻولي ٻولڻهار،
نرآڪار آڪار، ڌاري آيو جڳ ۾.
(سامي)

صُوفي لاڪُوفي، ڪو نہ پائينس ڪير
منجهان ئي منجھ وڙهي، پڌر نہ آهيس پير
جنين ساڻس وير، ٿئي تني جو واهرو.
(شاهہ رح)

# فهرست

❖ تعارف:
پيهي منجهه پاڻ          امر جليل..........11

❖ مهاڳ:
هن پروگرام ڪي ضرور وقت ڏيو          الطاف شيخ..........13

- ويچار وات..........21
- تصوف جو بڻ بنياد..........30
- مهاتما گوتم ٻُڌ..........38
- وحدت الوجود..........42
- تصوف، نہ ڪنهن مذهب جي ميراث..........63
- ساهہ جي سائنس..........71
- صوفي لا ڪُوفي..........84
- خدا ڪٿي آهي، Where is God?..........95
- شاهہ لطيف جو لُطفُ اللَطيف..........97
- تصوف: هڪ رويو، هڪ ڪردار..........114

- شاھ لطيف جي سَاجَاھ........................................ 127
- شاھ جي شاعري ۾ ڏک جو ڪارج ........................ 133
- سچل سچ سمورو ........................................ 140
- ساميءَ جي سکيا جو سارُ ........................... 147
- روحانيت – ھڪ جڳ مذھب ........................ 155
- **آخري گذارش............................................. 172**
- شرڌانجلي ............................................ 174


---

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولي لھج پاڻ کي،
پاڻ منجھان ئي پاڻکي، پوندي ڄاڻ سڄاڻ،
مکڻ اکر ھکڙو، سوئي کير سنياڻ،
اھواڻي اھڃاڻ، ڳھلا انھي ڳالھ جو.
(سچل سرمستؒ)

# تعارف

## پيهي منجهه پاڻ

توهان صوفي مت يا تصوف جي باري ۾ سوين ڪتاب پڙهو، تصوف جي باري ۾ سوين حوالا ياد ڪريو ۽ پنهنجن تقريرن ۽ مضمونن ۾ اهڙن حوالن جو ذڪر ڪيو، پر اوهين صوفي ٿي نہ سگهندا. گيڙو ڪپڙا پائڻ، وار وڌائڻ، چرس جا سوٽا هڻڻ ۽ گدلو نظر اچڻ سان صوفي ٿي نہ سگهبو آهي. غارن ۽ غفائن ۾ تپسيا ڪرڻ سان ماڻهو صوفي نہ ٿيندو آهي. سوانگ رچائي پنهنجي ذميدارن کان جند ڇڏائڻ سان صوفي ٿي نہ سگهبو آهي. اجا ڪو اهڙو جنتر منتر پيدا نہ ٿيو آهي جنهنجو ورد ڪرڻ سان صوفي ٿي پئجي. اسين اندران پنهنجي وجود ۾ صوفي ٿيندا آهيون، تصوف جا در تڏهن کلندا آهن جڏهن اسين باطني حسد، ساڙ، نفرت، ڪروڌ، ڪاوڙ، لالچ ۽ بدلي جي ڀاونائن کان آجا ٿيندا آهيون. جڏهن اسين پاڻ ڪي اتم ۽ اعليٰ سمجهڻ جي خوشفهمي مان آزاد ڪندا آهيون، تڏهن انسان جي ذهن مان ڀيد ڀاؤ نڪري ويندا آهن. هو پاڻ ڪي آجو ۽ آزاد محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. اهڙا ماڻهو Citizen of Universe، ڪُل جڳ جا رهاڪو ٿي پوندا آهن. هو هڪ آهي، هو هڪ آهي، هو هڪ آهي.

علم رکڻ وارن سوچ ويچار ڪرڻ وارن جڏهن پنهنجي پنهنجي مذهب ۽ عقيدي ۾ ملن، مولوين، پادرين، پنڊتن ۽ ڀانيڻن جي اجاره داري مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سندن Revolt، بغاوت مان اسري آيا، اسلامي تصوف، هندو تصوف، عيسائي تصوف ۽ يهودي تصوف شروع ٿي ملن ۽ علم رکڻ وارن جي وچ ۾ مذهب جي باري ۾ تشريح جي ڇڪتاڻ. ان لحاظ کان مهاتما گوتم ٻڌ مونکي نج صوفي Puritan Sufi لڳندو آهي. ڏئي سگهو تہ دنيا کي سک ڏيو،

ڏک نہ ڏيو. جيڪڏهن ڪجهہ ناهي نٿا ناهي سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ ڊاهڻ کان پاسو ڪريو.

پوکيو:- پوکي نہ ٿا سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ پوک کي باهہ ۾ پسم نہ ڪريو. اختلاف رکڻ وارن جو احترام ڪريو. دادگيري ۽ قتل غارت گيريءَ سان پنهنجي ڳالهہ مڃائي نہ سگهبي آهي. پاڻ کي برتر ثابت ڪري نہ سگهبو آهي. ڳالهہ مڃائبي آهي دليل سان، محبت سان، ۽ نوڙت سان، تلوار سان رشتا ڪٽبا آهن ڳنڍبا نہ آهن. الله تي هڪ هٽي Monopoly اجارا داري قائم ڪرڻ امڪان کان ٻاهر آهي. گُهٽ آهي، ٻوسٽ آهي.

تصوف جي باري ۾ مان فقط ڪنهيي سان اندر جو حال اوريندو آهيان. ڪنهيو اهو جنهنکي اسان انسانن انيڪ نالا ڏيئي ڇڏيا آهن، ۽ ٻيو ڪنهيو منهنجو ٻاءُ. منهنجو دوست پروفيسر ڪنهيو ناگپال.

**امر جليل**

2018-03-18

# مهاڳ

## هن پروگرام کي ضرور وقت ڏيو...

اڄڪلهه ڊيجيٽل باڪس کي ملائي ٻه سئو کن ٽي وي چئنل ٽيو وڃن. ڪهڙو ڏسي ڪهڙو ڏسجي؟ هر چئنل چوويهه ئي ڪلاڪ هلي ٿو جنهن جو ڪهڙو پروگرام ڏسي ڪهڙو ڏسجي؟

ڪو زمانو هو. پنجاهه پنجونجاهه سال اڳ جڏهن اسان وٽ هڪ بليڪ ائنڊ وائيٽ چئنل شروع ٿيو هو، جيڪو شام جو چار پنج ڪلاڪ هلندو هو. ان ۾ روزانو سنڌي پروگرام لاءِ اڌ ڪلاڪ هوندو هو. ان اڌ ڪلاڪ ۾ ٻه پنج منٽ خبرون ۽ پنج منٽ اشتهار (ڪمرشل) هلندا هئا، باقي ويهه منٽ ڪنهن ڏينهن "ڳوناٽي ڪچهريءَ" ته ڪنهن ڏينهن فصلن جي سڌاري جو پروگرام "ڪيتي سرسيتي" هوندو هو، اسان سيني کي وڻندو ڊرامي جو پروگرام هو. هفتي جي ان ڏينهن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪبو هو، جنهن ڏينهن شام جو اڌ ڪلاڪ لاءِ ڊرامي جي قسط هلندي هئي. ان پروگرام کي ڏسڻ لاءِ اڌ ڪلاڪ اڳ اچي ٽي وي اڳيان وهبو هو ته متان ڪو ڊائلاگ مِس ٿي وڃي، ڊرامي جي قسط پوري ٿيڻ تي اهڙو اڌ ڪلاڪ ٻيو ويهي ان جي اداڪارن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪبي هئي.

اسانجا پڙهيل ڳڙهيل سنڌي، حڪومت تي ٻه چوه چنديندا هئا ته ڇا سنڌي ماڻهو انسان نه آهن جو هنن جي وندر لاءِ هنن جي صوبي جي ٽي وي تان اڌ ڪلاڪ کان وڌيڪ پروگرام نٿو ڏنو وڃي. ان سلسلي ۾ اخبارن ۾ خط به ڇپبا هئا ته ائين ڪرڻ سان حڪومت عوام ۾ ساڙ ۽ ٻيائي ٿي پيدا ڪري. اردو

قومي زبان ضرور ڪئي وئي آهي ۽ سيني کي قبول آهي پر صوبائي ٻوليون ٻه ته اهم اهن ۽ هر هڪ کي پياريون آهن. انهن کي ٽي وي تي وقت نه ڏيڻ سان نفرت پئدا نه ڪريو. اهو ئي حال اسان جي ريڊيو پاڪستان جو هو. سنڌي پروگرام لاءِ نه برابر وقت هوندو هو. دل چوندي هئي ته اڌ ڪلاڪ وڏيڪ سنڌي گانا ڏنا وڃن پر هرگز نه. نتيجي ۾ اهو شوق پورو ڪرڻ لاءِ رڪارڊ وڃي فوني (گراموفون) تي ٻڌبا هئا. ٿرپارڪر وارو پاسو “انڊين ريڊيو اسٽيشن احمد آباد بڙودا” تان ڏينهن جو گهڻي حصو سنڌي گانا، ڊراما ۽ خبرون ٻڌندا هئا- جيڪي ڪافي Misguiding ۽ اشتعال پئدا ڪرڻ جهڙيون هونديون هيون. ظاهر آهي انڊيا اهڙين حالتن مان فائدو وٺي ٿو. اسان جا اديب، مفڪر، جرنلسٽ پنهنجي حڪومت کي ان بابت آگاهه ڪندا رهيا ٿي پر حيرت آهي ته ان معاملي ۾ اسان جي حڪومت هڪ طرف نئر هوندي هئي ته ٻئي طرف اسانجي اسيمبلين جا سنڌي نمائندا اهڙا گونگا ٻوڙا هوندا هئا جو ان بابت احتجاج به نه ڪندا هئا.

بهرحال اهي ماضيءَ جون ڳالهيون آهن، جڏهن فلم ڏسڻ لاءِ تيار ٿي رڪشا يا بس ۾ چڙهي اڌ ڪلاڪ يا ڪلاڪ اڳ ريگل يا نشاط سئنيما پهچبو هو. ڊگهي قطار ۾ بيهي ٽڪيٽ خريد ڪبي هئي. پوءِ گاڏي وارن کان چونڊا يا ريوڙيون وٺي کائيبيون هيون، ان بعد اچي سئنيما هال ۾ وهبو هو. اشتهارن ۽ رسيس سميت ٽي ڪلاڪ فلم هلندي هئي جنهن کان پوءِ سيٽيون وڄائي اچي گهران نڪربو هو. يعني فلم پنيان اڌ ڏينهن ضايع ٿي ويندو هو. بعد ۾ وڊيو ڪئسٽ نڪتا ته گهر ويٺي فلم ڏسڻ جو شوق پورو ٿيڻ لڳو. ڪجهه وقت ۽ ڪجهه خرچ جو به بچاءُ ٿيو. اڄ ٿو ڏسجي ته ويهارو کن چئنلن تي ته رڳو انگريزي ۽ اردو فلمون پيون هلن. سو به چوويهه ئي ڪلاڪ! ڪهڙي ڏسي ڪهڙي ڏسجي! پنج ڇهه ته رڳو سنڌي چئنل آهن جن تان هر وقت جي خبرن کان علاوه راڳ، گانا، ڊراما، فلمون، ادبي ۽ مزاحيه پروگرام ڏينهن رات پيا هلن.... ڪهڙي چئنل جو ڪهڙو پروگرام ڏسي ڪهڙو ڏسجي! حيرت جي ڳالهه اها آهي ته سرڪاري چئنل PTV جنهن کي هر وقت سنڌ جا ماڻهو وقت وڃائڻ لاءِ منٿون

ڪندا هئا اهو اڄ جيتوڻيڪ چوويهہ ئي ڪلاڪ پيو هلي ۽ ان جا هڪ بدران چار چئنل آهن پر انهن کي ڪو پڇي ئي ڪونہ ٿو. ملڪ ۾ نظر ايندڙ سوين خانگي چئنل وڏيڪ ڏٺا وڃن ٿا ۽ سنڌ جي ماڻهن ڪي سنڌي چئنل KTN، سنڌ ٽي وي ۽ ڪشش ڪان ئي واندڪائي ناهي جو ٻيا ڏسن.

هاڻ انٽرنيٽ، واٽس اپ، فيس بڪ جي مشهور ٿيڻ تي ماڻهن ٽي وي ڏسڻ بہ گهٽائي ڇڏي آهي. مٿين شين جو واهپو اڄڪلهہ جي سمارٽ فون سان هجڻ ڪري هر ڪو پنهنجو موبائيل فون هٿ ۾ جهليو وينو آهي. هڪ ئي ٽي وي چئنل ڏسڻ بدران هر ڪو پنهنجو پسنديده پروگرام ڏسي ٿو ۽ ٽي وي چئنلن جا مالڪ پنهنجي ريٽنگ وڌائڻ لاءِ ڳولي ڳولي اهي بهترين ائنڪر آڻين ٿا جن جا پروگرام گهڻي ڪان گهڻا ماڻهو پسند ڪن، جيئن اخبارن جا مالڪ بهترين ڪالم لکندڙن کي پنهنجين اخبارن ۾ جاءِ ڏين ٿا. ڪاوش اخبار خبرن ۽ وقت تي گهر گهر پهچڻ ۾ ڪٽي سڀ ڪان بهتر آهي ۽ تمام وڏي تعداد ۾ ڇپجي ٿي پر آئون ڏسان پيو تہ ڪيترا مون جهڙا عاجز جماليءَ جو ڪالم پڙهڻ لاءِ "عبرت" بہ خريد ڪن ٿا ۽ مهتاب راشدي، مشتاق باگاڻي، آدرش (شڪارپور جي ارشاد شيخ) ۽ نور احمد جهنجهيءَ جو ڪالم پڙهڻ لاءِ "عوامي آواز" اخبار کي ترجيح ڏين ٿا. بلڪ آئون تہ انهن جي ايڊيٽرن کي جس ڏيندس جن اهي ڪالم نويس ڳولي لڌا آهن ۽ انهن کي سندن اخبارن ۾ لکڻ لاءِ راضي ڪيو اٿن.

اهڙي طرح KTN ٽي وي چئنل جيتوڻيڪ تمام گهڻو ڏٺو وڃي ٿو پر ڪجهہ پروگرامن لاءِ مون کي "مهراڻ" ۽ "سنڌ" ٽي وي بہ ڪولڻي پوي ٿي. مهراڻ ٽي وي ان جي مالڪ مورائي صاحب جي ڪري جيڪو "حالات حاظره" تي بيحد حقيقت پسنديءَ سان ٽيڪا ٽپڻي ڪري ٿو. ۽ مون کي نجم سيٺي ۽ ٻين ڪيترن پراڻن ائنڪرن ۽ جرنلسٽن کان بهتر ۽ ڪرو لڳي ٿو. صحيح معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري مورائي صاحب جو هي پروگرام مِس نہ ڪندو آهيان ۽ ڪنهن رات ننڊ نہ ايندي آهي يا بوريت محسوس ٿيندي آهي تہ بہ مهراڻ ٽي وي کولي "دانش مهدي" جو پروگرام ڏسندو آهيان. سندس ڳالهائڻ

جي انداز ۾ شعر پڙهڻ تي اڪثر ڪل ايندي آهي ۽ هو جيڪي گانا پيش ڪندو آهي اهي اسان جي جوانيءَ جي ڏينهن جا يادگار هوندا آهن. خبر ناهي مورائي صاحب هن شخص (دانش مهديءَ) کي ڪٿان ڳولي لڌو! ائين ته سنڌ ٽي وي جي مالڪ ڊاڪٽر ڪريم راڄپر کي به شاباس هجي جنهن امر جليل کي هر هفتي پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ راضي ڪيو آهي ۽ هن کي فري هئنڊ ڏنو آهي ته هو بلڪل آزاد نموني سان پنهنجي مرضي مطابق ڳالهائي، نه ته ڪيترا اخبارن ۽ ٽي ويءَ جا مالڪ ڊڄندا رهن ٿا ۽ ڪالم نويسن ۽ ٽي وي ائنڪرن تي پابنديون مڙهيندا رهن ٿا.

امر جليل جو پروگرام مون کي سڀ ۾ Best لڳي ٿو جو هو اسان جي دل وٽان ڳالهيون ڪري ٿو. پاڪستان ۾ هوندو آهيان ته اهو هر وقت ڌيان ۾ رکندو آهيان ته امر جليل جو پروگرام مِس نه ڪريان. منهنجو ڪو اهو مطلب هرگز نه آهي ته سنڌ ٽي وي وارا يا مهراڻ ٽي وي وارا ڪو فقط اهو هڪ ئي بهتر پروگرام ڏين ٿا. جيتوڻيڪ ان غلط فهميءَ ۾ آئون به مبتلا هوس. اهو ان ڪري جو اسان وٽ وقت ڪٿي آهي جو اسان ڪنهن به ٽي وي چئنل جا سڄو هفتو صبر سان ويهي سڀ پروگرام ڏسون ۽ اندازو لڳايون. ان جو مشاهدو مون کي به هينئر ويجهڙائيءَ ۾ ٿيو ۽ هاڻ مون لاءِ سنڌ ٽي وي جو هڪ ٻيو پروگرام ”صوفي لا ڪوفي“ پڻ فئوريٽ بنجي چڪو آهي.

اهو ائين ٿيو جو گذريل مهيني ملائيشيا کان ڪراچي پهتس ته جيسين سامان جهاز مان لهي ايئرپورٽ جي اندر پهچي، هڪ اعليٰ آفيسر مون کي سجاڻي پنهنجي آفيس ۾ اچي وهاريو ۽ هو پاڻ منهنجو سامان آڻڻ لاءِ ويو. سندس آفيس ۾ ٽي وي هلي رهي هئي ۽ مون ٽيبل تان رموٽ کڻي ان اميد تي هلندڙ چئنل بدلائي ”سنڌ ٽي وي“ رکيو ته متان امرجليل جو پروگرام هلي رهيو هجي.

امر جليل جو ته ان وقت پروگرام نه هو پر هڪ ٻيو صاحب شاهه لطيف ۽ گرونانڪ جي قولن ۽ شعرن بابت سمجهاڻيون ڏئي رهيو هو. انهن سان گڏ هو

ويدن جون ڳالهيون، قرآن جون آيتون، بابا بلهي شاهه ۽ رابندر ناٿ ٽئگور جا شعر ۽ انهن جون سنڌيءَ ۾ سمجهياڻيون ٻڌائي رهيو هو. منهنجي چانهه به ٺري وئي، آئون هن شخص جي ڳالهين ۾ ايترو محو ٿي ويس. اتي منهنجو سامان اچي ويو ۽ آئون ڪسٽمس مان ٿيندو اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺس.

سڄي واٽ سنڌ ٽي وي تان هلندڙ هن ليڪچر بابت سوچيندو رهيس... ڇا ته جاڙ سان پريل هو ۽ ڳالهائڻ وارو ڪيڏو نه سٺي نموني سان سمجهائي رهيو هو. دل ئي دل ۾ آئون سوچڻ لڳس ته بنا شڪ جي اسان وٽ وڏا وڏا قابل ماڻهو به پيا اهن... پر هي ڪهڙو پروگرام هو... آيا هفتيوار آهي يعني هر هفتي اچي ٿو يا ڪو هي مهمان پهريون دفعو آيو آهي. جيئن هن ڪان اڳ هڪ چئنل تان اقبال ترين اچي رهيو هو جيڪو آمريڪا ڪان ڪافي سالن بعد سنڌ اچڻ تي، سنڌ جي حالتن بابت ٻڌائي رهيو هو. افسوس جي اها ڳالهه ته اهو پروگرام آخر تائين نه ڏسڻ ڪري، نه پروگرام جو نالو معلوم ٿي سگهيو ۽ نه ان شخص جو نالو، جيڪو ڳالهائي رهيو هو. پر اهو مون ضرور محسوس ڪيو ته هي شخص وڏو قابل ۽ پڙهيل ڳڙهيل آهي ۽ جنهن نموني سان هو هندي، سنسڪرت، پنجابي ۽ عربي جا شعر، چوٽيون ۽ قرآن جون آيتون ٻڌائي ۽ سمجهائي رهيو آهي ان مان هو سنڌي ٻولي يا Comparative Religion Studies جو پروفيسر ۽ مفڪر لڳي ٿو. ٿي سگهي ٿو هندو هجي... پر هندو هجي ها ته هن کي اسلام جي ايتري ڄاڻ ڪيئن هجي ها. پر جي مسلمان آهي ته هن کي سنسڪرت، هندو ۽ سک ڌرم ۽ ويدن جي ڪيئن ڄاڻ ٿي سگهي ٿي... بهرحال مون کي ان ماڻهوءَ کي وري ٻڌڻ جي ڏاڍي آنڌ مانڌ پيدا ٿي ۽ سوچيم ته گهر پهچي سنڌ ٽي وي اسٽيشن تي فون ڪري معلوم ڪندس ته هي شخص ڪير آهي.

پر افسوس جو مون کان اها غلطي ٿي وئي ته گهر پهچي اها ڳالهه وسري وئي. ٻن ڏينهن بعد صبح جو ياد آئي ته يڪدم سنڌ ٽي وي جو فون هٿ ڪري فون ڪيم. ٻه ٽي دفعا ته گهنٽيون وڄنديون رهيون پر ڪنهن فون نه کنيو. پوءِ

مس مس ڪنهن ڪنيو ته وڏي چڙہ مان هيلو ڪيو. مون ڪيس ٻڌايو ته ٻه ڏينهن اڳ هڪ شخص ليڪچر ڏئي رهيو هو ان بابت پڇڻو آهي.

”الائي ڪير هو؟“ هن بيرخيءَ مان جواب ڏنو.

مون هن شخص جو چهرو ڪجهه ياد ڪري چيو ته سائين هو ڀريل جسم جو هو...

هن پاسي کان ڳالهائيندڙ شايد بيزار ٿي لڳو، منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي چيو: ”سائين هتي سڀ ٿلها ٿنيرا آهن، سواءِ منهنجي.“

”ڊاڪٽر راڄپر به عجيب ٽيليفون آپريٽر رکيا آهن.پاڻ کهڙو بااخلاق ۽ هي سندس ڪم وارا کهڙا!“ دل ۾ چيم، ۽ اهو سوچيم ته ڪريم راڄپر کي ضرور ٻڌائيندس ته هي کهڙو آپريٽر آهي، پر پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيومانس ته ”يائو! توهان ڪير آهيو، آپريٽر آهيو؟“

”نه بابا“، هن وراڻيو، ”اڃان ڪو به نه آيو آهي. آئون چوڪيدار آهيان. شام جو فون ڪجو.“

اهو ٻڌي سمجهي ويس ته غلطي منهنجي آهي جو ٿي وي ۽ اخبارن جي آفيسن ۾ زندگي شام بعد ايندي آهي. هاڻ شام جو فون ڪندس. شام ٿي ته ڳالهه وسري وئي. ٻه چار ٻيا ڏينهن گذري ويا ته پوءِ مون ان خواب جي پچر ئي ڇڏي ڏني... هي واقعو مون لاءِ جهڙوڪر خواب ئي ته هو جنهن ۾ ڪنهن کي ڏٺو هوم ۽ خوابن ۾ نظر ايندڙن سان ضروري ناهي ته ملاقات به ٿئي.

پر پوءِ حيرت جي ڳالهه آهي جو منهنجي سنڌ تي ويءَ تان ”صوفي لا ڪوفي“ پروگرام ڏيڻ واري صاحب- سائين ڪنهيالال ناگپال سان هفتي ڏيڍ بعد اوچتي ملاقات ٿي وئي. مون کي ته خواب خيال ۾ به نه هو جو اهڙي حالت ۾ جڏهن ڪنهن همراهه جو پار پتو، نالو نشان معلوم نه هجي ان کي هن دنيا جي ميلي ۾ ڳولي لهڻ - ائين هو ڄڻ بهه مان سئي ڳولهڻ. يعني بيحد ناممڪن ڳالهه. ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ کان ايترو واقف نه آهيان. بس اي ميل کولي ۽ لکي وٺان ٿو يا ڪڏهن ڪڏهن فيس بڪ کٽي کوليندس جنهن ۾

فوٽو Upload ڪرڻ لاءِ بہ ڪنهن کان مدد ورتي پوي ٿي. سو ان ڏينهن فيس بڪ کليو پيو هو تہ اوچتو هڪ سلام دعا جو ميسيج آيو... طرفان “ڊاڪٽر ناگپال”. هونءَ تہ آئون ورلي ڪو جواب لکندو اهيان پر ان ڏينهن اتي جو اتي لکيم تہ “پنهنجو فون نمبر منهنجي نمبر تي Sms ڪجو.”

ٻہ منٽ بہ نہ ٿيا تہ ڊاڪٽر ناگپال Sms ڪرڻ بدران مون کي رنگ ڪيو. خوش خير عافيت بعد سائينءَ کان پڇيم تہ “ميڊيڪل جا ڊاڪٽر آهيو.”

ان تي ٻاڌايائون تہ هو انگلش جا پروفيسر آهن ۽ هو سنڌ ٽي وي تان “صوفي لا ڪوفي” پروگرام نشر ڪندا آهن. مون کي ان وقت بہ ڌيان ۾ نہ آيو تہ هي ڊاڪٽر ناگپال اهو ئي آهي جنهن کي مون ايئرپورٽ تي ٽي وي تي ڏٺو. اهو ان ڪري جو ان وقت تائين مون کي نہ پروگرام جي نالي جي خبر هئي ۽ نہ هن شخص جي نالي جي.

“آئون توهان ڏي پنهنجو هڪ پروگرام واٽس اپ ڪري رهيو آهي. ان کي ڏسي ضرور راءِ ڏجو.”ڊاڪٽر صاحب چيو. جواب ۾ مون جهيڻي هائوڪار ڪئي جو هن عمر ۾ ڪٿي آهي ڪنهن کي همت ۽ صبر جو ويهي ڪلاڪ اڌ جو پروگرام چڱي طرح ڌيان سان ڏسي راءِ ڏئي. ايتري ۾ هن جو واٽس اپ اچي ويو ۽ نہ چاهيندي بہ جهڙو ڪٿي ان وڊيو کي هلايان تہ هي همراهہ تہ اهو ئي اچي مٿي، چشمي ۽ ٽاءِ وارو جنهن جا پار پتا سنڌ ٽي وي جي چوڪيدار کان پئي پڇيم تہ هي ٻريل جسم وارو همراهہ هو. مون کي بيحد خوشي ٿي. هي پروگرام جيتوڻيڪ اهو نہ هو جنهن جو ذرڙو مون ايئرپورٽ تي ڏٺو. پر هي پروگرام بہ ايترو ئي جاڻ وارو، مثالن ۽ شعرن سان ڀرپور هو. مون يڪدم ڊاڪٽر ناگپال کي فون ڪري چيو تہ سائين مون تہ توهان کي خبر ناهي ڪهڙن ٻر پٽن ۽ جهنگلن ۾ پئي ڳوليو. توهان تہ مون کي گهر ويٺي ملي ويائو! ڊاڪٽر ناگپال سان ان ڏينهن کان وٺي منهنجي فون تي خبر چار هلندي رهي ٿي. لڳي ٿو تہ هن ان قسم جا ٽيهارو کن پروگرام ڪيا آهن جن مان هن ڪيترائي مون کي واٽس اپ ڪيا. ڊاڪٽر صاحب مون کان ٻئي ڏينهن ئي پڇيو تہ اهي مون کي ڪيئن

لڳا.

“سائين توهان جي ان پروگرام ۾ ڳالهه ٻولهه ڪا راڳ يا گانو ناهي جيڪو آئون هلندي چلندي يا لکندي پڙهندو ٻڌندو وتان.” مون وراڻيومانس، “توهان جو هڪ هڪ پورگرام سڪون، گهري سوچ ۽ Full Concentration سان ٻه ٻه ٽي دفعا ٻڌڻ جهڙو آهي، جيئن ان ۾ توهان جون ٻڌايل انمول ڳالهيون ۽ نصيحتون، عالمن جا قول ۽ چوٽيون، هينئين سان هنڊائي سگهجن، وڏي ڳالهه ته توهان جا ڳالهه ڳالهه تي ٻڌايل سنسڪرت، فارسي، اردو ۽ هندي سنڌيءَ جا شعر آءُ لکڻ چاهيان ٿو. سچ ته اهو آهي ته توهان جو هڪ هڪ پروگرام مون لاءِ هڪ بهترين گفٽ آهي. هن قسم جي پروگرامن مان هر ٻڌڻ وارو پرائي سگهي ٿو.”

دراصل مون کي ته اها به ڄاڻ نه هئي ته ڊاڪٽر ناگپال جا هي پروگرام . “صوفي لا ڪوفي” ۽ امر جليل جا “ڪلاس روم” يو ٽيوب تي موجود آهن. آئون ڊاڪٽر ناگپال جو ٿورائتو آهيان جنهن مون کي اهو به ٻڌايو ته انهن کي ڪيئن Save ڪجي ۽ وڊيو بدران آڊيو Mp3 ۾Convert ڪجي جيئن آئون ايئرفون ذريعي ڪار ۾ ٻڌي سگهان. خاص ڪري ايئرپورٽ تي، جڏهن اعلان ٿئي ٿو ته PIA جي اڏام ٻه ڪلاڪ Late آهي ته پنهنجي هوائي ڪمپنيءَ کي برو ڀلو چئي گناهه حاصل ڪرڻ بدران ايئرپورٽ جي ڪنهن سانتيڪي ڪنڊ پاسي ۾ ويهي، ڪن ۾ ايئرفون وجهي، ڊاڪٽر ناگپال جي انيڪ “صوفي لا ڪوفي” پروگرامن مان هڪ ٻڌي سگهان.

ڊاڪٽر ناگپال سان فون تي ٽيل ڪچهرين ۾ سائينءَ جن ٻڌايو ته هن جو سچو نالو ڪنهيالال ناگپال آهي. “ناگپال” هن جو ادبي نالو آهي. سندن والد سندرداس پڻ وڏا عالم ۽ ڄاڻو ٿي گذريا آهن جنهن کي سنڌيءَ کان علاوه گرمکي، سنسڪرت، هندي، ارٽ جي وڏي ڄاڻ هئي. ڊاڪٽر ناگپال جو جنم 15 اپريل 1951ع تي پنهنجي ڳوٺ شهداد ڪوٽ ۾ ٿيو جتي هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي. ان بعد انٽر لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ ڪاليج مان ڪئي.

باقي تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ مان هڪ ريگيولر شاگرد جي حيثيت ۾ ڪئي ۽ ٽاپ پوزيشن ۾ انگريزيءَ ۾ ماسٽرس ڪئي. هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن مئڊم امينا خميساڻي ۽ سائين اڪرم انصاريءَ جهڙا ماڻهو انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر هئا.

گرئجوئيشن ڪرڻ بعد ڊاڪٽر صاحب مختلف ڪاليجن ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڻ پڙهايو. نوڪريءَ جي شروعات هن ڪنڊ ڪوٽ ڊگري ڪاليج ڪان ڪئي. پاڻ ڪراچيءَ جي "ڊي جي سائنس ڪاليج" ۾ ٻه يارهن سال هيڊ آف انگلش ڊپارٽمينٽ تي رهيو. 2007 ۾ پروفيسر ناگپال سي آءِ اِي سي ۾ ڊائريڪٽر طور 2011 تاء ڪم ڪيو بعد ۾ رٽائرمينٽ تائين ويهين گريڊ ۾ لياري ڊگري سائنس ۽ ڪامرس ڪاليج سان پرنسپال طور سلهاڙيل رهيو. CSS جي چٽاپيٽي امتحان لاءِ هن 32 بئچون پڙهايون آهن ۽ پڙهائي پيو ۽ SIUT ۾ پڻ ميڊيڪل ٽيڪنالاجي B.S ڪي پڙهائي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب هڪ سٺو اديب، شاعر ۽ ڪمپيوٽر جو ڄاڻو آهي. سندن ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن جيئن ته سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جو ڪتاب: "جيون تاءُ تتيءَ جو". هڪ تصوف جو ڪتاب: "پنهنجو پاڻ سڃاڻ" ۽ "گنج شاهه لطيف". هڪ ڪتاب اردوءَ ۾ هن امر جليل تي لکيو آهي: "امر جليل: شخصيت اور فن."

انگريزيءَ ۾ سندن ڪيترائي ڪتاب آهن جيئن ته شاعريءَ جو هڪ ڪتاب بعنوان: Life'n Dreams جنهن جي 3 ايڊيشن هن ڪتاب سان گڏ ڇپيل آهي.

ان ڪان علاوه شاگردن جي مدد ۽ رهنمائيءَ لاءِ هن انگريزي سکڻ بابت ڪجهه ڪتاب لکيا آهن. ڊاڪٽر ڪنهيا لال ناگپال جي خاص دلچسپي ادب، فلسفو ۽ روحانيت آهي.

ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو ته پاڻ ٻن سالن ڪان سنڌ ٽي وي تي هفتيوار پروگرام "صوفي لا ڪوفي" ڪندو اچي. ان ڪان اڳ هن ساڳي چئنل تان تعليم بابت

پروگرام ”ايجوڪيشن آن فوڪس“ ڪندو رهيو. ان ڪان علاوه هو ”آواز ٽي وي“ تي پڻ هر هفتي ”پنهنجو پاڻ سڃاڻ“ نالي سان پروگرام ڪري چڪو آهي.

پنهنجي پڙهندڙن کي، آئون اهو ضرور چوندس ته هو ڊاڪٽر ناگپال جهڙي Learned ماڻهوءَ جي مٿين پروگرام کي ضرور وقت ڏين ۽ هن ڪتاب کي غور ۽ پيار سان دل لائي پڙهن ۽ ڪجھ حاصل ڪن.

**الطاف شيخ**

**ڪراچي**

1 جنوري 2018

# ويچار واٽ

انسان ڪي اشرف سندس روح الاهي ۽ سوچيندڙ دماغ ڪري ٿو، تہ هو خود ڪي، خالق ڪي ۽ هن هرپل وڌندڙ ڪائنات ڪي سوچ سمجھ ۽ عقل ادراڪ سان پروڙي پنهنجي زندگيءَ جي معنيٰ مقصد ويچاري سگهي ٿو. پنهنجي لاءِ ڪا منزل مقصود طئي ڪري سگهيتو ۽ جي هو ائين نٿو ڪري تہ انسان ڇاجو؟ ڪائڻ پيئڻ، ٻار ٻچا پيدا ڪري نسل وڌائڻ ۽ مري وڃڻ تہ سڀ جانور ۽ جاندار پکي پکڻ بہ پياڪن. هڪ هندي دوهو آهي:

ننډرا يوڄن يوڳ پئہ
اِھہ پسون پرڪ سمان
نرن گيان نج اڌ ڪتا
گيان بنا پسون جان.

ننڊ، کاڌو، سيڪس ۽ پئہ: پيار اهو تہ ماڻهو ۽ جانور سڀ پيا ڪن، پر جي شعور سمجھ ۽ ڏاهپ نہ آهي تہ ماڻهوءَ کي پسون ئي سمجھڻ کپي، تہ هي شعور شروع ٿيندو تہ سڀ کان اول انسان آهيون ۽ سڀ ۾ اهو الک لکي سڀ کي سمان معنيٰ هڪجهڙو سمجھون. ٻار، ٻڍو، مرد، عورت، مذهب، مسلڪ، پنٿ، فرقو سڀ پوءِ. هڪ خالق جي سڀ خلق، مالڪ جو ڪٽنب، اَلخلق عيال الله، **خالق منجھ خلق، خلق سڀ خالق ۾.** سامي سڌ ويچاريو.

ڳولا ڪرين جنهنجي، سوئي تون سلطان،
پيهي پس تون پاڻ ۾، پنهنجي سونهن سڃاڻ،
ناحق ٿيو نادان، ليئا وجهين لوڪ ۾.
(بيدل رح)

ٻيائي ٻولي ڪري، پوري پرم نہ پُل،
هوت تنهنجي هنج ۾، ناحق روہ نہ رُل.
(دلپت صوفي)

آهين خود خدا، ٻيائي توکي ٻيو ڪيو!

پنن منجھ پيهي، تو حرف نہ لڌو هڪڙو،
توکي ڪَلَ ڪِليهي، قاضي ڪتابن جي؟
(سامي)

نڪي قاضي، نڪي ملا، معلم پير ٻڌياسي،
نڪي تاهہ تڳئي جا ٿاهي، رنگ رساءِ رکياسي،
سچل ٻاجهون عشق الله جي، ڪوئي هنر نہ سکيا سي.
(سچل سرمست رح)

اکر پڙهہ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
(شاهہ رح)

هنڌائج هنيئن سان، الف سندي اوڙ،
تہ ڪتابن جي ڪوڙ، منجهان تو معلوم ٿئي.
(شاهہ رح)

علمون بس ڪرين اويار، اڪو الف تيري در ڪار.
(بلا شاهہ)

شاهہ سائين جو سنڌين لاءِ خاص طور ۽ انسانن لاءِ عام طور پيغام:

ڦِريا پسي ڦِيڻ، ڪرن ڪير نہ چکيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.
(ڏهر 3)

ان تي ويچاريو تہ سچ عجيب سامهون ايندو، انگريزي ۾ چئبو.

The nearer he goes to earthly pleasures the more thirsty he feels. Seas can’t quench this thirst even, Ambrosia of NAM (ALLAH) only can quench it. Control mind and senses.

نفس اماره کي نفس لوامہ ڪرڻ لاءِ هي سچ سهي ڪرٽو پوندو تہ زمين جا جسماني مزا جيترا وٺندين اوترو ويندين پوڊائو ۽ بڪايل ٿيندو. جو سمنڊ بہ تنهنجي اِها تاس، اها پياس ۽ اها اڃ نٿا اجهائي سگهن.

بس هڪ الک جو نانءُ ئي تو کي ڊاپيو ڪري ڍءُ ڏئي سگهي ٿو.

تہ لطيف سرڪار طريقو بہ ٻڌائين ٿا.

جسي ۾ جبار جو، خفي خيمون کوڙ،
جلي تون زبان سان، چارئي پهر چوڙ،
فڪر سين فرقان ۾، اسم اعظم ڏور،
ٻيا در وجي مَر ووڙ، اي اَمل اتائين سپجي.
(يمن ڪلياڻ 5)

تہ پلا اهو ضروري آهي؟؟

جواب وٺون ٿا مولانا رومي کان! پاڻ مثنوي ۾ فرمائن ٿا تہ: جيڪو پٽ پاڻ ۾ پيءُ جي ڪا بہ نشاني نٿو رکي تہ ان کي پٽ نہ پر غير سمجهڻ گهرجي، انجو مطلب ڪجھ هيئن ٿيندو تہ جيستائين انسان حقيقت ۽ معرفت جو علم حاصل نٿو ڪري تيستائين هو آدم جي اولاد ڪيئن سڏبو؟ اهي تہ آدم جون نشانيون آهن جنهن لاءِ هن کي ملائڪن سجدو ڪيو هو.

تہ هي حقيقت ۽ معرفت جو علم، جائي اصل صوفن جي منزل مقصود آهي، ان کي سمجهڻ لاءِ هي ڪوشش ڪريان ٿو، تصوف تي ڏاڍا الزام آهن ۽ اڄ جي اسپيس ايج ۽ ڪارپوريٽ دنيا ۾، جتي سوچ ئي تجارتي آهي ۽ هر عمل پئسي جي فاعدي لاءِ ڪيو وڃي ٿو، هت ماڻهو پنهنجو اصل سڪون ۽ انسانيت وڃائي هڪ Commodity تي چڪو آهي، تہ ڏينهن رات وڳوڙ، وسوسي،

انتشار ۽ استريس ۾ گهاري، مختلف بيمارين ۾ سڙي ڳري مري وڃي ٿو!.

ان جي اصل خدمت ٿيندي هنڪي پنهنجي اصل روحانيت ۽ سڪون آرام ڏانهن موٽائي، اندر ۾ خوشي ڳولي لهڻ سيکارجي، هو ته سڀ ٻاهر پيو ڳولي، سڪون پئسي ۾، چين ملڪن ۾ ۽ خوشي مادي حاصلات ۽ ڪاميابين ۾، جي اصل ۾ ناڪاميون ۽ پريشانيون آهن، ويندي حق پائڻ جا سمورا رستا به ٻاهر ۽ ظاهر اسمن ۾پيو ڳولي ۽ رب کان پري پيو ٿيندو وڃي. بلي چيو، **رب تان تيري اندر وسدا وچ قرآن اشاري يا.**

هي حديث شريف **"من عرف نفسه فقط عرف ربه"**

اهو سمجهڻ سمجهائڻ لاءِ هي حقير ڪوشش ڪيان پيو ته پهريائين ماڻهوءَ جو تصورالوهيت (Concept of God) درست ٿئي ٻيو تصوف جي صحيح فڪر، خيال ۽ عمل جي خبر پوي، هي ٻئي مضمون نهايت منجهيل ۽ منجهايل ڪيا ويا آهن، انهن ٻنهي کي سڌائو ڪري ماڻهو جو ماڻهپو موٽائجي، انکي اشرف هجڻ جي بشارت جو سبق ورجائجي ته انسانيت جي خدمت ئي اعليٰ مقام آهي، وارو نُڪتو نکري نروار ٿئي.

خدمت ڪر خلق جي پاند ڳچي ڳل پائي.

ماڻهو چون دنيا ڀلائيندڙ آهي، هي سون چاندي ڦاسائيندڙ آهي، هي اولاد، عزيز اقارب اتڪائي مالڪ کان پري ڪيوڇڏن ٿا. ته انجو هڪ سٽ ۾ جواب آهي، فارسيءَ ۾:

چيست دنيا از، خدا غافل بدن،
نه قماش و نقره، و فرزند وزن.

خدا کان غافل بدن (من، مغز) ئي دنيا جي غفلت آهي. نه ئي سون ۽ چاندي ۽ نه اولاد، زال.

ماڻهو ڪمال جو غافل رهي ٿو، جو گرو نانڪ صاحب تنبيهه ڪن ٿا.

گهٽ ۾ هئه سوجهت نهين، لعنت ايسي جند،
نانڪ اهِ سنسار ڪو، پيا موتيا بندُ.

تنهنجي اندر ٿو وسي پر تو کي خبر ناهي، لعنت آ اهڙي غفلت ۾ رهندڙ جند تي، نظر نه ٿو اچي ته هن جهان جي اکين ۾ ڪارو پاٽي، موتيو لهي آيو آهي.

هي منهنجي ڪاوش آهي ته اهي به ڳالهيون واضع ٿين، هن بي معنيٰ مايوسي، گمراهي ۽ ذهني انتشار ۾ وڪوڙجي ڪيترا اٽاساجيءَ آپ گهات ڪيو ڇڏين يا بي مزي، جيئري مئل ٿي، زمين تي بار ٿي هلن ٿا.

ڏينهن رات جي ٻن پڙن ۾ هر ماڻهو پيو پيسجي ۽ هيءَ چڪي پئي سدا هلندي رهي، جنڊ پيو پيهي ۽ ماڻهو پيا مرن!.

چلتي چاڪي ديک ڪي ديا ڪبيرا روءِ،
دو پاٽن ڪي بيچ ۾ ثابت بچا نه ڪوءِ.

ته سندس پٽ ڪمال ڪبير صاحب کي جواب ڏنو، ته ڪيئن بچجي.

چاڪي چاڪي سڀ ڪهين، ڪيلي ڪهي نه ڪوءِ،
جو ڪيلي سي لاگ رهي، بال نه بيڪا هوءِ.

جنڊ جي وچ ۾ هڪ ڪلي لڳل هوندي آهي، ان ڪِلي سان چنبڙيل انَ جا داڻا ثابت ٿي رهندا آهن، ته هن ڏينهن رات جي هلندڙ ٻه پڙي جنڊ ۾ جا پسائي ٿئي پئي، ان ۾ رب جي نالي واري ڪِلي لڳل آهي، جي جيءَ ان ڪِلي ۾ ڳنڍيل آهن، جڙيل آهن، سي ته ثابت ٿي رهندا، سلامت هوندا، جي مان کي ماري تون هي تون جو ورد ورائن ٿا.

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نه مات.
(شاهه رح)

**علم ڪتابن مان ملندو آهي پر معارفت صرف عشق مان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي** ۽ اهو به فقط انسان کي ئي بخشيل آهي، فقط ان لاءِ ئي ڪيس اشرف المخلوقات سڏجي ٿو. ها صرف انسان ڪنهن به دين، ڌرم، فقي، فرقي، رنگ نسل ۽ قوم جو هجي، پنهنجي اندر صفائي ۽ ٻيائي ختم ڪري، هڪ سان عشق ذريعي هڪ ٿي سگهي ٿو. زنده پرين پائي سگهي ٿو، اصل سڪون، سچي

خوشي، آنند تخليقي ۽ تعميري طاقت، گهري شانتي پائي، پاڻ ۾ مڪمل ۽ ڊاپو ٿي جيون جو اصل مقصد حاصل ڪري سگهي ٿو.

آءٌ ان سچي علم ڪي جو پڙ ڪتابي آهي پنهنجي نالي لکي کو ڪوڙو مان شان پائڻ نٿو چاهيان ۽ نه ئي ان نالي شهرت ۽ شان مان ڪجھ ملندو، مٽي آخر مٽي ٿيندي، نه نالو نشان رهندو. شان ۽ مان ڪنهنجو-؟ مٽيءَ جو؟ نه سڀ هن هَڪَ جو – ڪھ نانڪ سڀ تيري وڏيائي، ڪوئي نانءُ نه جاڻي ميرا.

هون به عرض رکان ته ماڻهو صرف پاڻ ڪي چاهيندو آهي پاڻ ڪي ئي اهم ۽ ڪائنات جو مرڪز سمجهندو آهي. اها آهي ته اوديا. معنيٰ اڌوري ڄاڻ پر جيسين پاڻ نٿو سڃاڻي، تيسين مان مان ئي ڪندو رهي ٿو. دنيا جا سمورا ڪتاب ڇا آهن.....Listen to me ها مونکي ئي ٻڌو! مونکي گرؤ اها سکيا ڏني ته، **"لوڪن ڪي چترائي، اُپما، تي بيسنتر جارِ"** ماڻهو جي واه واه ڪي وڇي باھ ۾ ساڙ، ڇاڪندي، اجايو مٿو ڦري ويندءِ، جي ٻه قدم اڳتي وڌيو آهين اتان به ڪري پوندين ته مان ڄاڻو، ڏاهو ۽ اڪابر ٿي ويس!

سو هي ڪتابي علم، جو سمجھ ۽ سرت وڌائي سگهي ٿو. بنھ ضروري آهي، اوهان اڳيان انهن اصلي ذخيرن ۽ صاحب ڪتابن جي نالن سان رکان ٿو، جن پنهنجي پنهنجي نموني پئي لڌو آهي، لوچيو آهي ۽ هي املھ ماڻڪ موتي اڳيان آندا آهن.

باقي حاصل ته صاحبِ نظر جي بخشش سان ئي سچ پلئہ پوندو، پرين پائي سگهبو، جي من اتي ويچي، ڪجھ ڪين ٿي، ڪنهن ڪامل مرشد جي لڙ لڳي وياسي ۽ بخشش ٿي ته پئون پارنهن!

- نانڪ نَدري ندر نهال
- اُٺ فريدا گون ڪر دنيا ويکڻ جاءِ
  مت ڪو بخشيا مل وڃئي، تون به بخشا جاءِ
- ڪرمي آوي ڪپڙا، ندري موک دئار.

تصوف ڪي پاڻ روحانيت کان وڏيڪ عرفانيت جو درجو ڏيون ٿا ۽ انسان (جنن) جي پيدائش جو مقصد اها عرفانيت واري عبادت حاصل ڪرڻ آهي ۽ جنهن فنافي الله جو درجو ماڻيو آهي اهوئي صوفي چوائڻ جي لائق ٿئي ٿو. صوفي پهريائين سچو موحد ٿي، وحدت جي عميق ۾ ٽپي پوي ٿو. جتان نڪري هو ڪشف المحجوب ٿي، سچو لاڪوفي ٿئي ٿو. جو بس خدا جو بندو آهي، ٻيو ڪجھ نہ— ڪونہ پائينس ڪير؟ **ڇئي جوئي آهيان سوئي آهيان، ڪوڪئين چوي ڪو ڪيئن چوي**.. اهو صوفيءَ جو مسلڪ ناهي تہ دين ڌرم، نالي، مسلڪ ۽ قوم ٻولي ۾ اٽڪي پوي. جڏهن اکيون بند ڪري مراقبي يا سماڌي ۾ وڃي ٿو تہ پنهنجي هستيءَ ئي وساري ڇڏي ٿو ۽ وهم جي اک ٻيائي طرف ٻوٽجي وڃي ٿي، هر جاءِ پرين پسڻ ۽ انجي هستي ۾ پاڻ گم ڪري فنافي الله ٿئي ٿو. هن اڳيان سڀ ڪجھ عيان ٿيو پوي ۽ انهن جي صحبت ڪندڙ ئي هن راز تصوف ڪي سهي سمجهي سگهن ٿا.

یک زمانہ صحبتِ با اُولیا
بہت از صد سال طاعت بی ریا
(مولانا روم)

لطيف سرڪار جن ڇا عجب ڏسيو آهي.

قاتل ڪمائي ڪري وِهُ ماڪي جي ڪن
وٺان ويهي تن، پيچ ڪي پياليون.

ويهڻ ويچن وٽ جي سڪين تہ سگهو ٿئين
اڳين عادت مَٽِ، تہ اگها عاجز نہ ٿئين

ان سنگ ۾ رهڻ لاءِ پهرين ادب سکڻو پوندو ۽ اهو ادب احترام ئي علم سيکاريندو. ياد رکو **'با ادب با نصيب، بي ادب بي نصيب'** ان علم مان کهڻي سان گڏ رهڻي سکبي جا اصل حڪمت ۽ ڏاهپ جا ڏس ڏيندي، هيءَ حڪمت،

زهد معنيٰ پرهيزگاري ۽ تياڳ سيکاريندي، جيسين ترڪ نہ ڪبو تہ طريقو بہ هٿ نہ ايندو. تہ طريقت جي منزل ماڻھو پهريون مقام آهي، جنهن ترڪ بعد الاهي محبت لاءِ دل خالي ٿيندي، چيائون:

هر تمنا دل سي رخصت هوگئي
اب تو آجا کہ خلوت هوگئي.

۽ پوءِ رب جي قرب جو مرتبو ماڻھي سگهبو. سچ هي آهي تہ ان علم جو مرڪز ماڻھو جي دل آهي، جي اها دوئي، حسد، هوس، حرص کان پاڪ ٿئي، ۽ ماڻھو 'مان' فنا ڪري فرشتن وارا آداب بجا آڻي ۽ سندس سلوڪ، اخلاق ۽ صدق جي اعليٰ صفتن جو آئينہ دار ٿئي تہ علم اوهان جي اندران ڦٽي نڪرندو جيئن ڪو آبشار! جي ان ۾ بس الف ئي رهي، ٻيو ڪجھ نہ.

هنڌائج هينئين سان الف سندي اوڙ
تہ ڪتابن ڪوڙ منجهان تو معلوم ٿئي.
(شاهہ رح)

تہ هن علم تصوف جو نزول خاص، ڪشف جي ڪرامت آهي ان لاءِ وليم جيمز بہ چيو تہ: "صوفياڻي واردات ۽ تجربا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن." ڪا ٻولي الڪ ڪي لَڪائي نٿي سگهي، ڇا لفظ جذبا ۽ انيوءِ ٿي سگهن ٿا؟ بنھ نہ! هي اسرار جو علم محسوس ڪري ان مان گذري تہ سگهجي ٿو انکي بيان ڪري نٿو سگهجي.

صوفين لاءِ ذوالنون مصري جو چوڻ آهي تہ "جن الله عزوجل کي هرشي مٿان، سڀ کان عظيم، اعليٰ ۽ اڪبر ڪري سمجهيو تہ الله رب العزت بہ انهن کي هر شي کان مٿاهون ڪري، ڪين ترجيح ڏني." تہ تصوف جو علم ماڻھو کي صفتن ۽ گڻن سان آراستہ ڪري ڪيس عام سوچ، بحث ۽ تڪرار کان مٿاهون ڪري، عارفاڻو ذهن عطا ڪري ٿو، جو بس هڪ مالڪ ۽ خالق جي مدح، صفت، واکاڻ ۽ ڪيرت ۾ رڌل رهي ٿو پوءِ اها کهڙي بہ زبان، مذهب ۽ فقي پنٿ

۾ ٽيندي هجي. هنجو ذهن صاف، دل اوجل ۽ اندر آئينو ٿئي جو جنهن ۾ هو هر شيءِ ۾ خالق ۽ مالڪ ئي موجود ڏسي ٿو. جيئن:

ڪوڙين ڪايائون تنهنجون لکن لک هزار
جيءَ سڀ ڪنهن جيء ۾، درسن ڏارون ڏار
پرينم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان؟
(شاهه رح)

هڪ قصر در لک ڪوڙئين ڪنس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪيان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون

ڏسڻ ڏسين جي، همه کي حق چوين
شارڪ! شَڪُ مَ ني، انڌا انهيءَ ڳالهه ۾.
(شاهه رح)

تہ اهو ڏسڻ سکڻ لاءِ صوفين جي صحبت ضروري آهي، باقي دنيا دارن سان ياري تہ هتِ هُت خواري جو باعث آهي.

صحبت صالح ترا صالح ڪُند
صحبت طالع ترا طالع ڪُند.
جهڙو سنگ تهڙو رنگ

**’حق موجود‘**

آءُ دل جي گهراين سان عزت ماب، امر جليل ۽ هر دلعزيز مئيرين انجينئر ۽ گهڻ گهري ليکڪ مانواري سائين الطاف شيخ جو شڪر گذار آهيان جنهن وڏا وڙ ڪري مون غير معروف ماڻهو تي عزت جا مٿ اُپٽيا تعارف ۽ مهاڳ لکي مون کي احسانمند ڪيو.

Thank you Sir

# تصوف جو بڻ بنياد

منهنجي فڪر ۾ بنياد سنڌ ۾ آهي ۽ تصورالوهيت جا ماخذ آهن **'ويد'**، دنيا جا پهريان ڪتاب. جيئن مان شروع ۾ عرض ڪيو ته هن ڪتاب لکڻ جي ضرورت مونکي محسوس ٿي جڏهن آءُ سنڌ ٽي وي نيوز تي ان عنوان 'صوفي لاڪُوفي' جي سري هيٺ هفتي وار پروگرام شروع ڪيو. هي هڪ حق سچائڻ ۽ تصوف سکڻ سيکارن جي ادني ڪوشش هئي ۽ آءُ ان لاءِ پاڻ کي وقف ڪري چڪو آهيان جا رضا ۽ مشيت سمجهان ٿو. جن شخصيتن کي ان پروگرام ۾ مدعو ڪري حال احوال اوريندا هئاسي، ان ۾ گهڻائي نالي وارن شخصيتن، قلمڪارن ۽ اڪابرن جي هئي، جن جو مان ٿورائتو آهيان ۽ جن مان مون گهڻو ڪجھ سکيو پر افسوس اهو ٿيو ته گهڻائي انهن دوستن جي هئي جن وٽ تصوف ۽ مذهب ۾ ڪو فرق نه هو. ڏاڍو ڏک ٿيو، وس آهر ڪوشش پئي ڪئي اٿم ته انکي سنهنجو ۽ سرل ڪري ڏيکارجي، منهنجي ڳالهائڻ ۾ لطيف، سچل، روحل، بيدل سان گڏ بابا گرو نانڪ، ڪبير، رويداس ۽ مولانا روم وغيره شامل هوندا آهن ته سچڻ چون سائين ته هندن کي پيو ٻڌائي، اهو ته تصوف ناهي، سائين ته هندو آهي، صوفي ناهي! ۽ هر هندو يا ڪو به غير مسلم نجس آهي، ناپاڪ آهي، ڪافر آهي ۽ دوزخي آهي. آءُ ان سلسلي ۾ پنهنجي طرفان ڪجھ نه چوندس صرف قرآن مجيد جو رفرنس ضرور ڏيندس، جنهن ۾ الله! الحمدالله رب العالمين آهي. يا قُل هُو الله احَد الله الصمد آهي. سيني جورب مالڪ مختار، ۽ بي نياز آهي سڀ جو سهارو آهي ۽ وري مالڪ يوم الدين پڻ اهو هِڪَ ئي آهي. ۽ فقط جنهن کي ئي جنت ۽ دوزخ ۾ موڪلڻ جو اختيار آهي. هو الرحمٰن اَالرحيم نهايت ڪريم، ٻاجهارو ۽ بخشيندڙ پڻ آهي. قرآن مجيد جي سوره 2، البقره جي آيت نمبر 62 کي غور سان پڙهيو وڃي ۽ وري سوره 5، المائده ڏٺي سڳورو پنهنجي رحمت ۽ جزا جا در کولي اعلان ٿا ڪن ته، ايمان

وارو هجي يا ڪو بہ يهودي، عيسٰي يا ستاره پرست، ڪير بہ جو 3 ڳالهين ڪي مڃي ٿو.

1. الله جي توحيد
2. يومِ حساب، قيامت
3. خوش اخلاق، خدمت ۽ نيڪي ڪرڻ وارو

تن لاءِ سندن جزا، اَجر مون وٽ محفوظ آهي ۽ ڪين ڪنهن بہ قسم جو خوف، پڇ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

مونکي وڌيڪ وضاحت يا دليل ڏيڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي، تہ رب سڀ جو ساڳيو ۽ بهترين عدل ڪندڙ منصف آهي جو هر هڪ لئہ سندن عملن تي جزا سزا يا بخشش ڪرڻ جو مالڪ مختار آهي.

"عملان اُتي هون نبيڙي، ڪڙي رهن گيان ذاتان."
(بلي شاهہ)

صوفي جي دل پڻ سيني لاءِ ساڳي محبت، قرباني ۽ بخشش ڀري آهي، جنهن جو متوئي انساني عشق ۽ خوش اخلاق سلوڪ آهي.

بري دا ڀلا ڪر غصہ منهہ نہ هنداءِ.
(بابا فريد گنج شڪر)

جو بس پنهنجي نفس سان وڙهي ٿو، پاڻ کي ئي برو سمجهي ٿو ۽ جهاد بن نفس جو مجاهد آهي.

منجهائي منجهہ وڙي پڌر نہ آهيس پير.
(لطيف)

صوفي ڪير بہ ٿي سگهي ٿو، **ٻڌ، مسيحي، هندو ۽ سک، هر مذهب ۾ تصوف آهي پر تصوف ۾ ڪو مذهب ناهي.** ان لاءِ هن ڪتاب لکڻ جي ضرورت ٿي ۽ ٻيو تصورالوهيت بہ فقن، پنٽن جو پنهنجو پنهنجو ڏنم!!.

اهو نہ ڏسو تہ ڪير ٿو ڳالهائي پر اهو ڏسو تہ ڇا ٿو ڳالهائي.
اهو نہ ڏسو تہ ڇا ٿو ڳالهائي پر اهو ڏسو تہ ڪري ڇا ٿو ۽ ڪيئن ٿو ڪري؟

اهو به نه ڏسو ته ڇا ٿو ڪري يا ڪيئن ٿو ڪري پر اهو ڏسو ته نيت ڇا اٿس، ڪنهن فاعدي لاءِ ٿو ڪري؟

هي Corporate تجارتي، ليکي چوکي ۽ فاعدي جي دنيا آهي نيت ئي اصل عمل جو آئينو آهي.

نانڪ ڪو خود خصم مهروان، الله نه وسري، دِل جيءَ پراڻ.

تصوف جي تعليم من ڪرڻ سان جا اندر آشتي، آنند ۽ سانت پيدا ٿئي ٿي، جنهن ڪي وڌائڻ لاءِ صبح شام جي مراقبو ( transcendental meditation) ڪجي ته نه فقط خود اندر تخليقي قوتون وڌن پر ماحول سڄو سڪون ۽ امن جو بڻجي پوي، هي تجربو ڪيل عالمي علم آهي نه شخصي!!.

## UNITY IN DIVERSITY:

ته ان سڪون، شانتي لاءِ سڀ ۾ پرين پسڻ ضروري ٿيو پوي. ڪيڏا نه مذهب آهن، ڪيڏيون قومون ٻوليون ۽ ڪيڏا وري هڪ مذهب ۾ فرقا، ڌرم ۾ پنٿ ۽ رليجن ۾ Sects وغيره وغيره پوءِ نفرت، ساڙ، ڪينو ۽ مارا ماري، دهشت ۽ بيماري يا وري خودڪش حملا! نظر جو فرق آهي، نظريو پلي مختلف هجي انکي قبول ڪرڻ جي سگهه، برداشت هجي. پاڻ ڇو ٺيڪيدار ٿي قبضو ڪرڻ چاهيون ٿا. بس مان سهي ۽ آخري؟ هي هٺ، غرور، اهنڪار، ماٺوءَ ۾ تيسو، انتشار ۽ وڳوڙ پيدا ڪري ٿو پر جي سڀ ۾ پرين پسي، ته پيار اڇي وڃيس، پيار ته خوشي آهي، سڪون ۽ آنند آهي، هميشه باغ بهار، بسنت بهار ۽ نظر ۾ نينهن ڪٽي، ڪل خير... صلح ڪُل ٿي، هڪ دعا هڪ آسيس ٿيو پئون! دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين!!..

سبق ته سولو سرل ۽ سٽائو آهي، دل دماغ به مڃي ٿو.

وحدت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو ٻولي ٻيءَ مَ ڀُل
هي هلاچو هُل، باالله سندو سڄڻين!!..

پر انجي ابتو ٿو پاڙهيو وڃي، دماغ ڪي ڏوئي، نفرت، ڪينو، حسد، ساڙ، سيڪاري، مرڻ مارڻ جا ڏس ڏانو ٿا ڏنا وڃن. ڀلا اهو سبق ۽ انجو جواب ٻڌو!!..

ڪوڙا سامي، ڪوڙا سامن پنڌ
هوت تہ آهر هنڌ، هو وڃن ڇو هنگلاج ۾؟

سچا سامي، سچا سامن پنڌ
هوت تہ آ هر هنڌ، پر هنن ڏٺو هنگلاج ۾.

توهان ڪي ڪهڙو اعتراض؟ ڇا اتي ناهي؟
هر هنڌ حاضر ناظر آهي تہ پوءِ.

تہ مسجد تي ڪهڙو بہ فقو لڪيل هجي، مندر ڪهڙي بہ اوتار جو هجي، چرچ ڪهڙي بہ مسلڪ جي هجي، اسان سيني ڪي هڪ واحد خالق جي عبادت ڪندي ڏسون ٿا. ڪو ڪيئن ڪري! ڪو ڪيئن ڪري! هون بہ هي تہ بندي ۽ مالڪ وچ ۾ جو مسئلو آهي، اسان ڪي دخل ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اسان ڪي تہ پنهنجي ڪردار، گفتار ۽ وهنوار جو فڪر هئڻ گهرجي، پنهنجو حساب ڪتاب ڏيڻو آ، نہ ٻي جو؟؟..

جهہ جهہ جائون، تهان تيري سيوا، تم سِئہ ٺاڪر اور نہ ديوا.
(رويداس)

اري لوگو! تمهارا ڪيا، مين جانون ميرا الله جاني!

جيڪو اندر ۾ سانديناسي، اهو ئي اسانجو ذهن، طبعيت ۽ صحت ٺاهيندو، هي ساڙ، حسد، نفرت ۽ فڪر ڳڻتي ئي BP، مٺا، پيشاب، السر ۽ دل جا دورا ڏيو ڇڏي! خوش ٿيو، سدا کلندا رهو، کلائيندا رهو.

ڳڻتي ڇو ۽ ڇا لاءِ - ؟

ڳڻتي مان ڇا ورندو؟

ڇا علاج ٿيندو يا اُپاءُ آ؟

يا.. ٻيو نقصان ۽ پاڻ بيمار ٿيندو.

ڇو اجائي ڳڻتي ڪرين ٿو؟ ڪنهن کان هرو ڀرو ڊڄين ٿو؟ ڪير تو کي ماري سگهي ٿو؟ روح نه پيدا ٿيندو آهي ۽ نه وري مرندو آهي. جو ٿيو سو سٺو ٿيو، جيڪو ٿي رهيو آهي، اهو به سٺو ٿي رهيو آهي، ۽ جيڪو ٿيندو، اهو به سٺو ٿيندو!!..

تون ماضيءَ جو پڇتاءُ، مستقبل جي ڳڻتي نه ڪر، حال (هلندڙ) وقت هلي رهيو آهي، تون ان ۾ دل لاءِ جيءُ، تنهنجو ڇا ويو جو تون روئي رهيو آهين؟ تو ڇا آندو هو، جو تو گم ڪري ڇڏيو؟ تو ڇا پيدا ڪيو هو، جو ناس ٿي ويو؟ نه تون ڪجهه کڻي آيو هئين ۽ نه وري تون ڪجهه کڻي ويندين، خالي هٿئين آيو هئين خالي هٿئين ئي هتان هليو ويندين، ته پوءِ افسوس ڳڻتي ۽ پشيماني ڇا جي؟؟..

جيڪو وَرتئه هتان ئي وَرتئه، جيڪو ڏنئه هتي ئي ڏنئه، ان مالڪ کي موٽائيندين.جيڪو اڄ تنهنجو آهي، سو ڪالهه ڪنهن ٻي جو هو ۽ سڀاڻ وري ڪنهن ٻي جو ٿيندو، تون اڄ ان کي پنهنجو سمجهي خوش ٿي رهيو آهين، بس اها خوشي ئي تنهنجي ڏکن جو ڪارڻ آهي. ڦيرو، تبديلي دنيا جو واحد سچ آهي، جنهن کي تون موت سمجهندو آهين، اها ئي ته زندگي آ. پر تون امرتا کي نٿو ڄاڻين، هي مال ملڪيت، ڪڏهن ڪروڙ پتي ته ڪڏهن ڪنگال، هتي سڀ گذري ويندو. ان سچ کي سمجهه.

تنهنجو منهنجو، پنهنجو پرايو، ننڍو وڏو، سڀ دل تان لاهي ڇڏ، هي خيال سڀ ڪڍي ڇڏ، پوءِ ڏس سڀ تنهنجو آهي ۽ تون سڀني جو آهين، نه هي جسم تنهنجو آهي ۽ نه تون ان جسم جو آهين، هي مٽي باهه پاڻي ڌرتي ۽ آڪاش جو ٺهيل پتلو آهي، جو آخر ان ۾ سمائجي ويندو، پر تون، تنهنجي آتما اجر، امر آهي، لازوال آهي ته تون ڪيئن مرندين؟ پنهنجو پاڻ ان مالڪ تي توڪل ڪر، ان حوالي ڪر، پورو پيش پئه ته هو تنهنجو آهي، هر وقت تو سان اهو سهارو آهي ته سڀ ڳڻتي، فڪر ۽ چنتا کان آزاد ٿي ويندين، هو ئي اصل مضبوط ۽ اٽموٽ سهارو، آتت ۽ جهل اٿئي، جيڪو ڪرين ڪمائين انجي حوالي ڪر، هٺ دل، موهه نه لاءِ ته سدائين بي فڪر ۽ بي پرواهه ٿيندين، ڄمڻ مرڻ کان مڪت ٿيندين،

خوش رهڻ ۾ خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي، ڳڻتيءَ جهڙي بيماري ڪانهي. توهان جا اڌ فڪر ڳڻتيون ۾ ٻارا، وڏا ٺهڪ ڏئي، دل کولي کلڻ سان گم ٿي ويندا! ڪڏهن کليا آهيو؟ ياد ڪيو... ڏينهن ۾ ڪيترا دفعا کلندا آهيو؟ ٻنهه کو نه، ياد ٻه ناهي ته کو کلڻ ٻه ٿيندو آ؟؟..

اج جي ماڊرن ميڊيسن آهي.

**Laughter Therapy**

کلو ۽ خوش ٿي وڃو، وري وري کلو، هر هر کلو، پڙهو نه پيارا کلو، وڏا کليل ٺهڪ ڏئي کلو، کلي کلي ڪيرا ٿي پئو، ڪتاب بند ڪيو کلڻ شروع ڪيو، ها هونءَ ئي، ڪا ڳالهه نه گهرجي، ايوين ئي کل کل ڪري کلو، ڪي ڪي ڪي.. ها ها کلو، کلو ته کِل ايندي، ٻيا ٻه کلندا، لڄ نه ڪيو کلو، کلڻ هڪ نعمت ۽ شڪرانو آهي، کِلُو..

## سوچ فڪر ۾ (پيئراڊائم) نظريو:

توهان اهوئي آهيو جيڪو پاڻ کي سمجهو ٿا، جيڪو سوچيندا اهوئي ٿيندا، پيلا سچل سرمست کي ٻڌون ته هو پنهنجي لاءِ ڇا ٿو سوچي؟

جهڙو پايم پاڻ کي تهڙو آهيان آءُ
باقي رهيو نانءُ، سچو مون صاحب جو.

پَسي پت پليوس، تان آءُ آدمي آهيان
وڃان جان ويس، ساڳيو سچو آهيان.

ته صحيح سوچڻ، مثبت خيال ۾ معارفت واري سوچ اِتي پهچائيندا ۽ شيطاني حيواني خيال حيوان ئي ڪندا، ته مرضي پنهنجي آهي جو ٿيون! هر دماغ هڪ الڳ ڇاڻي آهي A unique filter جنهن مان خيال ڇڻي ماڻهو ٿاهن ٿا. اج ڏسڻ جو انداز بدلائڻو آهي، جنهن کي جديد سائنس ۾ Quantum Psychology سڏجي ٿو.

دنيا کي اذيت، عذاب سمجهندا ته اهڙي لڳندي پر جي باغ بهار بسنت ۾ ٽڙيل گلن جو باغ ڏسندا ته اوئين نظر ايندي، سک دک ٻه گهٽو ڪري اسان جي سوچ

مطابق ملن ٿا. سڀ ٻاهر، جو آهي سو ته سچ آهي، ان کي قبولڻ ۽ بدلڻ جو پنهنجو هنر آهي، جو هر هڪ وٽ الڳ آهي، گرمي ته 45 ڊگري آهي سڀ پيا سڙون، بجلي نه هوندي پيا ٻرئون، پر جي وڻ جي ڇانو ۾ لڳندڙ ٿڌي هوا جو خيال ڪيون، لڙيل ٻاچن ۾ وڻ مان ويٺل رولو ڪانوَ جي ڪان ڪان جو روماني مزو ماڻيون ته ڪنهن جهليو آهي ڇا؟ واه واه! اڙي چريا اسان کي گرمي بي حال ڪري، پوسٽ ۾ وجهي ڇڏيو آهي تون وري ڪهڙا روماني نظارا پيو ڏيکارين! ڀلا لاهور وڃڻ لاءِ ريل ۾ چڙهيا آهيون يار اجان روهڙي آئي آ. لاهور ڪڏهن ايندو، پريشاني، بي چيني وڌندي پئي وڃي، هي سفر ته ڪٽي ئي نٿو... مٿان رات به اچي وئي، گاڏي ڪنهن دوزخ ۾ گهري وئي آهي، پئي ٿي هلي، سفر ڪٽي ئي نٿو، لاهور اچي ئي نٿو. پر جي سيٽ تي لوڏو رکي ڪيڏون، تاش جا پتا ورهائي برج تي دماغ هلايون يا ڪو ڪتاب، اخبار ۽ سندر ڪهاڻي پڙهون، جيون تي ويچاريون، ڪنهن فلسفي فڪر تي بحث ڪيون ته لاهور پاڻ ئي اچي اڳيان بيهندو.. اهو فرق آهي حياتيءَ گهارڻ جو، ڏک ۽ سک ته سيني وٽ ساڳيا آهن، ائين ئي پيار جا سور، عشق جا ڏنڀ ۽ جدائيءَ جا آرا، جي لونءَ لونءَ زخمي ڪري چاڪ چڪائين ٿا! پوءِ ڪي پٽن ۾ پاراتا ڏين ته ڪي چريا وري ان عشق کي آسيس ڪن، دعائون ڏين، ظالم محبوب کي، جنهن اندر ڪوري ماس پٽيو آ.

عشق کي چوٽ تو پڙتي هئه دلون پر يکسان
ظرف کي فرق سي، آواز بدل جاتي هئه.

ته جيئڻ سکڻو پوندو، هي هنر آ. جو سمجهڻو پوندو ۽ ڏک کي سک، بيزاريءَ کي بهاري ڪرڻي پوندي، نه ته اجائي روئڻ رڙڻ ۽ پاراتن پٽڻ مان ڇا ورندو؟؟؟

**ڏُک:**

- ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري
جني جي ورونهن، سڄڻ آيو مان ڳري.

(شاهه رح)

- دک دارون، سُک روگ پيا
  جان سُک تامَ نہ هوئي.
  (بابا گرو نانڪ)
- ڏکن ڏيکاريوس، ڏونگر ڏس پرينءَ جو.

هي کھڙو اٽپروچ، ورتاءُ آهي ڏکن سان.مون بہ 1980ع ۾ جا شاعري ڪئي هئي ان جون سِٽون ٽيون ياد اچن ٿيون.

ڏکن وڏي ڏات اومنڙا ڏکن وڏي ڏات
سون مان ڪندن، منجھ ڪوٺاري، ڄرڪي ٿئي ڄات.

تہ ڏک ئي جيون آهن، ڏک ئي وڏي سوغات، سوڪڙي آهن ۽ ڏک ئي پرين جو ڏس ڏين ٿا. هن ڏکن جي فلسفي کي پورو سمجھڻ ضروري آهي.

ڏک ڪٿان ٿو اچي؟

ڏک جو بنياد بڻ ۽ جوڙجڪ ڇا آهي؟

ڏک ڪيئن ڏور ڪجن-؟

ڏکن کي سکن ۾ ڪيئن متجي؟

ڏکن کي نرواڻ پد معنيٰ ڇوٽڪاري جو سبب ڪئين سمجھجي؟

**ڏنا جي ڏاتار، مون جھوليءَ پائي جھليا.** ڇا فڪر آهي؟

# مهاتما گوتم ٻُڌ

تصوف جي دنيا مان مها صوفي، هڪ يوگي ۽ فلسفي، جيڪو آزاد ذهن، روشن دماغ ۽ صاف دل، مهان ڏاهو ۽ ڪرم يوگي هو. ايترو سيڪيولر جو هن وٽ خدا جو تصور ئي ڪونهي، جنهن لاءِ پيد پاؤ، ذات پات، فقي پنٿ کان بنهه آزاد، فطري قانون سان ٻڌل، مڪافات عِمل جو سورهيہ سچار!!..

جو ڪندين سوئي توکي موٽي ملندو
جيڪو پوکيندين اهو ئي لٽيندين
جهڙو عمل تهڙو نتيجو.

Every action has equal and opposite reaction

خون پوکي خون ئي لٽڻو پوندو،
گل پوکينداسي تہ گل ئي جهولي پوندا.

اهنسا، هرايذاءَ رسائي کان پري، ٽوٽل Non-Violence جي تصوير، ڪرم نہ ناهيو، اڳرائي نہ ڪيو، ڏاڍ، ظلم، زور، زبردستي ۽ قهر نہ ڪيو. ڪيس ڪنڌؤ تہ ڪيس سهڻا پوندا!

**خبردار – هوشيار ۽ سمجهدار!**

اصل نالو شهزادو سدارٿ، ڪپل وستو جي راجا جي گهر (563 BC) ڄاري لُمبني جا هينئر نيپال ۾ آهي، گوتم خاندان قبيلي ۾ پيدا ٿيو، نسل ساڪيا ۽ سندس راڄڌاني ڪپل وستو اتر اوير هندستان ۾ آهي. سورنهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي همعمر سوٽ سان شادي ڪيائين، ڪيس هر ڏک مرض ۽ بد صورتيءَ کان

پري رکي، جنت جي ماحول ۾ حسن ۽ فرحتي پسگردائي ۾ رکيو ويو هو، آخر ٻاهر نڪرڻ تي هن دنيا جي بدصورتي، بدحالي، ظلم، بيماري، ٻڍاپي ۽ موت کي ڏسي ڏاڍو ڏکيو ٿيو. ماڻهن جي گهٽائي، تڪليف، مرض، ظلم ۽ گهرج جو شڪار ڏٺائين، جي دولتمند هئا اهي بہ سکيا نہ هئا، اهي انتشار ۽ ناخوشيءَ جو ٻَڪُ هئا. سيني کي بيماري ۽ موت وڪوڙيون بيٺو هو!!..

دنيا جي هر خوشي عارضي ۽ اڌوري هئي، جا جلدي ختم ٿي ماڻهوءَ کي اڪيلائي، اداسي، بيماري ۽ موت جي حوالي ڪيو ڇڏي تہ سڄي مخلوق کي هن تپاسي ڇيو.

سروم دُکم دُکم

هن دک، درد، مرض، ۽ موت جي نگري ۾ ڪو بہ سکي ناهي. سڀ ڏک ۽ ڏک ۾ آهن، پهرين پٽ جي پيدائش بعد ئي، هو سڀ سُک تياڳ ڪري سچ جي ڳولا ۾ نڪري پيو. راجائي عيش عشرت ڇڏي هڪ پينو ٿي، گيڙو اوڍي نڪري پيو ۽ ڪيترن گيانين ۽ درسن ڏيندڙ سان مليو، ڳالهہ ٻولهہ ڪئي پر ڪنهن مان بہ متاثر نہ ٿيو. هن محسوس ڪيو تہ سڀ جو ترڪ ڪري سنياس وٺڻ ضروري آهي تہ سچ کي پائي سگهجي ۽ هن ائين ڪيو، گهڻا تسيا، بک ۽ روزن رکڻ بعد هن محسوس ڪيو تہ تن کي تڪليف ڏئي ڪجهہ حاصل نٿو ٿي سگهي تہ پوءِ عام ماڻهو وانگر کائڻ پيئڻ شروع ڪيائين ۽ سنياس ڇڏي ڏنائين. چپ ۾ ڌيان لڳائي، غور فڪر سان پپل جي وڻ هيٺان ماٽ ۾ رهيو تہ سڀ پن ڇٽي اچي سندس جهوليءَ ۾ پيا، سڄي رات گيان ڌيان ۾ رهيو ۽ صبح جو سهي ڪيائين تہ مون اهو سچ پائي ورتو آهي ۽ هو بُڌ معنيٰ روشني يا نور سان منور ٿي ويو آهي Enlightened One هن وقت سندس عمر 35 سال هئي. هن سڄي اُتر هندستان جو سير ڪيو، نئين سچ جي تبليغ ڪندو رهيو ۽ جو پاڻ ڌرم بدلائي ٻوڌي ٿيڻ پيو چاهي تنهن کي قبول ڪندو ويو ۽ (483 BC) ۾ جڏهن انتقال ڪيائين تہ هزارين پوئلڳ سوگوار سندس مَتي تي هلندڙ هئا، هن ڪجهہ بہ لکت ۾ ڪو نہ ڇڏيو سندس ڳالهيون ياد ڪري سندس

پوئلڳن ڪتاب لکيا، سندس سکيا جا خاص 4 ساڌن ڳڻيا ويا جي اخلاقي ۽ ثقافتي لحاظ کان متاثر ڪن ٿا.

1. انساني حياتي ڏک جو تاڃي پيٽو آهي.
2. ماڻهوءَ جو غرض ۽ خواهش ان جو اصل ڪارڻ آهي.
3. ان انفرادي غرض ۽ خواهش کي ختم ڪري سگهجي ٿو، ان ترشنا، منشا جا من ۾ اٽڪي پئي ٿي کي ترڪ ڪري 'نرواڻ' ڇوٽڪارو وٺي سگهبو.
4. هي نرواڻ جي حالت، جنهن ۾ خود غرضي ۽ خواهش ختم ٿئي (ختم نہ ٿيندڙ ترشنا) جا 8 اصول آهن جي هينيان آهن.
    1) صحيح سوچ، صاف خيال
    2) صحيح ڳالهائڻ، مٺي زبان
    3) صحيح عمل يا ڪم، ڪرم
    4) حلال روزي – ايمانداري جي ڪمائي
    5) سچو عمل – ڪوڙ کان انڪار
    6) صحيح سنگت–ويچار ۽ خيال مثبت
    7) سچي رهڻي ڪهڻي– سادگي
    8) ڌيان يا مراقبو – سچ سان ملڻ، معرفت

اهنسا، ڪنهن کي بہ نہ مارڻ، امن پيار ۽ سڀ جو ڀلو، بنا ڪنهن بہ فرق جي ماڻهوءَ جو مانُ ۽ سنيال جيئري پکي پکڻ ۽ جاندار جي ، ان سوچ لکين ماڻهن ۾ ٻڌازم پکيڙيو، سريلنڪا، برما، (ملائيا) انڊونيشيا، تبت، افغانستان، چائينا، ڪوريا ۽ جاپان ۽ هر خطي کي متاثر ڪيائين ۽ دنيا جو وڏو مذهب ٿهي پيو. ٻي سان ائين نہ ڪيو جو جيڪر ڪوئي توهان سان ڪري تہ ڏک ٿئي.

تہ فلسفو اهو ٿيو تہ جيئڻ لاءِ هزار خواهشون ڪرٽيون آهن تہ خواهش ڪجي پر خواهش کي ترشنا ٿيڻ نہ ڏجي، ماڻهو عام زندگي جيئي معنيٰ گهر ٻار، ڌنڌو نوڪري ۽ ڪاروبار هلائي، دل ۾ جي خواهشون پيدا ٿينديون رهن تہ

ڪنهن ڪي بہ ترشنا جهڙي مجبوري نہ ناهي جو اُج ان سواءِ لهي ئي نہ ۽ پوءِ مايوس، اداس تي ناراض رهي، پاڻ کان خفا، اصل ڊپريشن ۾ آٽي! ڪرم ڪندي جو اڪرم جو فلسفو آهي، گيتا انکي ڏاڍي زبردست نموني نيايو آهي تہ ڪرم ڪندي اَڪرم ٿيو. وڏا ڪم ڪيو پر نشڪام معنيٰ انجي ڦل جي چاهنا سان چنبڙي نہ پئو، جيئن چئبو آهي نيڪي ڪر اور دريا ۾ ڊال، تہ اهو ڪم يا ڪرم تو ڪي ٻڌندو نہ، تون سدا آزاد ۽ چٽل رهندين، تنهنجي ڪنهن سان بہ ڪيل نيڪي توکي ياد نہ هجي، تہ نشڪام آ!!..

اسان تہ مهٽا ڏئي ماري ڇڏيندا آهيون، تعنا ڏئي، جٺ ڪري، جڳ ۾ ڍنڍورو ڏيندا سي، تہ دک تہ پنهنجي هٿين ڪٽي ورتوسي، ڪنهن مان بہ ڪا اميد رکڻ، ڏک وٺڻ جي برابر آهي. پاڻ ٻي جي اميد تي هر طرح پورا اچون تہ ڪم ڪري وساري ڇڏيون، مون ان اميد ڪي جا، ٻي مان رکون تا ۽ روئون تا. پنهنجي انگريزي شاعري ۾ چيو.

No Hope; No Tears

تہ اها خواهش، اها اميد ئي ڏک جو ڪارڻ آهي، ڇڏ تہ ڇٽين، سڀ هن لاءِ ڪر ۽ هن ۾ مگن رهہ، ماٺهن ۾ نہ، بس هن هڪ ۾! ماحول ۽ ماٺهن لاءِ پريشان نہ ٿيو، جو ٻئي بي اختيار آهن جي توهان ڪو رد عمل نہ ڪيو تہ ڪوئي ڪجھ نٿو ڪري سگهي. توهان ڪي ڪو ڪونہ ٿو ٻڌي سواءِ توهان جي خيالات جي، توهان ڪي ڪو محدود بہ نٿو ڪري سگهي سواءِ توهان جي ڊپ جي، ۽ توهانتي ڪو بہ قبضو نٿو ڪري سگهي سواءِ توهان جي قبوليت جي: سڀ ڪجھ تہ توهان جي اندر آهي: اختيار ۾ آهي.

# وحدت الوجود

**سوهي، سوهو، سو اجل سو الله، سو پرين سو پساهه، سو ويري، سو واهرو**

پاڻهي پسي پاڻ کي، پاڻ ئي محبوب
پاڻهي خلقي خوب، پاڻ ئي طالب تن جو.

هي بيت سڄي مخلوق ۽ خالق جي هڪ هجڻ جو دليل آهي. هن پنهنجي جلوي، پنهنجي ۽ پنهنجي جمال کي ڪثير ڪري ڇڏيو!

اَنا احمد بلا ميم، هر دوئي هيڪ ٿيا
الاَنسان سري و اَنا سري!

وارو وحدت جو سبق سکڻ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ کي وحدت الوجود. هڪ جي ڪثرت يعني:

وحدت مان ڪثرت ٿي — ڪثرت وحدت ڪُل
حق هقيقي هيڪڙو — ٻولي ٻيءَ مَ ڀُل
هي هُلاچو هُل باالله سندو سڄڻين.

اميد تہ وحدت الوجود کي پڪڙي ورتو يا اجان چٽو ڪجي تہ پوءِ وري ٿا پڙهون ہہ بيت شاهہ رح جا.

1. هڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪنس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪيان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون

ڪوڙئين ڪايائون، تنهنجو لکن لک هزار
جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ ۾، درسن ڏارون ڏار
پرينم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چُوان!

نه هي آواز جو بس وراڪو آهي، اصل آواز نه هڪ ئي آهي، هيو، ۽ ڪائنات نه انجي گونج پئي ڪري، پاڻ نہ سچاڻي الڳ ڪري، پرمجي پلجي پئي جهيڙا فساد ڦهلائي! نہ نہ هن سواءِ نہ ڪو آهي ئي ڪونہ.

پڙاڏو سوئي سڏ، ورائيءَ جو جي لهين
هُئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

پر پاڻ سڀ ڪي الڳ الڳ پيا سمجهون، جو هر شيءِ جو وجود سياءُ ۽ سلوڪ جو الڳ پيو نظر اچي، نہ انڪي شاهہ سائين شرڪ پيو سڏي!

ڏسڻ ڏسين جي، همه ڪي حق چوين
شارڪ! شڪ مَ ني، انڌا انهيءَ ڳالهہ ۾.

ساڳيوئي بڻ بنياد سڀ ڪان اول سنڌ ۾ئي رکيو ويو، جتان پوءِ سڀ مذهب توحيد جي وائي ورڻائي ۽ هي نظريو آيو وحدت الوجود. هت انڪي ويدانت يا ادويت واد فلسفو چيو ويو، **ادويت جي معنيٰ** آهي "جو ٻہ نہ آهي" نہ ان ويدانت تي گهڻن ئي قلم آزمائي ڪئي پر سڀ ڪان سٺي ۽ مچيل ڪوشش شنڪر آچاريہ ڪئي جو مالابار جو هڪ ودوان برهمڻ هيو. 8 صديءَ ۾ هن چار ويدن جي فلسفي ادويت ڪي سمجهايو ۽ ان سان گڏ شرح لاءِ اپنشد، پڳوت گيتا ۽ برهم سوتر رکيا، هن برهم سوترن ڪي ويدانت سوتر بہ سڏجي ٿو. هن جي مصنف جو نالو وري بادريان Badryan آهي، جنهن جو سولو تت ۽ خلاصو ٿيندو نہ:

برهم ۽ ڪائنات هڪ آهن، هي جهان سمورو بس برهم جي ليلا معنيٰ راند ۽ سانگ آهي، جو هن پاڻ وندرائڻ لاءِ رچايو آهي، پنهنجي حسن کي ڦهلايو آهي.

It's all but projection of One

تہ ادويت واد فڪر ۾ ٻيائي جي ڪا گنجائش ناهي، حقيقت مطلق هڪ آهي Absolute Truth One ان کان سواءِ ٻيو ڪنهن جي بہ حقيقت ناهي، ڪائنات برهم ئي آهي ۽ برهم ئي خود ڪائنات آهي، باقي سڄو نماءَ جو نظر پيو اچي هن نظر جو دوکو، مايا يا ڀرم آهي. وجود بس هڪ آهي ۽ اهو برهم آهي، جو حقيقت مطلق آهي، هڪ، هڪ ۽ بس هڪ. وحدت الوجود کي سمجهڻ ٿورو ڏکيو آهي، جو اسان جا دماغ ڄمڻ سان هٽيڪا ڪيا وڃن ٿا جنهن کي انگريزي ۾ چئونProgrammed يا Brain washed سڄي ٻارپڻ ۾ پرنگي وانگر پون پون ڪري، اسان آزاد ذهن جو قدرت جو املهہ عطيو ٻار آڻي ٿو ان کي پنهنجن سوچن جو غلام ڪريو ڇڏيون، آزاد ذهن جي آواز کي اڄ اسين ڪفر، دهريت ۽ ڪميونسٽ وغيره جا الزام مڙهي ملحد ۽ واجب قتل قرار ڏيون ٿا. مثال طور سچل سرمست جا هي سچ، ڪو قبولي؟!

سچو سائين هيڪڙو ناهي شڪ گمان
ڪاٿي پڙهي پوٿيون، ڪاٿي پڙهي قرآن
ڪڏهن ڪرشن ڪانُ، ڪڏهن احمد عرب ۾.

بندرابن ۾ بينڪ ميري، رمز سچل دي الٽ اَروپڙي
گنگا جمنا وچ سنان، نانڪ لڇمڻ ميرا نام.

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪُل
الف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامو هُل
هندو مومن هڪ ٿيو، ڀول نہ ڀي ڪنهن ڀُل.

خلق الاشياء فهوعينها، اهو آڻ عمل
ٿج گلابي گل، مر مارنئي منصور جان.

تہ رب جي هن راز کي جو منصور ڏُهرايو تہ ڪيس قتل ڪري ساڙي، سندس رک اڏائي وئي، هيءَ هيو رب جي عشق جو اسرار، تہ سچ چوڻ جي سزا ڀل ڏين پر سچل وڏي واڪي پيو سچ چوي.

پسي پيت (خودي/جسم جي) پليوس، تان آءُ آدمي آهيان
وڇان جان ويس (پاڻ کان پري/فنا) تہ ساڳيو سچو آهيان.

هي وحدت جي وائي، هر صوفي ورائي آهي. ڪهڙي بہ ديس ۾ ٻوليءَ جو هجي، وحدت الوجود جو راڳ پيو رڳن ۾ وڄي.

تن تسبيح، من مڻيون، دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن
وحده لاشريڪ له، اهو راڳ رڳن
سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت اُن جي.
(آسا 4)

ڪيو مطالعو مون، هو جو ورق وصال جو
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نہ لخطي جيتري.

تہ اها خبر وصل بعد ٿي پئي، جڏهن پاڻ فنا ڪيو ويو! تہ وحدت جي وادي ۾ تون ئي تون ٿو گونجي، ميران ٻائي جو هي بہ سٽو ڪيڏو سندر آهي:

www.sindhsalamat.com

ساجن هم تم ايڪ هنئ، ڪهڻ سڻ ڪودو
من ڪو من سي توليئي، دو من ڪبهون نہ هو.

هت مڻ جو وٽ ڪٽي جي ڪا جنس توري وڃي تہ اها هڪ مَڻ ڇٽبي ۽ نہ پر، تہ هي فنا ڪائڻ جو راز سمجهڻ تہ پرين ۾ هستي گم ڪرڻ ئي بقا پائڻ آهي. گرو نانڪ صاحب ان فقيري لاءِ چيو.

فقيري چيست؟ ابتدا فنا است، انتها بقا است

تہ پن جو تصور ختم! فنا ٿيڻ جي شروعات ڪئي سي تہ آخر ۾ بقا ئي بچندي، جو هو تہ قائم دائم آهي، سدا ساڳيو، سچ، امر، اجر اجوني ۽ سدا ٿر رهڻ وارو اڪيلو سچ!

جاڪارڻ جڳ ڍونڍيا، سو تو گهٽ هي مانهہ
پردا ديا پرم ڪا، جانتي سوجهت نانهہ

وحدت الوجود جي هن فلسفي کي صديون اڳ اسان يونان جي فيلسوفن وٽ بہ پڙهون پيا. پارمينڊس هڪ يوناني مفڪر چوي ٿو تہ حقيقي وجود فقط هڪِ آهي جوازلي ۽ ابدي آهي Truth of Being هو 514 قبلِ مسيح يونان جي Elea ۾ پيدا ٿيو ۽ مشهور فلسفي فيٿا غورث جو 6 صدي قبلِ مسيح جو شاگرد هو، پارمينڊس هڪ Non – Confirmist وانگر پنهنجو الڳ رستو اختيار ڪيو ۽ هڪ الڳ نظريو ڏنو، جو اڳتي هلي 'سچ جو نظريو' جي نالي مشهور ٿيو. سندس اهڙي سوچ ۽ ذهانت ڪري خود افلاطون Plato بہ سندس نالو احترام سان وٺندو هو. سندس وجود Being جو فلسفو هڪ سيڪيولر ۽ عملي هو. جيتوڻيڪ هو زينوفينس Xenophenes کان اهو فلسفو ورتو پر هو هڪ مذهبي انداز ۾ پر چارڪ هو، جڏهن تہ پارمينڊس انکي ان مذهب مان آجو

ڪري منطق تي بنياد رکيو، جو هر هڪ لاءِ ئي سچ جو نظريو ثابت ٿيو. اڄڪلهه بہ تصوف سان ساڳي جُٺ آهي، هر مذهبي مفڪر انڪي پنهنجو سچ ثابت ڪري ٿو. جڏهن تہ هي هڪ خدا ۾ سمورن بندن، بلڪ ڪائنات جي توحيد جو فڪر آهي. جنهن ڪي مذهب تائين محدود ڪري ماڻهو نہ منجهايا وڃن. زينوفينس جيئن تہ هڪ شاعر ۾ گائڪ هيو، جو بنجاري وانگر ڳلي ڳلي ۾ ڳائيندو هو يا ميلن ملاڪڙن ۾ پنهنجا شعر ٻڌائيندو هو، جي مذهبي مرثيا يا Hymns هوندا هئا پر سندن بنياد هڪ خدا جو تصور ۾ گهڻن خدائن جي پرستش کان انڪار هيو. هن ماڻهن جي روايتن عقيدن ۾ انڌ شرڌا تي حملا ڪيا، ديوتائن جي خلاف ڳالهايو، جو ديني ديوتائن جون شڪليون ۾ خصلتون ماڻهن جهڙيون هيون ۾ انهن لاءِ بہ چوري، زنا، ننڳي ۾ دولاب جون ڪيتريون ڪهاڻيون هيون. جيئن هندو مئٿالاجي ۾ اڄ بہ عام آهي، اهي پڙهيون، ٻڌايون وڃن ٿيون ۾ هن انهن ديوتائي مٿس ڪي مڪمل رد ڪيو تہ خدا هڪ آهي جو ڪنهن بہ طرح انسان جهڙو نہ آهي، جيئن هندو ويدن ۾لکيل آهي "نہ تسيہ پرتيما استي" خدا جي ڪا بہ شڪل صورت ناهي پر پوءِ بہ ديوتائن جون مورتيون خدا ڪري پوڄيون وڃن ٿيون. زينوفينس جي سوچ ويدن جو فڪر هئي "ايڪو ستہ دويتو ناسي" صرف هڪ خدا آهي ٻيو ڪو بہ ناهي، ناهي يا "ايڪو ادويتم" هن جهڙو ڪو بہ ناهي. هن هڪ جو ئي ڪائنات تي حڪم هلي ٿو – زينو لاءِ هي ڪائنات ئي خدا آهي. جو هو ڪائنات ڪي زنده حقيقت سمجهي ٿو جا محسوس ڪري، انسٽنڪٽو Instinctive سوچي ٿي. سڄي ڪائنات تي غور ڪيو تہ فقط هڪ هستي جي موجودگي محسوس ٿيندي، اهو هڪ خدائي آهي جنهن ۾ ڪا ڦير گهير يا تبديلي نٿي اچي، هي Absolute Truth جو تصور ڪائنات جي نظم وضبط مان ثابت ٿئي ٿو، هتي "همہ اوست" سڀ هو آهي جو صوفي تصور پيدا ٿئي ٿو.

پارمينڊس ان ۾ سائنسي سوچ ۽ دليل شامل ڪيو ۽ ان فڪر کي اڳتي وڌايو، مثال هتي هر شيءِ ۾ تبديلي ايندي رهي ٿي، جو هاڻي آهي سو پهريائين ڪونه هو، ڪا به شيءِ هميشه ساڳي حالت ۾ نٿي رهي پر بدلبي رهي ٿي. مثلاً ماڻهو جانور ۽ هر جاندار پيدائش کان مٿبو، بدلبو آخر موت جو بک ٿيو وڃي، ته اهڙي عارضي ڪائنات ۾ آخر سچ ڇا آهي، جو نه بدلجي، نه ختم ٿئي ته اهو پارمينڊس ٻڌايو حقيقي وجود يا Being جو نظريو، جو اصل کان قائم ۽ دائم ۽ نه مٽجندڙ نه تباهه ٿيندڙ آهي.

ان کي لفظن ۾ چئي نٿو سگهجي، ڏيکاري نٿو سگهجي، هو بيان کان ٻاهر آهي ته هيئن آهي هونءَ نه آهي، سندس نه ماضي آهي ۽ نه ئي حال يا مستقبل يا بس هنجو وجود قائم آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ اسين Is – ness (Am-ness) چئي سگهون ٿا.

هي آهي وحدت الوجود جي ابتدائي شڪل ۾ فلسفو جنهن کي ابن العربي، شيخ اڪبر هڪ اسلامي فڪر جي شڪل ڏني، هن فڪر ۾ ائين ئي چيل آهي ته هن ڪائنات ۾ جيڪي به شيون موجود آهن انهن جو پنهنجو ڪو وجود ڪونهي پر اهي سڀ مظهر آهن هڪ خدا جو ۽ الله ڪانسواءِ ڪنهن جو به وجود قائم دائم ڪانهي، سڀ وجود ڪن قانونن تحت هلن پيا جي سڀ قاعدا قانون خدا ۾ موجود آهن. هي مادي شڪليون ان قانونن جون ظاهري مظهر آهن، هنن وجودن اچڻ کان اڳ هي خدا ۾ موجود هيون ۽ هيئن سندس مرضي مطابق خدا جي وجود جوئي مظهر آهن، هن سڄي ڪائنات جو ڪارڻ پڻ خدا آهي ۽ ڪارڻ نتيجي ۾ موجود هجي ٿو. بلڪل تهڙي طرح خدا هن ڪائناتي ڪارڻ ۾ موجود آهي ۽ ان کان جدا يا الڳ نه آهي. جيئن چيل آهي "المخلوقات عين وجود الحق" يعني مخلوق سموري ئي خالق جو وجود آهي. روح بابت فڪر

۾ ابن العربي جو خيال آهي تہ انساني روح وري روح ڪائنات کان جدا نہ آهي پر انجو حصو بہ نہ آهي، ڇو جو روح جا حصا نٿا ٿي سگهن، هي جزن ۾ ورهائجي نٿو سگهي پر ڪُل آهي. ها باقي انساني روح ڪائنات جو انفرادي عڪس ضرور آهي، خالق کي مخلوق کان جدا سمجهڻ ائين آهي جيئن اسين ڪنهن شي جي هڪ رخ کي ان کان الڳ ڏسون ۽ سمجهون، انساني روح پنهنجي پنهنجي اصل ڪُل کان جدا ٿي هتي حيران پريشان ۽ بي چين آهي ۽ پنهنجي اصل جي جدائي ۾ روئي ۽ رڙي ٿو ۽ هو هتان نڪري ڪُل ۾ شامل ٿيڻ يعني محبوب جي وصل لاءِ بيقرار آهي، هو هن خاڪي جهان ۾ جا تڙپ، بيقراري ۽ اڃ محسوس ڪري ٿو تنهن کي ئي 'عشق' چئجي ٿو، پنهنجي اصل جي تانگهہ، تڙپ ۽ هجر، ورهہ جا ويڻ جي شاهہ جي شاعريءَ ۾ صوفي ڪلامن ۾ چٽا ۽ واضع آهن. هن فلسفي کي سمجهڻ بعد ئي اهي ڪلام واضح ۽ وائڪا ٿيندا نہ تہ ڳجهہ ڳجهاندر جون ڳالهيون لڳنديون.

شنڪر آچاريا ۽ ٻين ان فلسفي کي ادويت واد جو نالو ۽ آتما پرماتما (روح ۽ ڪُل) جي لفظن ۾ ساڳي فڪر کي واضع ڪيو ۽ ملڻ ۽ وصل لاءِ ڀڳتي معنيٰ عشق ئي آخري سچ ڪري سمجهايو، باقي جوڳي يا جوڳ جنهن جي معنيٰ بہ وصل آهي لاءِ ڀِريان تپسيا ۽ تياڳ يا ويراڳ جا نظريا ڏنا جنهن کي صوفين چاليها ڪڍڻ، جسماني تسا، مجاهدن ۽ ترڪ جي لفظن سان ياد ڪيو: جي اڳتي هلي ترڪ جي ترڪ ڪرڻ معنيٰ هر پنهنجي خواهش ڇڏي مڪمل پيش پوڻ، رضا ۾ راضي رهڻ جو عاشقن وارو عشقي سبق سڪيو.

"ساچ ڪهون سن ليهہ سبي، جن 'پريم' ڪيو تنهي پرڀ پايو"

(گرو گوبند سنگهہ)

- عشق لڳئي تہ ڪر آمين، نہ منجھ ڪفر نہ منجھ دين.

- سچل ٻاجھون عشق الله جي ڪوئي هنر نہ سکياسي.

(سچل سرمست رح)

مذهب عشق از همه دينها جدا است
عاشقان را مذهب و ملت خدا است.

(مولانا روم)

هينئر هر صوفي ڪلام سولو لڳندو جي عشق وارو عيني ياد رهي. لطيفي هي تمنا ۽ دعا سمجھ ۾ ايندي، غور سان پڙهجو سڄڻو! تہ هي اڃ، پياس ۽ طلب ئي اصل وصال آهي، شل نہ لهي.

ڏوريان ڏوريان مَ لهان، شال مَ ملان هوت
من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سين ماني ٿئي.

آءُ ڏورئين شال مَ لهئين، تن مَ مليئن تون
لونءَ لونءَ منجهان مون، لوچ تنهنجي نہ لهي.

آءُ ڏورئين شال مَ لهئين، پرين هئين پري
هڏ نہ ساهہ سري، تن تسلي نہ ٿئي.

ڀلا ڪو پنهنجي تن کي تسلي نہ ملڻ جي بہ دعا گھرندو ڇا؟ وڇوڙي کي پسند ڪندو ڇا؟ ساهہ نہ سرڻ جي بہ صدا هڻندو ڇا؟ ڪو سور لاءِ ٻاڏائيندو؟؟..

صدا هيم سور جي، اڳيان ڪوهياري
جو نجس نيڪاري، سو پرين وڌم پاند ۾.

تہ هي درد ئي تہ دارون ٿو ٿئي، جدائي جا سور ۾ ڏک ئي تہ پتو ڏين ٿا پرينءَ جو.

ڏيکاريس ڏکن، ڏونگر ڏس پرينءَ جو.

بابا گرو نانڪ جي بہ چون ٿا تہ،

دُک دارون سک روگ پيا
جان سُک تام نہ هوئي.

هي ڏک ئي منهنجي دوا دارون آهن جن ۾ تون مالڪ ياد اچين ٿو، اُهي سُک گهوريا جن ۾ تون وسريو وڃين، تنهنجي تام، طلب نہ ٿي ٿئي.

ڏک سکن جي سونهن
گهوريا سک ڏکن ريءَ
جنهين جي ورونهن، سڄڻ آيو مان ڳري!

تہ لطيف فراق ۾ ڦوڙائي جي طلب پيو ڪري . وصال تہ وڃان اچي پرين پري ڪيو ڇڏي، غور ڪيو، لطف وٺو لطيف جي هن لطيف اللطيف فڪر جو، هن بيت کي ويچاريو سڄڻ!

ڦِري آءُ فراق! مونکي وصالان وڃ پيو
جي ٿي چڪيم چاڪ، سي پرين گڏجي پوريا.

تہ عاشق چاڪ چڪڻ ۾ خوش آهي، جو هر سور جي سٽ پرين پاسي وٺي ٿي وڃي، توڙي چڪن چاڪ تہ بہ آڳ نہ سلن عام سين، بلڪل ساڳي ڳالھ ڀڳت ڪبير ٿو ڪري تہ خدا مونڏي اچڻ لاءِ چيو تہ هت وئنڪٺ (سرڳ، جنت) تنهنجو انتظار ٿي ڪري تہ ڪبير هيٺيون جواب ڏنو.

“رام پروانا پيجيئا، واچ ڪبيرا روءِ
ڪيا ڪرون تيري وئنڪٽ ڪو، جهان ساڌ سنگت نہ هوءِ”

مون کي تنهنجي ياد، سار ۽ پچار ۾ مزو ٿو اچي جا ساڌ سنگت، صحبت صوفين مان ملي ٿي، تنهنجي سرڳ جي ڪا چاهہ ناهي، تنهنجي فراق ۾ پچڻ لڇڻ ۽ سارجا سور سهڻ ۾ مزو آهي.

ڪامان پچان پڄران، لڇيان ۽ لوچيان
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي، پيان نہ ڍاپان
جي سمنڊ منهن ڪيان تہ سرڪيائي نہ ٿئي.

تہ ايڏي تڙپ، لوچ ۽ لوڇ، اهڙي اڄ جو سمنڊ سُرڪ ۾ ڳهي وڃي. پرين جو پيار، عشق جو آزار آهي، جو جيءَ ڏني ريءِ نہ ٿئي.

عشق نہ آهي راند، جو ڪنس ڪي ڳيرو
جيءَ جسي ۽ جان جي، پڇي جو هيڪاند
سسي نيزي پاند، اُڇل تہ ٻہ اڌ ٿئي.

اهڙي قرباني ڪر تہ پرين ملئي، ستاءَ تہ ڏسو جيءَ، جسي ۽ جان جي هيڪاند نہ ٿئي، تہ فنا ڪٿان ملندي ۽ بقا ڪيئن ٿيندين، هي صدقا ۽ قربانيون پئسن تي ڪرڻ مان پرين ڪو نہ پلئہ پوندا، هيءَ ئي اهو فهم آهي جنهن سان پرين پسجي.

نمازون ۽ روزا، اي پڻ چڱو ڪم
اي ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

اهو فهم سکڻ آهي

اڪيون سي ئي ڌار جنهن سان پسين پرينءَ ڪي
ٻي ڏي ڪين نهار، سڄڻ رسيارو گهٽو.

ٻن ترارن جاءِ ڪانهي هڪ مياڻ ۾
خودي ۽ خداءِ، ڪيئن ماپندا من ۾.

اسان تہ هن دنيا ۾ اهڙو مست آهيون جو پرين تہ پارٽ ٽائيم جاب آهي. هي رنگينيون، مزا ۽ خوبصورتيون!! لطيف سائين چئي اهي ڦيڻ آهن، جا ڪير ڏهڻ تي مٿان جمع ٿيندي آهي، بس اهي ڏسي ڏسي هٿ ڪرڻ جي ڏڪ ۾ لڳل، آخر مريو وڃون، ڪجھ هٿ نہ ايندو.

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرن ڪير نہ چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين وڃائي ولها ٿيا.

ڪبير صاحب چئي ٿو:

اي جو دنيا سحر ميلا
دستگيري نانھ.

هي جادو جو ميلو آهي دنيا، جادوگر جي هٿان ٿهيل نوٽ، ڊالرز،جي ڪنهن ڪي بہ ڪو نہ ملندا. تہ هيءَ دستگيري معنيٰ هٿ اچڻ جي دنيا ناهي، ڪيئي دارا، سڪندر، قارون، راوڻ ۽ هرنا ڪشپ هليا ويا، خالي هٿين.

پر پاڻ ڪٽي وڃڻ جي طلب ۾ لڳل آهيون.

طمع جي تنوار مٿان ڪرين مگٽا
ڏکي ڪنڌ ڏار، ڏئي ماٺڪ مٿ ۾.

ها ها تو ڪي ڏيندو، جو داتا آهي، ماڻڪ بہ ڏيندو پر کھڙي ڪم جو! نيٺ بہ پٿر ئي هوندو. تون جڏهن هتان هليو ويندين. مرزا قليچ بيگ چيو.

دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو تہ ڇا ٿيو
آخر مليو نہ رب هِڪُ، ٻيو سڀ مليو تہ ڇا ٿيو؟؟

پر ڪو سمجھي، هن تماشائي مايا کي سھي ڪري وجھي ۽ رب ڪان رب گھري، انجي طلب ۾ تڙپي، لڇي، ڪامي، پچي، پڇري تہ پڪ سمجھو. 'طلب هو تہ مِلُ هو.

هي دنيا جا شراب (پيئڻ جون شيون، ڊرنڪس) ڇا ڏءُ ڏيندا؟**اندر جني اُڃ، پاڻي اُجو تن ڪي**،جي فلسفي کي سھي ڪيون.اهو فلسفو طلب جو، اڃ جو ائين سمجھيو تہ!پنھون پاڻ پيار تہ اُڃ سان اُڃ اجھائيان.جيڪو ٿيندو ان طلب مان، جا پوءِ 'پاڻ سڃاڻڻ' ۾ ڪم ايندي. پاڻ سڃاتو تہ پرين سڃاتو، هي وحدت الوجود وارو فڪر فرحي هٽ ڪري، ماٺ مطالعو ڪيون ۽ پنون (وجود جو) اهو پڙهون جنھن مان پسجي پرينءَ کي. سسئي، پنجن سرن ۾ ڏونگر ڏاريا، رُڃ وجود جي لتاڙي تہ خبر پيس تہ پنھون تہ پاڻ هئي. خدا ڪٿي ٻاهر ناهي، ڊڪ ڊوڙ وٺڪار وڃڻ اجايو آهي. هِت ڳولھ هوت کي، هو ٻئي پار ڪون ٿو وسي، ها نائين نيڻ نھار، تو ۾ ديرو دوست جو.پھريائين هي ٻاهرين دوئي، ٻيائي لاھ، جَرُ ڪجُر اکين مان صاف ڪر، هڪ، هڪ هر هڪ ۾ هڪ ڏس، همہ کي حق چوين، بس هِڪُ ڏس، هي دين ڌرم جا فرق ڦٽي ڪر.

پڇين جان دوست تہ پاسي ڪر پرهيز کي
جنين ڏٺو هوت، تن دين سڀيئي دور ڪيا.

تہ رب جي راھ پائين ۽ پاڻ کي پرک، تہ هوت تہ پنھنجي هنج ۾ آهي، ڇو ٿي ڏونگر ڏورئين؟؟

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نہ ڪا ڪيچن ڪاڻ
پرين تيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

هو ڪيچ وارو پنهون نہ پر اصل پنهون تہ پاڻ هيس، بس پرم پلايو. ساڳي ڳالهہ مومل راڻي جي بہ.

ڪاڪ چڙيائون ڪنڌ تي، پاڻان ويا پئي.

سسئي آبري جو فقط هڪ سر، هن راز ڪي ملڻ جي سگهہ ڏئي ٿو.

هتان ڪٽي هُت، جن رکيوسي رسيون
ساجن سونهن سرت، وڪاڻ ئي ويجهو گهڻو.

بس من لڳائڻ، عشق لڙائڻ جي ڳالهہ آهي، هِت نہ پر هُت.

رانجها رانجها ڪردي، مين آپي رانجها هوئي.

تہ هي وائي.

تون تون ڪرتا تون ٿيا، مجهہ ۾ رها نہ مون.
جب آپا پِرڪا مٽ گيا، جت ديکون تت تون.

ٻيائي واري ٻي جڏهن وسري وئي تہ تون ئي تون نظر آئين. جيڏانهن ڪيان پرک تيڏانهن صاحب سامهون تہ شاهہ سائين سيکاري ٿو!!..

ڪونهي اُت ڪوهيار جت تو پوري پانئيو
پنڌ مَر ڪر پهاڙ ڏي، وجود ئي وڻڪار
ڏاريا پائنج ڏار، پڇ پريان ڪر پاڻ تون.

پنهون چڙهيو پوءِ، جانب جبل ڳولين
تيلانهين تُنگون ڪرئين، جيلاهين تون جوءِ
ساجن سڄ نهارئين، ڏکي ڏوهه ڪيوءِ
هاڙهي هوت نه هوءِ، وري پڇ وينين ڪي.

۽ ساڳي پٽي جو ڳين ۽ ناٿن ڪي به پيو پڙهائي.

ناٿ جنهين ننڊ، تت نه نهاريو جوڳيين
ڪي ڪُويسا هيا ڪاپڙي، پُريا پرانهين پنڌ
هو هنهين هنڌ، تي هنهين ويا هنگلاج ڏي
ناٿ جنهين هنڊِ، تت پڻ نهاريو جوڳيين
سي سو سياهيا ڪاپڙي، پريا پراهين پنڌ
هو هئو هن هنڌ، هُن هنگلاجان هٿ ڪيو.

جن اجهيو تن نه ٻجهيو، ويٺي گڏين وير
ڏوري ڏٺائون ڏک سين، پاڻ منجهان ئي پير
لٿو تن لطيف چئي، جُسي جو زنجير
ڪين ڏٺو هو ڪاپڙين، ڪابل ۽ ڪشمير
سڄ جنين جو سيرُ، تن گهر ويٺي ئي گڏيو.

ته گهر ويٺي به پرين پائي سگهجي ٿو ته تيرٿ تڪيا ڇا جا؟؟

گهر ويٺي پرين پائڻ لاءِ سرمست عشق جي ضرورت آ، ائين جو.

شال نه وسرين تون، لوڪ سيوئي وسري.

جي ڪيفيت، هر وقت حضور قلب، سدا ساڻ سپرين ۽ ان مدهوشي ۾ ٻڌل رهڻ لاءِ صوفين شرابن جو تصور ڏنو جو وجد ۽ پاڻ وساري 'هنئيون حاضر'

هجڻ جي علامت آهي. دنيا کان بيخبر پرين کان باخبر! هُن ڪي هر هنڌ هر وقت ۽ هر حال ۾ ساڻ هجڻ، ڏسڻ نہ محسوس ڪرڻ ۽ حضورئي ۾ حاضر هجڻ ئي سيني چِلن ۽ مشاهدن ۽ مشقتن کان بهتر ۽ گهر ويٺي پرين پائڻ آهي.

هي مُنڌ شراب جو تصور گهڻو پراڻو آهي. يوناني ديوتا اولمپس تي جو شراب جو خمار آهي تنهن کي Nectar جو جُز ۽ عرق جي معنيٰ ۾ اچي ٿو، تنهن جو استعمال آهي. داروڙن جو ديوتا ’شو‘ جنهن کي مهيشور بہ چئجي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي مها ايشور ان کي شراب جو ديوتا پڻ سڏيندا آهن. ان شراب کي سوم رس سڏجي ٿو. ان لفظ مهيشور کي سنڌي ۾ مهيسر چئبو آهي جو شاهہ سائين پڻ استعمال ڪيو آهي.

جي اٿئي سڌ سُرڪ جي، تہ ونءُ ڪلالڪي ڪُوءِ
مهيسر جي منڌ جي، هُت هڏهين هوءِ
جان رمز پروڙيم روءِ، تان سر وٺ سرڪي سگهٽي.

يوناني ديو مالا ۾ Dionus شراب ۽ انگور جو ديوتا آهي. هن جا مريد جڏهن شراب پي مدهوش ٿيندا هئا تہ پاڻ وڃائي هن ديوتا ۾ گم ٿي ويندا هئا، ديوتا سان هِڪ ٿي ويندا هئا. اهڙي طرح شاهہ سائين چيو.

”منڌ پيندي مون ساجن صحيح سڃاتو“

۽ هي منڌ ۽ ميخانو عشق جو دُڪان آهي. ڪلال اهو پرين آهي جو پاڻ پياري تہ اچ سان اچ اجهڻ جو تصور سمجهہ ۾ اچي ٿو نہ تہ اها اچ سمنڊ پيئڻ بعد ۾ سرڪيائي نہ ٿي!

پرهہ جا پياڪ جڏهن ورن ٿا تہ ميخانو ئي پي وڃن ٿا پر ڍاپو نٿو ٿئي، هي هڪ بيت ڪافي آهي:

جُ سي اگڻ آئيا، تہ سرو ڪندا سُج
سائي ٽيندي اُڄ، هي پيتو، هو آڻ ڪِي.

ايڏا پياڪ جڏهن هڏڪين ۾ پون ٿا جو هڏڪيءَ مٿان هڏڪي ۽ خمار لهي ئي نہ! گرو نانڪ صاحب چيو:

نشا ڀنگ، شراب، چرس، افيم ڪا، اُتر جاءِ پربات
نام خماري نانڪا، چڙهي رهي دن رات!

عشق جو نشو لهڻ جو ناهي، ڏينهن رات جي هر پهر ۾ پرين پاسي هجڻ ۽ ان جي نام، اسم اعظم ۾ مست رهڻ، جيئري پائڻ يا گهر ويٺي پائڻ جو عمل آهي، جو اڄ جي افراتفري، مايوسي، فرسٽريشن ۽ ڊپريشن جو علاج آهي. نہ ڊاپنڊڙ پياڪ لاءِ شاهہ سائين ميخاني جي ماڪ مٿان وجهڻ جا خوبصورت تصور پيو ڏئي، هر نشي جي پيالي بعد اجان آڻ جي وائي پيو ڪدي.

گهٽن ۾ گهٽڪن، وٽيون پين وِهہ گاڏيون
"بر خيز بده ساقي" پيارِ ڪي پرين
پڪين نہ پرچن، مٺ تڪياؤن منجهيان.

وجهج واٽاڙئن تي، ميخاني جي ماڪ
ٽيندي سڏ سپ ڪنهن، هنڌ هنڌ پوندي هاڪ
پره جا پياڪ، جُ سي اگڻ آئيا.

تصوف جو رستو جو بين الاقوامي ۽ هر ماڻهو لاءِ هڪجهڙو آهي جو هن ۾ ڪنهن بہ فرق فقي، ذات پات جو جهنجهٽ ناهي. جي آيا سي اگهيا واري سپ لاءِ بسم الله الرحمٰن الرحيم واري واٽ آهي. يعني بندي ۽ خالق ۾ سڌو رابطو: جو عشق جي، سڪ جي سڳي ۾ جڙي ٿو، هي تصور پهريون دفعو Plotinus

نالي فلاسافر A.D 205 ع ۾ پيش ڪيو. هن خدا جو تصور سراپا حسن و جمال طور پيش ڪيو. اهڙو محبوب جو عاشق جي دل ڪسي وٺي ۽ هو سندس وصل لاءِ بيقرار، بي چيني ۽ بي آرام ٿي پوي. ان نظام نينهن جي ڪري هي ڪائنات قائم آهي. اسلام جا اوائلي مفڪر، صوفي جن ڪي ’اخوان الصفا‘ چئبو هو سي ان فڪر کان بيحد متاثر ٿيا ۽ پنهنجن رسالن ۾ ان جي تفصيلي سمجهاڻي ڏني آهي، تہ بندي جو عشق حقيقي ئي اصل ماڳ آهي ۽ هي عشق مجازي جي دوکي کان پيا خبردار ڪن.

مجازي موهي ڪڏهن ويندءِ نڪري.

ان کان اول ڪتي بہ ڪنهن بہ شاعر وٽ، محدث وٽ، خدا سان عشق جو تصور نٿو ملي. اهو پلوٽينس ئي هو جنهن چيو، روح ڪي پنهنجي منبع کان وڇڙڻ ڪري، ان ڏانهن واپس وڃڻ جي ڇڪ، تڙپ ۽ ڪشش رهي ٿي. خدا جي ايڏي محبت، جا عاشق جي انا، خودي ۽ ’پاڻ‘ ڪي فنا ڪيو ڇڏي. اها فنائي شاهہ سائين جي ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ تفصيل سان چٽيل آهي.

سرجدا ڏڙ ڏار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾
سي مَرُڪن پچار، حاضر جنجي هٿ ۾.

اصل عاشقن جو، سر نہ ساندڻ ڪم
سوءِ سسنئان اڳرو، سندو دوسان دم
هي هڏو ۽ چم، پِڪَ پريان جي نہ پڙي.

جي مٿي وٽ مڙن، تہ سپ ڪنهن سڌ ٿئي
سر ڏني سٽ جڙي، تہ عاشق ائين اچن
لڏا تي لپن، ملھ مهانگا سپرين.

ملھ مھانگو قطرو، سڪڻ شھادت
اسان عبادت، نظر ناز پرين جو.

ڪوٺي ڪهي سپرين، ڪوٺي ڪھڻ ساڻ
نيزي ھيئان نينھن جي، پاسي ڪرمَ پاڻ
ڄُل وڃائي ڄاڻ، عاشق! اجل سامھون.
(سُر ڪلياڻ)

تصوف ۾ موت، اجل جو مطلب طبعي موت ناھي پر اندر جي انا، مان ۽ پاڻ وڃائڻ جو مطلب آھي، جنھن بعد بندو وصل لائق ٿئي ٿو. ھينئر شاھ چٽو ۽ واضع ٿي سجھ ۾ ايندو.

سور تماري جي مران، تان مون ڏوھ م ويچ
ڏبن پيري ھٿڙا، دارون دوست! ڪريچ

ڪانڌين ٽانڊين پاپرين، پڇان مر پيئي
جيرا، جگر، بڪيون، سيخن ۾ ٽيئي
ويڃنئون ويئي، ٽي وھيٽي سڄڻين.

پتنگ چائين پاٽڪي، پسي مچ مَ موٺ
سھائي سپرين جي، گھڙ تہ ٽئين گھوٽ
اجان تون اروٽ، ڪوري خبر نہ لھين.

اجان تنوران ڪالھ، ڪڍيا سون سڄڻين
پڻ تاپائون تڪڙو، وحدت جي وڏان
محبتين مٽان، مچ مورائين نہ لھي.

سهسين جئن سانداڻ، ڏکن متي ڏڪڙا
وهِ وڃائي پاڻ، ڏي ڏٻائون ڏگرين.
(سُر يمن ڪلياڻ)

۽ ٻيا ڪيترا بيت، جي توهين پاڻ پڙهي عشق جو آنند وٺي سگهو ٿا تہ پلوٽينس لئہ روح جو مالڪ لاءِ سڪڻ ۽ سڏڪڻ ئي اصل تصوف آهي ۽ پاڻ سڃاڻڻ ئي مالڪ ملڻ جو ڏس ڏانو آهي.

جو مون پڙهيو پاڻ لئي، سبق سابق جو
پهرين سڃاتم پنهنجي، نفس جو نِهو
جتِ عرفان اصل ۾، تي روحن روز ڪيو
وري ورق پيو، گڏيم وڍِ وصال جو.

تہ پڙهڻ ۽ علم جو غرور، ۽ نہ ئي چاليها ۽ تسا تن ڏئي فخر ۽ شان حاصل ڪرڻ جو ماڳ آهي. بس هڪ سان هڪ ٿيڻ جو هنر، جي مرشد سيکاريو ۽ مهر سان ورق وريو تہ پوءِ ٿيو سفر سجايو.

تهڙا چاليها نہ چالي، جهڙو پسڻ پرينءَ جو
کهڙي ڪاتب ڪرئين، متي پنن پيه
جي ورق وارين ويهہ، تہ اکر اهوئي هيڪڙو.

پوءِ صلاح ٿا ڏين هر وقت نام ۾ رهڻ، اسم اعظم سان اور اورڻ جي، پنهنجي پاڻ ۾ ورونهن، پاڻ کي پڙهڻ، پرکڻ ۽ الک لکڻ!!..

تن ڪڏي، من حجرو، ڪيم چاليها رک
ڪوهہ نہ پوڇيو پوڇئين، انئي پهر الک؟
تان تون پاڻ پرک، سڀ ڪنهن ڏانهن سامهون.

تہ انئي پھر ان ڪار ۾ رذل رھڻ سان پرين پاڻ مان پائبو. ھو ڪٿي ڪونھي بس تنھنجي اندر آھي نائين نيڻ نھار، جي اتي ڏئوسي، پاڻ سڃاتوسي، تہ رب ھر ھڪ روپ ۾ نظر ايندو.

جيڏانھن ڪيان پرک، تيڏانھن صاحب سامھون.

وحدت الوجود جي موجود ابن العربي جو قول آھي تہ: "منھنجو مذھب محبت آھي ۽ منھنجي شريعت بہ محبت آھي." تصوف ڪو نظريو يا مذھبي فرقو ناھي، اھو تہ فرد جو فرد سان حسن اخلاق آھي.

# تصوف، نہ ڪنھن مذھب جي ميراث

## صوفي ازم، مسٽزم، روحانيت، معارفت ۽ ويدانت

هن لفظ ڪي نئون رنگ، نوان اصطلاح ۽ نيون معنيٰ ڏئي خاص طرح مغرب وارن ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. هر هڪ پنهنجي پنهنجي طور طريقي سان ان ڪي ٻڌائي، سمجهائڻ بدران منجهائڻ جو ڪم ڪيو آهي ۽ پوءِ بحث مباحثا ۽ غلط روايتون شروع. اڄ هن نئين ڪارپوريٽ دنيا ۾ هن ڪي بلڪل نڪمو ۽ ناڪاره ڪري عجيب پروپئگنڊا ڪئي وڃي ٿي. پر پاڻ ڪان اِهو سَنو، سهيو نٿو وڃي. روحانيت جا اڻڃاڻ جوڳي جي نئين دنيا ۾ انڪي Yoga جون مشقون ڪري، جسم تندرست ۽ جانٺو جوان رکڻ لاءِ پورا جيمخانا ۽ ڪلبن جا قيام ڪيون وينا آهن، ڪي مذهبي رنگ، تہ ڪي طبعي صحت جا ساٿ ڏئي عجيب مونجهارا منڊي ويا آهن.

هن ڪتاب جو مطلب ان ڪي سلجهائي، سنواري، سرل ڪري اڄ جي نوجوان ۽ اينڊڙ نسل لاءِ بہ راهہ روشن ڪري ونجي. تہ صوفي لاڪُوفي معنيٰ ڪنهن ٻنڌن ۾ ٻڌجڻ سواءِ هڪ روحاني انسان ٿئي ٿو، سچل سائين جي وصف آهي، هندو مومن ناهيان اويار، جوئي آهيان سوئي آهيان، ڪو ڪئين چوي ڪو ڪيئن چوي! تہ ان سچ ڪي سمجهڻ ۽ پکيڙڻ لاءِ آءُ هتي آغا غلام نبي صوفي جو سچل سر مست تي لکيل ڪتاب تان ٽڪرو ڪٽان ٿو، جو منهنجي سوچ ۽ فهم مطابق آهي.

“انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ تصوف جي علم ڪي عرب نئون عملي جامو پهرائي، ان جا جرمس ساري دنيا ۾ صوفي جي نالي سان پکيڙي ڇڏيا،

مگر درحقيقت ائين چوڻ جو اهو مطلب نہ آهي تہ ڪو تصوف جو علم بہ صوفي لفظ وانگر عرب جي عملي دنيا جو ظهور آهي، نہ نہ هرگز نہ. جنهن زماني ۾ عرب جي صوفين مس پرڙا تي ساهِيا، تنهن سمي بلڪ ان ڪان گهڻو اڳ هند جي نگريءَ ۾ يوگين ۽ صوفين پرواز تي ڪيا. من موهن هند جي رهبر ڪرشن جي گيتا، يوگ وديا ۽ تصوف جي پوري پوري شاهدي ڏئي رهي آهي. ڇا گوتم جي اهنسا تصوف نہ آهي تہ ڇا آهي؟ جن جو ويدن سان واهپو هوندو انهن کي معلوم هوندو تہ هنن پاڪ شاسترن جو هڪ هڪ لفظ واقعي تصوف (يوگ) جي خوشبوءَ سان معطر آهي، ڪرشن جي مرلي، من موهيندڙ صوفين جي موسيقي علم جي ثابتي ڏئي رهي آهي. مطلب تہ تصوف دنيا جي ڪا ڪنڊ ڪين ڇڏي آهي.

مغربي دنيا جي تاريخ تي تي نظر اڇلائجي تہ حضرت عيسيٰ ( Jesus Christ) جي پياري پياري صوفياڻي زندگي تي اکين اڳيان ڦري.

”جيڪڏهن ڪو ڪٽي هڪ ڳٽي تي چماٽ هڻي تہ ان کي صبر سان ٻيو ڳٽو ڦيرائي ڏيو.“ (قول حضرت عيسيٰ).

واقعي اها هن نماڻي پيغمبر جي صوفيانہ خيالن جي هڪ زبردست ثابتي آهي. عيسائي مذهب جا ناستڪ فرقي وارا صوفي نہ هئا تہ ڇا هئا. انهيءَ فرقي جو اصول ئي روحاني طاقت (آتمڪ ٻل) وڌائڻ جو هو. آخر اهو فرقو آهستي آهستي ويو آهي پيورٽن ۽ پائيٽسٽ ۾ بدل سدل ٿيندو.

مغربي ايشيا جي موسيقي علم جي مست مهراڻ جي موج، برهہ جي بي بايان بحر مان تصوف جي علم جا موچارا موتي، جي زماني تي ظاهر ڪيا تہ حضرت موسيٰ پيغمبر (Prophet Moses) جي زماني ۾ ظاهر ڪيا. سو وري ڪيئن جو هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ جهنگ ۾ اڪيلو سير لاءِ ويو، جتي هوا جا صاف ۽ سڳنڌ پريا جهوتا، نهرن جي شفاف ۽ پاڪ پاڻيءَ جا پريم پريا پڙلاءَ، سر سبز شاخن تي پکين جون لطف ڀريل لاتيون، روح لاءِ راحت بخش هيون، پر حضرت موسيٰ جو ڌيان ڪنهن ٻي ڌن ۾ هيو، اتي الهام ٿيس چئي 'يا موسيٰ

قي’ (اي موسيٰ پڌ) حضرت موسيٰ جو آواز هڪدم انهن عجيب آوازن ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ اهي پريم سان پر پڙلاءُ سندس زبان تي رهوار رهيا، جن مان طرحين طرحين جا سر نهندا ويا، جي سندس ماڻهن ۾ پڻ مروج ٿي باقاعده راڳ جو رنگ وٺندا ويا، نه فقط ايترو پر انهي آواز ‘موسيٰ قي’ مان لفظ موسيقي ان فن (علم) تي پئجي ويو، جنهن کي انگريزي ۾ Music ۽ فرينچ ۾ ميوزيڪي سڏجي ٿو. ۽ حضرت موسيٰ جي پوئلڳن علم موسوقي سان واهپو رکيو ۽ انکي ايسيني فرقو ڪري ڪوٺيندا هئا، مٿين ذڪر مان معلوم ٿيو ته تصوف جو صوفي لفظ وانگر ڪنهن خاص زمين جي ٽڪر کي شرف مليل ڪونهي بلڪ ساري زماني جي زيست وارن جي باطن جو علمي خزانو آهي.

در حقيقت تصوف جي ڄاڻ ڪنهن به حد اندر بند ڪين آهي (لاڪُوفي)، نڪي بند رهندي، اهڙي ڄاڻ جي ڄاڻيندڙ کي سڏين ٿا صوفي.

جز گم شدن شنو آ شڪارا
آن صوفي باصفاء نبا شد.

(اي آشڪار! اهو صفائي وارو صوفي نٿو ٿئي جو گم نٿو ٿئي)

انکي سرمست جي وڏي طالب نانڪ يوسف پنهنجي سرائيڪي سنڌي بيت ۾ هئين آندو.

“گم هو کي ويک نظارا آپ سارا
محبوب کي صورت مين.”

هن سچ کي سمجهڻ لاءِ ته اصل انيؤ، تجربو گهرجي ٿو هي Applied Science آهي جنهن جي ليبارٽري انساني جسم آهي، جنهنجو تعلق ڪنهن به مذهب، مسلڪ، ڌرم، پنٿ، رنگ روپ ۽ قوم سان ڇو نه هجي. مرشد (ٽيچر) جي رهنمائي ۾ پنهنجي اندر ليبارٽري ۾ وڃڻ جو گم، گُر ڪان سکي ته سڄي ڪائنات عالمِ ڪبير Macrocasm پنهنجي اندر جي عالم صغير Microcasm ۾ ڏسي سگهي ٿو. هي جڳ پراڻو علم آهي جنهن سان توحيد جو، نفس کي سمجهڻ جو، ۽ سڀ ۾ سائين ڏسڻ جو ڏسُ ملي ٿو. هينئر آمريڪا

۾ ان تي هڪ يونيورسٽي MUM ٺهيل آهي، جنهن جا سائنسي استاد Quantum Physics ڪي اندر جي Supreme Consiciousness ڪي نئون نالو Unified field چئي هر ممڪنات جو مرڪز سڏن ٿا. وجوديت کي آسان ڪري سمجهائيندڙ هي فڪر هاٽي اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽي ڪورسز ۾ شامل آهي جنهن مان هڪ نه انيڪ انسان، قومون ۽ علائقا مستفيد ٿي سڪون، امن، پيار ۽ تخليق جي اڪيچار قوتن کي اجاگر ڪري چڪا آهن. وڳوڙ، مونجهارا، انتشار ۽ سرير جون نفسياتي ۽ طبعي بيماريون ٺيڪ ڪري دنيا کي امن، خوشحالي ۽ صحت جا تحفا ڏين پيا. پر پاڻ اڃان ذهني مدي خارج سوچ ۾ هن ڊائنامڪ سائنسي ۽ ترقي يافته سوچ نه پر عمل ڪي به قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون. اسان ته سيني انسانن کي هڪ سمجهڻ وارو سبق به اڃان نٿا سکون، رب العالمين ۽ رحمت العالمين ته چئون ٿا پر عالمن وار عالم جي سيني انسانن کي هڪ ڪٽنب، هڪ پروردگار جا بندا نٿا مڃون، ڪهڙو عقل آهي، هر مذهب ائين ٿو چئي ڪُل خلق عيال اللهAll Human beings are One family يا مانک ڪي جات ايک پهچانبو گرو گوبند سنگهه All Human are One Race ته هي سڀ ڪنهن لاءِ؟ زبان سان مڃون، عمل کان انڪار ڪيون. رب چئي ٿو ته مان تنهنجي شهه رُڳ کان ويجهو آهيان ۽ اسين ان کي ٻاهر پيا ڳوليون، ڪجهه سچل سائين جون سٽون ان سمجهه سمجهڻ لاءِ حاضر آهن جو هي پهريون سبق آهي، نه پڙهيوسي ته ڪتاب ٿي سمجهه ۾ نه ايندو، فقط ان لاءِ دنيا ۾ دهشتگردي، مارا ماري ۽ خودڪش ڌماڪن جو راڄ آهي: جو پاڻ انسانن کي ڪڏهن به ڳنڍيو نه، پر مذهب ڌرم ۽ رليجن جي نالي ۾ ورهايو، وڏيڪ سيڪٽ ٺاهي ڏار ڏار ڪيو ۽ اڄ جا گلوبل ٽيررزم (Terrorism) آهي، سا اسان جي ئي نتيجي عمل جو ڦل آهي. جيتوٽيڪ هو سچو سياسي چڪر وڏيڪ آهي.

Cause & effect – Every action has equal and opposite reaction

جو پوکينداسي، اهوئي لڻڻو پوندو، نفرت، ويڇا.

۽ ورهاست ڪري محبت پيار ۽ ايڪي اتفاق جا ميوا ڪٽان پيدا ٿيندا.

هلو هلو ڪوريين، نازڪ جنين نينهن
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سگهيا.

يا

محبتي ميڙي ڳوٺ ٻڌجي هڪڙو
تني جي ويڙهي پاڻ ٿي ايندو پاتشاهہ.

مٿيون گلوبل وليج محبت جو علاج آهي، دهشت جو توڙ. تہ لطيفي فڪر ڪي اڄ سنڌ بہ ڇڏي پئي ۽ هتي جي ڇوڪري بہ دهشتگرد سوچ کان متاثر ٿي، خودڪش ڌماڪو ڪرڻ وڃي پئي. شڪارپور جهڙي تهذيبي شهر ۽ قلندر جهڙي بين الاقوامي نگري ۾ ڌماڪا ڪيا ويا. بنا مقامي مدد جي ڪيئن ممڪن آهن؟ اسين شارڪ ۽ انڌا ٿيندا ٿا وڃون جو رب مڙيئي هيڪڙو جنهن ۾ ڦند نہ ڦير نہ ڏسون ۽ لطيفي حل وارو محبتي عالمي ڳوٺ بہ ڪن نہ ڪيون.

تہ مون پئي ڳالهہ ڪئي سچل سرمست سرڪار جي ڪجهہ بيتن جي، تہ اچو ٻڌون ۽ مڃيون، مڃيون نہ پر عمل ڪيون صاف نيت سان ماڻهن سان عشق پروردگار پسڻ بعد هِڪُ سمجهڻ، وحدت جي وائي،

عشق جنهان کو غمزا لايا، اهي اور ڪتاب نہ پڙهسن
وچ ڪفر اسلام مذاهب، عاشق ڪڏان نہ اڙسن
مار نغارا حق دا سچل، سولي سر آ چڙهسن.

ملان جي ڪردار تي فرمايو:

مسجد دي وچ، ڪاڻ تڪر دي، ڏيندي بانگ صلاتان
منهن چپي، ڏاڙهي ڏنگي، خام پڙهن خلواتان
عام ليکي روزي رکندي، هڻ ڪاوڻ ديان آفاتان
سچل راهہ نہ اها سچ دي، برهہ واليان ٻيان باتان.

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو
ڪٿي انا الحق چئي، ڪٿي ڦيرائي فرمان.

يا هي اڏ سٺ ئي ڪافي آهي:

"محبوب ڳولي ڏس من ۾"

پلا هيٺين آيتءَ ڪريما ڪي ڪيترو عمل ۾ آندو، غور فڪر سان سوچيو.

دريءِ منجهان دوست ڏٺوسون لالڻ پاتو ليو
صحي سڃاتم، يار يقينئون ٿيو
خلق الاَشيَاءَ فهُو عَيَنُهَاء، شڪ وڃون سڀ ويو
ڪٽي وڃان آءُ خوشيءَ سان، سرتيون جي سنهن ڏيو
عقل مت شرم سڀ، نينهن انهن جي نيو.

ڏوٽي منجھ ڏيان، آهي آڏوتن جو
گم ٿي گر گم گودڙيا، ڪن گروڙي گيان
اصل ڪان اشنان، گنگا جمنا تن جو.

نہ مان ڪيڙو ڪڙڪو تسبيح، نہ ڪيڙم زهد عبادت
نہ ڪي مندر مسجد ويڙس، نہ ڪيڙم تقويٰ طاعت
سچل جو ٿيو بخت سوايو، جو ڪيڙي عشق عنايت.

مذهب سيني ۾ ڪجھ عمل معنيٰ ڪرڻيون آهن +Dos ۽ Don'ts جون هدايتون آهن. اسان ظاهراً ڪرڻيون تہ ڪيون پيا پر هدايتون ٻڌون ئي ڪونہ، مثلاً: هڪ بي گناهہ انسان جو قتل سڄي انسانيت جو قتل آهي ۽ هر هڪ چئي پيو، پڙهي پيو ۽ ٻڌائي پيو ۽ گڏوگڏ هِت هزارن سِرن جا لابارا لٽبا رهيا آهن، تاريخ جا ورق ورائي ڏسو، ساڳي طرح امن برداشت ۽ قرباني جو سبق ڏيندڙ عيسيٰ جا پوئلڳ صليبي جنگن ڪان وٺي نيو ورلڊ آرڊر ۾ عراق، شام، افغانستان ۽ سڄي ٽئين دنيا ۾ ڪهڙا ڪيس پيو ڪري، هندن جا پنٿ ۽ ويچا پيا

هڪ ٻي ڪي مارين ۽ وڙهن، انڊين پنجاب، ڪشمير، آسام روهنگيا، فلسطين ۽ مصر ۾ ڪيتري خونريزي ٿي رهي آهي. ڊرم ڪٿي آهي رڳو اڌرم ۽ انياءُ آهي ۽ اڄ جيڪي دهشت جا واقعا لنڊن، نيو يارڪ، پيرس ۽ ٻين مغربي ملڪن ۾ ٿي رهيا آهن، سي سڀ ڪهڙي هدايت جو عمل آهن. ته انهن فرقن کي ڦِٽي ڪرڻ لاءِ سچل سائين چئي ٿو.

وقت اها ٿي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي
ڪڍ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل
هندو مومن سان ملي،ڪر محبت جا ميل
متان ٿيئي اويل، اولهه سج نه اُلهي.

عمر جو سج وجي ٿو لهندو پر پاڻ ان فرقن ۾ پيا ڦٽڪون. رب ڳولڻ يا ڪائناتي قوت Cosmic Energy پائڻ لاءِ بس اندر امن ۽ سک جي دنيا ۾ وڃڻو آهي.

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولي لهج پاڻ کي
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندي ڄاڻ سڃاڻ
مکڻ اکر هڪڙو سوئي ڪير سنياڻ
اهو اٿئي اهڃاڻ، ڳهلا انهيءَ ڳالهه جو.

ته ان ست کي جا پيرولي آهي ته ڪيئن پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندي ڄاڻ سڃاڻ، مان هتي هيل سلاسي 1 جو سٽائو سبق لکان ٿو جو Ph.D ڪيلن کي به سمجهه ۾ نٿو اچي، جي اهو ڦهلايو وڃي، بحث ڪري هن کي ذري ذري ۾ سهي ڪجي ته ڌرتي جنت ٿي پوندي، جا هينئر مذهبي نفرتن، ويڇن ۽ تعصبن ۾ رتورت ٿي پئي آهي.

اسان پيدائشي ماڻهو آهيون، ڪو مڃڻ لاءِ تيار نه آهي. ثبوت گهرجي ته حاضر آهي جو اسان جو ذهن تعصب ۾ري ڇڏيو آهي. ثبوت آهي ڪو به نئون ڄاول ٻار، جنهن جو ڪو به نالو ڪونهي، ذات، مذهب، فقو، پنٿ، ملڪ يا قوم

ڪونهي. هاڻي اهو ٻار جنهن ڪي ملي اهو ان کي پنهنجي پٽي پڙهائي، ان جو هڪ مذهب، پنٿ، ٻولي، قوم وغيره ڪري، هن جو دماغ ڀريندو رهي ٿو. مثلاً: گند تي اڇلايل ٻار ڪو، ڪميونسٽ ڪٽي ته سيڪيولر ٿي پوندو، هندو ڪٽي ته هندو ۽ آمريڪي ڪٽي وجي ته، آمريڪن شهري ٿي انگريزي ڳالهائيندو. ڇا ائين سچ ٿو چوان؟؟ غور ڪيو ته مجو، پيدائشي انسان پنهنجي اصليت انسان ئي رکي ته سڀ انسان سندس ڀائر آهن پر هتي ائين ناهي ته هيل سلاسي 1 کي ٻڌون.

Sprituality does not come from religion. It comes from our soul.

“We must stop confusing religion and spirituality, religion is a set of rules, regulations, and rituals created by humans which were supposed to help people spiritually. Due to human imperfection religion has become corrupt, political, divisive and a tool of power struggle. Spirirtuality is not theology or ideology. It is simply a way of life pure, and original as given by the Most High. Spirituality is a network linking us to the Most High, the Universe and each other.”

# ساهہ جي سائنس

## سماڌي، مراقبو يا ميڊيٽيشن ۽ معارفت

صوفي ازم، تصوف جي ٿيوري گھڻا مونجهارا، خيال ۽ فقا فرقا پيدا ڪيا. جن ماڻهن کي الجهائي ويڙهائي اجان پري ڪيو. تصوف، جو هيڪڙائي وحدت جي وادي ۾ سموري انسانيت کي پيار جي سڳي پوئي هڪ ڪرڻ جو علم آهي، سڪون، خوشي، صحت ۽ تخليق جي سپريم سائنس آهي.

جا قوت جي سرچشمي Unified field يا جاڳرتا ۽ ڄاڻ جي ساگر جو نالو آهي. هڪ عملي سائنس آهي. Transcendental Meditationهن ڌيان لڳائڻ Concentration جي عمل کي آڳاٽي سنڌ ۾ Raja Yoga ڪري سڏيندا هئا. انجي تعارف ۽ عمل کي سمجهائڻ جي آءُ هڪ ڪوشش ڪريان ٿو، جنهن بعد ئي هي مضمون ۽ فلسفو سهي، سمجهي ڪري عملي طرح سکي سگهجي ٿو. هي پاڻ سڃاڻڻ جو عمل آهي جو نهايت فطري، سادو ۽ بغير ڪنهن مشقت جي آهي. جنهن لاءِ 5 سالن جي ٻار کان عورت يا مرد ويندي 80-90 سالن جا پوڙهاپڻ ڪري اصل اطمينان، سڪون، خوشي ۽ تخليقي سمهيل سرچشما پاڻ ۾ جاڳائي سگهن ٿا.

دماغ جي مٿين جاڳرت حالت ۾ اسين جي اکيون ٻوٽي اندر سانت ٿيڻ جي ڪوشش ڪنداسي تہ وڏي خيالن، ويچارن ۽ فڪرن جي ڪُن ۾ ڪري پونداسي ۽ گھڻا سڄڻ، مرد عورتون پوءِ اهو عمل بند ڪيو ڇڏن ۽ دانهن ڪري چون تہ اسان گهڻي ڪوشش ڪئي، گهڻا ڏينهن ڪئي پر خيال رڪجن نٿا، سانت اچي نٿي، اجان وڌيڪ مونجهارا پيدا ٿين ٿا ۽ پوءِ هو عمل ئي بند ڪيو ڇڏن،

پاڻ تي قابو پائڻ سڀ کان ڏکيو عمل آهي، پاڻ سان وڙهڻ، من ڪي مجائڻ اصل جوانن جي جنگ يا جهاد اڪبر آهي. شل ڪو ڪري!!..

ان لاءِ پهريائين ساهه جي سائنس کي سمجهڻو پوندو، اندر ٿوري صفائي ڪرڻي پوندي، جاءِ ٺهندي تہ من ويهندو، محبوب ايندو. پهريائين پاڪائي، صفائي، سٺائي خيالن ۾ آڻڻي پوندي، صوفيءَ کي اسم اعظم ۽ نام جي ڪمائي لاءِ ورق وجود جو ڌوئي صاف ڪرڻو پوندو.

If one is unchaste, spirituality goes away انساني جسم ايڏو اشرف آهي جو هو جيئري ئي پرين پائي سگهي ٿو. جنهن لاءِ فرشتن ملائڪن ڪيس سجدا ڪيا، جو هو اهو عمل نتا ڪري سگهن فقط انسان، بنا ڪنهن ذات مذهب، رنگ نسل ۽ قومي فرق جي، هر انسان جو اهو پيدائشي حق آهي، ان لاءِ ئي انکي پيدا ڪيو ويو آهي تہ هو جيئري معارفت جي منزل ماڻي، دنيا جي دوکي، دولاب ۽ خوبصورت ٺڳيءَ کي سمجهي، سڀ ڪم ڪار، فرض ۽ سماجي ذميواريون نڀائيندي حق کي حاصل ڪري.

## ساهه جي سائنس:

ساهه کڻڻ جيئن فطري، خودمختيار ۽ سٺائو، بي خبر عمل آهي، اپياس ڪرڻ سان ڌيان لڳائڻ Meditate ڪرڻ بہ ائين ئي بنا ڪوشش ٿي ويندو، پر ساهه کي صفائي لاءِ استعمال ڪرڻ هڪ سائنس آهي جنهن کي پراڻيام چئجي ٿو، جو مٿي ۾ پريل مضر ۽ منفي سوچ جي گند کي صاف ڪري، صحتمند، مثبت ۽ صاف ذهن رکڻ ۾ وڏي مدد ڪندو، جنهن بعد ڌيان لڳي وڃڻ ۾، مراقبي لاءِ، سٺائي تي پوندي، پهريائين رڳن کي صاف ڪرڻ لاءِ ان عمل کي ڪرڻو آهي جو ڏاڍو فرحت بخش آهي، پلا ڪري ڏسو، 5 سال جو ٻار بہ ڪندو.

پنهنجي نڪ جي سڄي ناس کي بند ڪيو، کٻي ناس مان ساهه ڇڪيو آرام سان، پورو ڀرجي تہ انکي ٻي آڱر سان بند ڪيو ۽ اهو ساهه سڄي ناس کولي ٻاهر آهستي ڪڍو. هي عمل 5 دفعا ڪيو ۽ سڄي ڏينهن ۾ پنج دفعا ڪيو، ڪري تہ ڏسو نہ (منهنجو پاڻي پيل تڪليفده ڪن، صاف ٿي مونکي آرام

ڏنائين بنا دوا ڊاڪٽر جي، هي اڄ جو تجربو جو مان ڪيو آءُ لکان پيو) خوشي سان ڪيو، پلا ڪبي ناس کي بند ڪيو، سڄي مان ساهه ڪٽو ۽ پرجڻ بعد ڪبيءِ ناس تان اڱر هٽائي ساهه آهستي آهستي ڇڏيو، وري ٻيو پاسو ائين 5 دفعا ڪيو، صبح شام ٻه ڀيري، ٽه ڀيري، رات، هفتي ۾ جو آرام ۽ صفائي رڳن ۾ محسوس ڪندا، ان لاءِ ڪٽي مونکي دعا جي في ڏجو، جي سچ نکتو ته يوگا ڪم جو آ، پوءِ مراقبي ڪي ٻه سکجي جو صحت، خوشي، تخليق ۽ سڪون جو خزانو آهي.

سڄو ڪمال ڌيان لڳائڻ Concentrate ڪرڻ جو آهي. هڪ عام مثال ڏيان، جڏهن ٻار هئاسي ته آتشي ڪائو ۽ هڪ ڪاغذ ڪٽي اس ۾ سج جي روشني کي پني تي Concentrate ڪندا هئاسي، ڪجهه دير ۾ اهو پنو سڙڻ لڳندو هو ۽ پاڻ ائين تماشو ڪري کلندا هئاسي يا ڪنهن دوست جو هٿ پڪڙي ان کي جادو ڏيکاريندا هئاسي، اس جي سموري شڪتي جڏهن مڙي آتشي ڪائي جي مدد سان ان ترئ تي گول دائري ۾ گڏبي هئي ته هٿ سڙڻ لڳندو هو. دوست رڙ ڪري ڇڏائيندو هو ۽ پاڻ کلندا هئاسي، ’ڏٺئہ منهنجو جادو‘، واهه واهه، ته هاڻي ٻه هي جادو ڪري سگهون ٿا، بلڪل جادو، بس پنهنجي دماغ کي خيالن کان خالي ڪري، اندر جي توجه هڪ نڪتي سويدا يعني پرون ٻنهي جي وچ ۾ مرڪز ڪنداسي؛ هتي پچوتري گلينڊ هوندو آهي جتان بهترين صحتمند رتوبت جاري ٿيندي آهي، ته توهان جي پوري، توجه توهان ۾ گهرو سڪون سمجهه ۽ خوشي جاڳائيندي، جا اول ئي رکيل آهي، پر پنهنجن اجاين سوچن ۽ نفي روين سان ان کي تباهه ڪيو ڇڏيون، هن مشق سان آهستي آهستي جيترو ٻه اندر ويندا سي، خيال ٻيا اچن ٻه ته لفٽ نه ڪرائجي، پاڻ سانت خالي ٿيڻ جي ڪوشش ڪجي، جيئن سمنڊ جو پاڻي متاچري تي ڪيڏو گوڙ ڪندو آهي، لهرن مٿان لهرون ۽ گج ٿهي ڪناري تي ايندو آهي، وري رڙيون ڪندو پنتي ويندو آهي، پر اها خبر آهي نه، ته سمنڊ اندر گهرائيءَ ۾ انتهائي خاموش، چپ سانت ۽ خوشيءَ جو هندورو آهي. جيترو پهچنداسي اوترو صحتمند خوشحال ۽ تخليقي ۽ يادگيري ۾ پڙ ٿينداسي، مان اڪثر چوندو آهيان. Happiness lies within.

Peace is inside, your joy is within not without. هي ڪري ڏسڻ جو ڪم آهي، پڙهڻ پڙهائڻ جو بنهه نه.

يهه ڪرني ڪا ڀيد هئ، نهين پڙي بيچار
ڪٿني تج (ڇوڙ ڇڏ)، ڪرڻي ڪرو (عمل ڪر)،
تان ڪڇ پاوهه سار (ڪبير جي)

پر انهي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي سڌو ٿي ڪرنگهي کي سڌو پر آرماده رکڻو پوندو. ڇاتي ڪنڌ ڳچي هڪ سڌي لائين ۾ پر بدن بلڪل آرامده. ڪا ڇِڪَ، تناؤ نه. آرام ۾ هڪ سانت جي ڪنڊ ۾ ويهي اکيون وات (ٻ ڪن به، جي ممڪن هجي ته) بند ڪري پنهنجي اندر ۾ ايندڙ طوفان خاموش ڪيون. سڪون ۾ اچون، اندر چپ ٿيون ۽ ماٺ جو مزو وٺڻ جي ڪوشش ڪيون. ڪو زور نه، ڪا افرٺ نه. خالي سڪون ۽ سانت جي تلاش، ماٺ جو مزو. آهستي آهستي اچڻ شروع ٿيندو. مايوس بلڪل نه ٿيو. صبح 20 منٽ، شام 20 منٽ ڪندا رهو. مون لاءِ هي ٿورو ڪيو. ڪنهن نه ڪنهن سڪون واري جڳهه. پلي دريا جي ڪناري تي، ڪنهن پهاڙ تي يا گهر جي ڪمري جي اڪيلي ڪنڊ ۾ ويهو. ساهه جي مشق سان پاڻ کي هڪ هنڌ جمع ڪيو ۽ ڌيان لڳايو.

اها ئي صحت آهي، جا توهان جي اِندرين فڪرات Tension, Stress, Strain کي ختم ڪري توهان جو BP، اَلسر، منا پيشاب ختم ڪا ڪندا، ٿيڻ ئي نه ڏيندا. جهڙي من، مغز جي حالت هوندي، جسم جي به اهڙي حالت ٿيندي، هي اصول آهي انساني حياتي جي آرام يا پريشانيءَ جو. اسانجي جسم ۾ 120 ٽرلين گهرڙا (Cell) آهن جي ڏاڍ خوش خرم آهن، پر اسانجي پريشاني ۽ فڪرات انهن کي نبل ۽ ساڙو ڪري ڇڏن ٿا. پوءِ بيماري شروع ٿئي ٿي. گذريل جي چنتا ۽ سياڻي جو فڪر ڇڏيو، کِلو خوش رهو اها ئي صحت آهي.

پاڻ وچايل وقت تي افسوس ڪندا رهندا آهيون يا مستقبل جي منصوبابندي ۾ فڪرمند رهندا آهيون، اڄ ۾ ڪوبه ڪونه ٿو جيئي، ڇا سمجهه آهي، جڏهن ته:

Past is History
Future is Mystry
Present is your present (gift)
Live & Enjoy.

هي ننڍڙي ڳالهہ ننڍڙو هنر آهي. هلندڙ وقت ۾ خوش رهو سڄي حياتي خوش گذرندي، هتي ڪجهہ بہ قائم دائم ناهي تہ پريشاني ڪنهن جي، ڇا لاءِ ۽ ڇو؟ جيئو ڪِلو ۽ خوش رهو. اجان وڌيڪ عرض ڪيان تہ ٻين کي خوش ڪيو تہ خوشي موٽي اچي توهانکي ملندي.

برو ڪندا تہ برو ٿيندو ۽ ڀلو ڪيو تہ ڀلو ٿيندو، هر عمل جو ساڳيو رد عمل. جو پوکجي ٿو، لڻڻو بہ اهوئي پوندو، پوءِ نتا ميون ٻي جي برائي ۽ نقصان ۾ پنهنجي ڀلائي پيا سمجهون، پر موٽي اهو ملندو جيڪو ڏيون ٿا. تہ ان عمل کي اهڙو درست ڪيون جو سڀ درست نتيجا ماڻڻ لاءِ ملن، جسماني Action يوگا جي چشتي بعد، هينئر هر بري عمل تي ڪنٽرول ڪرڻ جو وارو آهي، تہ سنا، نيڪ ۽ ڀلو ڪندڙ عمل ڪٿان پيدا ٿين تہ اسان کي انجا مثبت نتيجا ملن حاضر آهي.

## سوچ، فڪر، خيال يا ويچار:

هر عمل جو خام مال اتان جڙندو آهي، پهريائين ويچار يا سوچ ايندي آهي تہ پوءِ عمل ڪندا آهيون، تہ اڄ کان هميشہ مثبت، ڀلي، نيڪ سوچ رکون ۽ بري خيال کي نہ آڻيو، تہ نہ صرف عمل پر هر سيل جسم جو، اندر جو آنند، منهن جي مٺيا ۽ سڄي جسم جو سرور ان خيال جو نتيجو آهي. خيال ان تائين Vibration بہ پهچي ٿو جنهن لاءِ سوچيون ٿا ۽ اتان رد عمل بہ اچي ٿو. ٻاهرين طرح اهو سمجهہ ۾ نہ ايندو پر ائين آهي، سوچيندا تہ پنهنجي تجربي ۾ ڏسندا ۽ جي ننڍيا آهيو تہ اڳتي نظر ايندو، تہ ياد رکُون اسان جو عمل ۽ سوچ هر عضووي ۽ هر سيل خليي تي اثر انداز ٿئي ٿي، جي سدا نرمل، صاف شفاف ۽ سهٺا خيال رکندا آهن، تن جي منهن ۾ مٺيا بکندي آهي، هونءَ بہ چون Face is mirror

of mind شخصيت جو تعارف منهن ئي هوندو آهي، پنهنجي سچي شخصيت ڪي مثبت ۽ سٺن سوچن سان سينگاريو، ميڪ اپ (Make up) ڪرڻ جي ضرورت نہ ٿيندي.

ذهن خيالن جي کاڻ آهي، نرڳ ڪي هٿ هٺي چوندا آهيو منهنجي نصيب ۾ ناهي. اهو نصيب بہ ذهن آهي، سوچ آهي، جي هي سائنسي سمجهہ سڪي وتي سي تہ فطرت تي بہ قابو پائي سگهبو آهي. ان ڪي ڇڏيو، پنهنجي حال ۾ خوش رهڻ ۽ خوش ڪرڻ سکون.

جي اسان پريشان رهنداسي، ننڍي ننڍي ڳالهہ تي فڪرمند ۽ مايوس ٿي وينداسي تہ سڄو جسم ناڪاره ٿيندو. يقين ڪيو هَلائيندڙ مشين جو ڊرائيور اسان جو دماغ آهي، سوچ جا گهوڙا جي آهستي مثبت ۽ سهٽا قدم ڪٽندا تہ هر ساهہ هر عضوو خوش، صحتمند ۽ مزي ۾ هوندو. اجايا غلط ويچار، منفي سوچون، ساڙ، حسد، گلا ۽ غيبت پنهنجي سچي شخصيت ڪي ڍاهن ٿيون ۽ هر خليو، جز ڳري ٿو، سڙي ٿو، پوءِ بيماريون اچيو وڃن. يقين ڪيو، اهو سوچن جو نتيجو آهي، پاڻ خوش رهڻ چاهيون ٿا، صحتمند رهڻ چاهيون ٿا تہ پرسڪون زندگي جيئڻ چاهيون ٿا، اهو اسان جي هٿ ۾ آهي، سوچ ۾ آهي، هي سوچن جي سائنس نفسياتي ماهر Psychologist/Psychiatrist يا مائينڊ سائنس جا ماهر ڄاڻن ٿا پر مان سيني پڙهندڙن ڪي تجربي جي نيند ڏيان ٿو، اڄ نہ هاٽي ڪان منا خيال، ٻئي جو پلو ڪرڻ واري سوچ ۽ خوشي جا احساس رکو، خوشي ڊوڙندي ايندي، خوشي ٻاهر شين ۾ ناهي توهان اندر آهي، صحيح سوچو، صبر شڪر ۽ اطمينان ۾ رهو، واندا آهيو تہ ٻي جي ڪم اچو. پئسا آهن تہ ڪنهن جي مدد ڪريو، جو ڪجهہ اٿو، ڏيو، ڏئي ڏسو اهو بہ موٽي ايندو ۽ توهان وڌيڪ خوش سگهارا ۽ مطمئن ٿي جيئندا، ڪري ڏسو، بہ ڏينهن ڪيو، سنائي ڪرڻ ۾ ڪو نقصان ناهي، ڪيو! سٺي سوچ، سٺو موڊ ڪندي، سٺو وايو منڊل ٺهندو، سٺو جسم ٿيندو ۽ ملڻ وارا سٺا ٿيندا ۽ جنهن لاءِ سٺو سوچيوسي، اتان بہ سٺا خيال واپس ايندا ۽ Thought, feeling, attitude, action, habit هي آهي توهان جي Personality شخصيت جنهن جو پورو جوڙ جڪ سوچ، جذبا، رويا،

عمل ۾ عادتون ٺاهن ٿيون. هن مان هر هڪ عنصر کي سوچيو ۽ صحيح ڪيو، مثبت، سٺي صحتمند سوچ، صحتمند سماج ٺاهيندي، هي اڪيلي شخص جي ڳالهه ناهي، توهان جي شخصيت سڄي گهر، ماحول ۽ پاڙي تي اثر انداز آهي، جي سڀ محبتي ٿيون ۽ ڳوٺ محبتي ٿهي ته پاتشاهه پاٽهي هلي ايندو. اسان جا عمل اسان جي تقدير ٺاهن ٿا. يقين ڪيو هر ڪم نصيب جوڙي ٿو. سچ آهي عمل ئي اسان جي منهن مهانڊي ۽ هٿن جي ڀاڳ لڪيرن کي ٺاهي ٿو.

عمل سي زندگي بنتي هئ، جنت ڀي جهنم ڀي
يہ خاڪي اپني فطرت ۾، نہ نوري هئ نہ ناري هئ.

هي مٿيءَ جو ٺهيل انسان فطرت ۾ ڪجهه ناهي، عملن سان ئي پنهنجو نصيب ۽ جنت دوزخ ٺاهي ٿو، سڀ توهان جي هٿ ۾ آهي، توهان مان اهي لهرون نڪرن ٿيون جي ماحول ٺاهن ٿيون.

هي دانشورن جا لفظ پڙهو، ويچاريو ۽ عمل ڪيو.

سوچ ۽ خيالن جي صاف آهن، پيار، رحم، مدد، يقين، ڀروسو همدردي پيدا ٿئي ٿي؛ جي ماحول مٺائي ڇڏن ٿيون. توهان کي ڏسي ٻيا به بدلبا، چئو نہ، نصيحت نہ ڪيو، خود سٺو عمل ڪيو، سٺائي ورهائيو، ٻيا خود بخود ڪندا، گهر درست ٿيندو، پاڙو، شهر، صوبو ۽ ملڪ به سڌري پوندو. هِڪ ڪان شروع ڪيو، You are the architect of your destiny پنهنجي نصيب جا ٺاهيندڙ توهان خود آهيو، يقين ڪيو.

If you suffer, it is because of you
If you feel blissful, it is because of you,
Nobody else is responsible, Only you & you alone
you are your hell, and you are your heaven.
OSHO

جي ڏڪيا آهيو تہ پنهنجي عمل جي ڪري آهيو ۽ جي سکيا ستابا آهيو تہ بہ پنهنجي عملن جي ڪري آهيو. توهان جي حالت جو ٻيو ڪو بہ ذميوار ناهي، بلڪ فقط توهان، توهان خود. توهان ئي پنهنجو دوزخ آهيو ۽ توهان ئي پنهنجي جنت پاڻ آهيو.

وري ٻي دانشور جو ويچار آهي:

توهان کي ڪو ٻڌڻ وارو ناهي، ڪوبہ توهان کي روڪي نٿو سگهي، توهان جو پئہ ڏپ، بس توهان جا خيال آهن. ڪوبہ توهان کي هلائي نٿو، سواءِ توهان جي عقيدي جي، سڀ ڪجھ توهان جي اندر آهي.

## مهاتما ٻڌ:

توهان جي دماغ کي، ڪچري گند جو ڍڳ نٿو بڻجڻ کپي
جنهن ۾ نفرت، ساڙ، حسد، ۽ غصو گڏ ڪيو وڃي
پر هي تہ هيرن جو ڏٻلو آهي، جنهن ۾
پيار، خوشي، سخاوت (ڏيڻ) ۽ خوبصورت يادون سهيڙجن ٿيون.

## بابا گرو نانڪ:

ڌرم مقبرن ۽ مزارن جي زيارت ۾ ناهي
نہ ئي مساڻ جي ياترا ۾ آهي.

نہ ئي واٽن تي ويهي فڪر ڪرڻ ۾ آهي
نہ ئي جهنگ جهاڳڻ ۾ آهي.

نہ ئي پاڪ هنڌن تي اشنان ڪرڻ ۾ آهي
جي تون مذهب جي حقيقت ڄاڻڻ چاهين ٿو تہ
دنيا جي برائين ۾ رهي پاڻ کي آجو رک

سنائي نيڪي ۽ خوشي ورهاءِ

تہ سڀ سوچ مان سرجي ٿو اهو سچ صحيح ڪجي.

تہ ان سوچ فڪر يا خيال کي هڪ هنڌ ڪنو ڪرڻ، پلي ٻيا خيال اچن، اچي، اچي ختم ٿين ۽ هڪ ئي خيال باقي رهي تہ اهو ٿيو مراقبو. پلا اوم، الله اچاريو، اهڙو ذرٽو. ڌيان لڳائڻ ۽ مراقبو ڪرڻ ئي نج ۽ اصل روحاني عمل آهي.

جنهن مان سڄي ڪائناتي چاڻ، تخليقي هنر، بهتر ياداشت، صحت مضبوط ۽ ان سڀ کان وڌيڪ ڪائنات قوت Cosmic Energy جنهن کي نالا ڏئي ماڻهو جهڳڙا قتل ۽ فساد ڦهلائن ٿا. تنهن سان سڌو رابطو ٿي وڃيٿو ۽ سچ حق جي خبر پئي ٿي ۽ پوءِ صدا اچي ٿي، حق موجود – پلا صوفي شاعري کي هيئن سمجهون تہ ڪيڏي سٺائي آهي. راج يوگ چئي ٿو تہ:

هن ڌيان، سماڌي، مراقبي سماما ۾ ايڏي مضبوط قوت ارادي آهي، غير مفتوح طاقت پيدا ٿئي ٿي جو جوڳي چئي ٿو تہ مان جيڪر سمنڊ پي وڃان، پهاڙن کي پنهنجي زور تي هلائي ڦيرايان. لطيف ان Preservance کي هيئن بيان ڪيو.

جي سمنڊ منهن ڪيان تہ سرڪيائي نہ ٿئي.

۽ ٻيا اهڙا اڪيچار بيت جي ماڻهو جي سمجهہ سوچ کان مٿاهان آهن سي ان سماما ۾ چئي ويو. جاڳرت خيال ۾ محسوس ڪيائين تہ هي ماڻهو ڇا سمجهندا، جو اصل قرآن، اسم اعظم تہ توهان جي اندر ڏينهن رات موجود آهي.

- ڦرهيءَ تان فرقان جي ڪاتيائون قرآن
- جني ڏنو هوت تن دين سپيئي دور ڪيا
- همه کي حق چوين

- نڪا دل دوزخ ڏي نڪو بهشت گهرن
نڪو ڪم ڪفار سين نڪا مسلماني من.

تہ ويچاري چيائون ماڻهو گمراهہ ٿيندا ۽ پنهنجو رسالو ڪٽي ڪراڙ ڍنڍ ۾ ڦٽي ڪيائون، تہ ان ڪيفيت ان حالت جو نالو آهي سمياما، سماڌي مراقبو يا وصل. جيئڙي پسڻ پرينءَ جو، پوءِ لکي چڙيائون تہ:

نمازون ۽ روزا اي پڻ چڱو ڪم،
اوکو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين ڪي.

تہ پرين پسڻجو، عمل پراڻيام سان ڏوئي، ورق وجود جو صاف ڪرڻو آهي ۽ پوءِ اندر وچي ديرو دوست جو پسڻو آهي تہ ڇڏ وجود ئي وٽڪار، هاڻي وڃ گمان، مون سهي سڃاتا سپرين.

- اسين سڪون جن ڪي، سي تان اسين پاڻ،

- پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هيا.

جڏهن سماڌيءَ ۾ پاڻ فنا ڪيائون، بس هُو ئي هو، تون ئي تون جي ڄاڻ پئي تہ چيائون "هن سواءِ باقي ڪجهہ ناهي" لاموجود الاالله.

- نابودي نيئي عبد کي اعليٰ ڪيو

- جيلانهن ٿيا نابود تيلانهن گڏيا بود ڪي

- ڪڏهن ڪا نہ سئي تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

- مورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي
  ڪبي اُت ڪيهي، ڳالھ پريان جي ڳجھ جي.

- خالق چئہ مَ خام تون مَ ڪي چئہ مخلوق.

هي ويچارڻ سمجھڻ جي ستُ آهي، سڀ هن مان Projection آهي تخليق ناهي. ڪُن فيڪون پاڻ پيدا ڪرڻ جو عمل آهي.

- انا احمد بلا ميمي هر دوئي هيڪڙو
  جيڪي آ پڙاڏو سو هيو سڏ، هي هو آهي هيڪڙو.

نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها
جن سڃاتو سپرين سي وڃڻ ڪي ويا

- ساهڙ سا سهڻي سائر پڻ سوئي

- راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناھ ڪوءِ

- ڪانهي ٻي تنوار ملڪ مڙيوئي مينڌرو.

سچل سائين بہ نہ ٻڌائڻ جھڙي ڳالھ ٻڌائي:

جا نہ چوڻ جھڙي سا مون چوان ڪيئن
قصو آهي هيئن، هي هو ٿيو هڪڙو.

سجدو سونهين تن، جنين پرک پرين جي
باقي منجھ مسجدن، ماٿهن متا گسائيا.

تہ پرک پرينءَ جي ڪيئن ٿئي؟ تنهن جا ڏس بہ ڏنا اٿون.

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندي ڄاڻ سڃاڻ
مکڻ اکر هڪڙو سوئي ڪير سنياڻ
اهو اٿئي اهڃاڻ ڳهلا انهي ڳالهه جو.

واضع ٿا ڪن ته.

پسي پيٽ (جسم) پليوس تان آءُ آدمي آهيان
وڃان جان ويوس ساڳيو سچو آهيان.

ان سمياما کي حاصل ڪرڻ لاءِ پهريان صوفي کي خاص رهت رهڻي پوندي A sort of discipline جو ڪنهن سان ساڙ ۽ حسد نٿو ڪري، سڀ جو دوست آهي، جو سڀ تي مهربان آهي، جنهن جو پنهنجو ڪجهه ناهي (سڀ سائينءَ جو آهي) جنهن ’مان‘ ۽ ’انا‘ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، جو هر وقت، هر هنڌ ۽ هر حال ۾ مطمئن آهي، جو پنهنجو هر ڪم بهترين طريقي سان ڪري ٿو (حلال، محنت سان روزي) جنهن جو پاڻ ۽ خواهش تي پورو ضابطو آهي، جنهن جو ارادو، ايمان مضبوط آهي ۽ ’مون‘ کي مڪمل پيش ٿيل آهي Unconditional surrender to divine will اهڙو صوفي ئي عاشق، يڳت ۽ جوڳي آهي.

صبح شام ڌيان لڳائڻ، مراقبي ڪرڻ بعد ۾ هر وقت سندس خيال هڪ رب ۾ ئي سمايل آهي، جو هر ساهه ان کي ساري ٿو. پيار ئي سڀ کان وڏو absorbing خوش ڪن عمل آهي.

- رڳون ٿيون رباب، وڄڻ ويل سڀ ڪنهن.
- عاشقن الله ويرو تار نه وسري.
- ستاسي سونهن ننڊ عبادت ان جي.
- تن تسبيح من مڻيو، دل دنبورو جن. وغيره وغيره

هينئر پيار منڊ ۾ عشق جا سڀ بيت سمجھ ۾ اچڻ گهرجن، جن جو وجود ربي وڏڪار آهي، هر ساهه چاهه ۾ آهي، جي جاڳندي ته ڇا ستي به سار ۾ رهن ٿا، انهن اڳيان سڀ ظاهر آهي، ڪشف المحبوب يعني سڀ حجاب پردا لٿل آهن. فطرت تي قدرت رکن ٿا ۽ جو چاهي ڪري سگهن ٿا. جنهن کي لوڪ ڪرامت سڏن ٿا. پر هو حڪم ۾ رهن ٿا. ڪڏهن پاڻ نٿا پڌائن ۽ ڪري به چون، "رب ڪيو پاڻ ته گنهگار بندا آهيون."

- همرا ڪيا ڪچو نہ هوۓ، ڪري هئہ رام هو ئي هئہ سوۓ

- جو تڏ ياوي (وڏي) سائي پليڪار، تون سدا سلامت نرهنڪار (رب عظيم).

# صوفي لاڪُوفي

## تصوف جو تت ۽ سار ۽ جوهر

هر ڪنهن پنڌن ۾ هر بند ڪان آجو ۽ چيائون صوفي لاڪُوفي ۽ ڪون پائينس ڪير؟ ڪير نہ سمجهي سگهندو صوفي جي رمز ڪي تہ مومن آ ڪافر آ ۽ هندو آ يا مسلم آهن ۽ لطيف سرڪار سمجهائي ٿو.

- صوفي سير سين ۾ ۽ جيئن رڳن ۾ ساهہ
- لهرن لڪ لباس ۾ پاٽي پسڻ هيڪڙو
- ڏسڻ ڏسين جي همه ڪي حق چوئين
- پيچين جان دوست تہ پاسي ڪر پرهيز ڪي
  جني ڏنو هوت ۾ تن دين سيئي دور ڪيا.

سنڌي ڪي ڪهڙو سمجهايان جو لطيف ڪلي پٽ چئي ٿو.
نڪا دل دوزخ ڪي نڪو بهشت گهرن
نڪو ڪم ڪفارسين ۾ نڪا مسلماني من.

وري ٿو اعلان ڪري.

- جيڏانهن ڪيان پرڪ تيڏانهن صاحب سامهون

يا جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ ۾ درسن ڏارون ڏار. ساڳيو جيءَ، ساڳي جوت سيني ۾ ساڳي آهي پر رنگ، نسل، مذهب، عقيدو، ذات، قوم الڳ الڳ آهي. پر آهي سڀ ۾ ساڳيو، گرو گرنٿ صاحب چئي.

سرب مهه جوت، جوت هئہ سوءِ
تسدي چانڻ سرب ۾ چانڻ هوءِ

سڀ گوبند (حق) هئہ، سڀ گوبند هئہ
گوبند بن نهين ڪوئي.

تہ هي اصل احديت، توحيد، هيڪڙائي هڪ ئي تصوف جو بنياد آهي، صوفي جي سمجھ آهي جا عام ماڻهوءَ کان الاجي ڇو مٿي، ڏکي ۽ نہ سمجھ ۾ ايندڙ آهي. هڪ حق نٿو نظر اچي، ٻيائي ۾ پلي ٿا ڦوڙا پيا هڻون. ٻہ مثال ٻيا.

سون، تاج ٺهيل آهي سون جو، نڪ ۾ ڪوڪو سون جو، ڌُهري، هسڙي، هار، واليون، منڊيون ۽ چوڙيون، ڪنگڻ يا ٻيا ڪي بہ زيور! سون تي ڪو شَڪُ، اصل سڀ ڪي سون نظر اچي ٿو، پوءِ هن جنسار ۾ ٻيائي ڇو ٿي نظر اچي.

پلا بجليءَ جا بلب، راڊون، وڏا سينگاريل تخت، قسمين قسمين رنگين لائيٽيون ۽ ننڍڙا مرچ ۽ سنها پٽا، سڀ ۾ ساڳي 120 وولٽيج جي بجلي ٻري ٿي يا ڪو ٻيو آهي، جي سڀ ۾ ساڳي بجلي ڊوڙي ٿي تہ ٻرن ٿا، رنگ روشنيون ڏين ٿا تہ پوءِ صوفي سير سين ۾ ڇو نہ ٿو سمجھ ۾ اچي ۽ قالب ۾ عورت مرد ٻار، ٻڍو، عيسائي، سک، پارسي ۽ هندو ٻيا ٻيا ڇو ٿا لڳن؟؟..

ڇو تہ ٻيا ٻڌايا ويا آهن ۽ اسان ايترا پورڙا آهيون جو رڳو پنهنجي ئي مسلڪ مذهب ۾ مالڪ ڪي ڏسون ٿا ۽ وڏي واڪي قبضي جو اعلان ڪيون تہ اسان سچا، ٻيا سڀ ڪوڙا ۽ فتويٰ جاري ۽ وري چئون تہ فيصلي جو اختيار صرف رب ڪي آهي ۽ ڪيون پاڻ، بس هندو شُدِ، پاڪ آهي باقي سڀ اَشُدِ، ناپاڪ. صوفي آهي جو چوي ٿو:

بليا ڪي جاٽان مين ڪوڻ؟
جوئي آهيان سوئي آهيان،
مين تان اڪِ خيال هان
ليسان نال خيال.

۽ پاڻ موچون وَٽيون خبردار! تصوف جو تت پهريائين پهريائين اسان ڪي مهراڻ ڪناري الهام ٿيل ڪتاب ويدن ۾ ملي ٿو.

ايڪم ست، دويتو ناسي – هو فقط هِڪُ آهي ٻيو ناهي ناهي. ايڪم ادويتم – هو هڪ ئي آهي، جنهن جهڙو ٻيو ڪو ناهي، ڪو شريڪ ناهي.

تت توم اسي– اهو تون آهين ۽ جڏهن سماڌي مراقبو لڳائي اندر ڳولي لڌائين تہ چيائين.

اهم برهم اسمي – مان ئي برهم (حق) آهيان. وري چيائين.

انا الحق – ۽ تعريف ڪيائين سبحاني ما اعظم شاني تہ اعلان ٿي ويو، من خدايم من خدا تہ هم اوست جو نعرو حق ڪي پڌرو ڪرڻ آهي، باقي تہ هن سواءِ ڪجهہ ناهي، بس هو ئي آهي، هڪ هوئي آهي باقي، لاموجود اِلاالله.

هاڻي ماڻهو جي تاريخ آهي تہ جڏهن سمجھ آيس، Evolution ارتقا ڪندي سوچڻ شروع ڪيائين تہ اهو فڪر ملي ٿو.

سامي هن ڪان ڪو وڏو ناهي انترگيان
تہ بنا ڪنهن پگوان جي، اُتم آ انسان
ماڻهو آ مهان، پنهنجو ڀڳوان پاڻ آ.

مان ڪير آهيان؟

مان ڇا آهيان؟

مان ڪٿان آيو آهيان؟

مان ڪاڏي ويندس؟

آخر منهنجو مقصد مطلب آهي ڇا؟ جواب 3 هنڌ.

ته ان سوالن جا جواب هڪ فلاسافر ٽولي ڏنا، Know thyself معنيٰ پنهنجو پاڻ سڃاڻ، خود شناسي يا آتم گيان ته پيٿاگورس، سقراط، افلاطون، ارسطون، پلاٽينس، زينوفينس وغيره وغيره يوناني حڪمت جا ابا، مها ڏاها شروع ٿيا.

ٻيو وري مذاهب آيا. هر مذهب ساڳيو سچ، پنهنجي پنهنجي دور وقت انوسار پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏنو، مختلف پيغمبر، رسول، نبي ۽ اوتارا آيا ۽ مختلف ڪتابن ۾، آهي ساڳيو سچ پر ڌريل ٻولين ۾ مختلف مثالن سان آهي، جي ڳولائو سچ جا آهن تن سڃاڻي صحيح ڪيو آهي، تن ان ڪي هڪ دين جو نالو ڏنو آهي، دين ته هڪ ئي هلندو پيو اچي، حضرت آدم کان اڄ تائين قائم دائم رهندو، ٻيائي جي وچوٽيءَ ماڻهو منجهايا، ويڙهايا ۽ مارايا آهن، ڪو ورلو سچ صحيح ڪري ٿو ته صوفي سڏائي ٿو.

ته ٽيون هنڌ آهي صوفي سنت، ولي، قطب، اولياءَ وغيره وغيره! هنن جو مراقبو سماڌي، ميڊيٽيشن وري وچي هنڌ ڪيو، پپل جي وڻ هيٺ، ٻڙ جي پاڙ ۾ سماڌي لڳائي اسان کي اول اول گوتم ٻڌ ملي ٿو، جو صوفيءَ جي شروعات آهي، اڄ تائين سماڌي مراقبي لاءِ پرسڪون جڳهه ۽ ساڳيو پوز گهرجي، ته وچي نرواڻ حاصل ڪيائين، يعني اندر جاڳي پيو Awakened Soul ۽ روشن منور ٿي پيو، چيائونس Enlightenedمعنيٰ **ٻُڌا**.

هاڻي اڄ ته حضرت آدم جي پيدائش کي ڏسون سڀي مخلوق ۾ اهو نبي پهريون ۽ اشرف ڇو آهي جو فرشتا به پيا سجدا ڪن ۽ ڇون نرنارائڻي ديهه The best of all creations ته هي پيدائش قرآن مجيد جي 38 سورة جي 72 آيت ۾ ڪجهه هيئن سمجهايل آهي.

متيءَ جي قالب جڏهن سنواري رب ڪريم پنهنجو روح ڦوڪيو ته سڀني ملائڪن کي حڪم ڪيائون ته هن اڳيان سجدي ۾ ڪري پيو.

“جڏهن مان هِن ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان”

ان ڪان اول نه – ته هيءَ روح ان امر ربيءَ جو حِصو آهي ته ان کي جيڪو پنهنجي اندر پر گهٽ ڪري جاڳائي ۽ ظاهر ڪري، ته روشن ٿي پئي ٿو. ٻڌا ٿي پئي ٿو، ولي ۽ اوليا سڏجي ٿو. جنهن اڳيان ڪائنات جا سڀ حجاب هٽايا وڃن ٿا ۽ ڪشف المحجوب ٿي پئي ٿو. سڀ ڄاڻي ٿو، سڀ ڏسي ٿو سڀ ٿي قدرت رکي ٿو. فقط تڏهن چوي ٿو اهم برهم اسمي، همه اوست ۽ اَنا اَلحق. اهو ڦوڪيل روح هر هڪ چيتنا Consciousness supreme آهي جا اونهو اندر ستل آهي.

سب گهٽ ميرا سانئيان، سوني سيج نه ڪوءِ
بلهاري تهه گهٽ ڪَءِ، جنهن گهٽ پر گهٽ هوءِ.

هتي ڪشنچند بيوس جو ڪلاسيڪي بيت رکڻ نهايت معنائتو ٿيندو.

رام چئون رحيم چئون، مطلب ته سڏو الله سان آهي
دين چئون يا ڌرم چئون، منشا ته انهيءَ جي راهه سان آهي
عشق چئون يا پريم چئون، نيشا ته انهيءَ جي چاهه سان آهي
ساڌو ٻڻون يا سالڪ ٿيون، مقصد ته دل آگاهه سان آهي،
اکرن جي اوجهڙ ۾ اڙجي، مفت نه دل آزاري ڪر
جان وجهي ٻي جان اکر ۾، ڪجهه مطلب تي ڌيان ٻه ڌر.

# Transcendental Meditation

هاڻي اڄ جي 21 صديءَ ۾ انتي پهچڻ لاءِ Transcendental Meditation سيکاري وڃي ٿي، سڄي يورپ، آمريڪا ۽ انگلينڊ ۾ اهڙا ادارا، اسڪول، ڪاليجز ۽ يونيورسٽيون ٺهيون پيو آهن. جنهن ۾ اهو علم ڏنو وڃي ٿو ۽ هڪ تعليمي سرشتو بہ شروع ڪيو اٿائون جنهن کي CBE چئي ڪورس ۾ رکيو وڃي ٿو. نہ صرف ڪورس پر ان علم کي عام ڪرڻ جا ڪيترا سينٽر ٺهيل آهن جن ۾ TM ٽيچرز عام مرد، عورت، ٻار، ٻڍي کي سيکارن پيا. 5 سالن جي ٻار کان 95 سالن جي ٻڍي تائين اهو آهي.

Natural

Easy

Effort less

طريقو اندر وڃي ان روحاني خزاني Supreme consciousness کي جاڳائڻ تا، جن کي اَمر ربي آتما يا روح چئجي ٿو. ان سان اندر علم، سانت ۽ الاهي قوت جاڳي ٿي، جا خوشي، تخليقي قوت، يادگيري جا سڀ سرچشما کولي ڇڏي ٿي، ٻاهرين جسماني بيمارن کان آجو ٿي، جسم توانو ۽ روح منور ٿئي ٿو. هي رڳو ڳالهيون نہ آهن. ان تي سائنسي ليبارٽرن ۾ وڏي ريسرچ Analysis & Met Analysis ٿئي پئي تہ ثابت ڪجي اها دعوا صحيح آهي يا غلط.

650 سائنسي ريسرچ ڪيون ويون آهن.

250 يونيورسٽن ۾ اها ريسرچ ٿي آهي جي.

33 ملڪن ۾ رائج آهن.

دماغ جي ڪم ڪرڻ جو ڍانءُ، ان جي جوڙ ۽ ربط ۾ فرق ۽ ڌيان مراقبي ۾ TM دوران ڪهڙيون مثبت تبديليون اچن ٿيون ان جا گرافڪ ثبوت دنيا جي مجيل سائنسي سينٽرز مان ملن ٿا. سڄي مڪمل ڪار ڪردگي Holistic Improvement ۽ دانشورانا صحت Intellectual Performance جنهن مان تناؤ گهٽجي ٿو Decreased Anxiety ۽ بهترين تعليمي حاصلات ملن ٿيون Increased Academic Achievments.

هن عمل سان انفرادي، اجتماعي، قومي ۽ بين الاقوامي امن، خوشحالي، ترقي ۽ عالمي امن، ڀائيچارو ۽ پيار پيدا ٿئي ٿو. هي اڄ جي وڳوڙ ڀريل، دهشت واري دنيا جو واحد حَلُ آهن، سائنسي تصوف ۾ TM – Transcendental Meditation ته اها چيتنا، ڦوڪيل روح، آتما يا Supreme Consciousness ئي انسان جي علم ۽ ارادي جي سگهه آهي، علم، ارادي، خودمختياري جو مرڪز اهو روح سدا الاهي روح سان جڙيل رهي ٿو. ۽ ان ڳانڍاپي کي الڳ نٿو ڪري سگهجي، جنهن لاءِ صوفين پاڻ پڙهڻ، سينيء جو علم يا علم لُدني چيو يا آتم گيان ۽ خودشناسي اهو علم ويدن جي علم، ڪتابي علم کان اوچو آهي، اهو حق جو علم آهي الف جو پڙهڻ آهي ۽ الف جي اوڙهنڊائڻ جو لطيفي سڏ، اهو ئي آهي.

هنڊائج هينئين سان الف سندي اوڙ
ته ڪتابن جي ڪوڙ منجهان تو معلوم ٿئي.

حضرت عنايت خان چئي ٿو ته انسان جي روح جي اصليت اها ئي آهي جيڪا الله جي روح جي آهي، ته ڇا آهي انسان ۽ ڇا آهي الله؟؟ جي جواب ۾ چئي ٿو ته روح پنهنجي محدود سرت سان انسان آهي ۽ روح لامحدود سرت سان الله آهي. هر انسان جي سرت آدم آهي ۽ انسان جي اعليٰ سرت الله آهي (حضرت عنايت خان، صوفي ميسيج، ص:1:44) جيئن ته شڪتي Energy

پنهنجي Nature ۾ وڏنڊڙ آهي ۽ ڦهلبي رهي ٿي ته الله جي ذات به لامحدود ڦهلجي ڪائنات ٿي پئي آهي.

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو، پول نه ٻي ڪنهن پُل
هي هلاڇو هُل، باالله سندو سڄڻين.

جيڪو به ظهور آهي سا دويت ۽ ڪثرت آهي ۽ دويت ئي ادويت، وحدت آهي، (حضرت عنايت خان، صوفي ميسيج، ص:11:51).

ته ان اصل ڪي سمجهڻ روح ڪي ڄاڻڻ وارو آتم گيان آهي ته اسان اول به هئاسي هاڻي به آهيون پوءِ به رهنداسي، Energy ته ڪڏهن ناس نه ٿيندي آهي ته لطيف سرڪار چيو.

نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها
جن سڃاتو سپرين سي وڃڻ ڪي ويا.

مري به نتا مرن، جو روح/آتما ته امر آهي، ان ڪي سڃاڻڻ وارو موت ڪي اورانگهيو اڳتي وڃي (وڃڻ ڪي ويا)، ته هن بيت ۾ **عبد** جِسم نه روح جو ذڪر آهي جو اصل الله جي روح جو حصو آهي جنهن لاءِ ڪيس "روحي" به سڏيو ويندو آهي.

متين حوالو ڏنل آيت ڪريم 38:72 ٻڌايو ته رب پنهنجي قوت Faculty وجهي انسان ۾ سموري ڄاڻ Knowledge ۽ ارادو خود مختيار Will independent وڌو، ماڻهو ان استعمال سان اشرف ۽ اُتم آهي. سندس سائنسي مراقبو اڄ جي دنيا ۾ TM ئي سندن مادي ۽ موجوده اقتصادي ترقي، واڌاري ۽ خوشحالي جو خزانو آهي. The only worldly progress, prosperity, coherence, brotherhood and world peace is established if such centres are established in nook and cranny of all countries, esp Asia & South Asia, I stress and emphasize. هي آهي روحاني ۽ مادي

ترقي جو معجزو. انسان جنهن ڪي مڪمل تڪميل لاءِ پنهي طرف وڏڻ گهرجي، روح جو ميلاپ يا يوگ، رب سان عشق ۽ انسان جي خدمت ۽ مادي ترقي ۾ نهايت سجاڳ، ڇاڪاڻ ته ذهين تي مادي ترقيءَ ۾ به اڳتي ڪري پاڻ کي مڪمل مطمئن، خوش خرم ۽ سڀ جو پرجهلو، سهارو ۽ مددگار تي سگهي ٿو! ته اڄ جي 21 صدي ۾ تصوف جو ڪارج پٽو ۽ به رخيو آهي، هن دهشت، وحشت، بيزاري، بي قراري ۽ خودڪشين جو جواب بس اهڙو **تصوف آهي جو روحاني ۽ مادي ترقي جو موجد آهي**. صوفي کي سمجهڻ لاءِ، سندس فڪر ۽ رويو ڄاڻڻو پوندو ته ڪهڙي طرح سوچي ٿو. آءُ هتي وحدت الوجود جي باني بزرگ شخصيت **ابن العربي شيخ اڪبر** جو هڪ نظم ترجمو ڪري پيش ڪيان ٿو.

**Alone with Alone**

**هڪ سان هڪُ:**

مان ئي عالمن جو سچ آهيان،
هن جنسار جو خالق آهيان،
مان ئي جز ۽ مان ئي ڪُل آهيان،
مان ئي لامڪان جو مڪان، زمين جنت وچ ۾ قائم دائم آهيان،
مون تو ۾ سمجهه، ان سمجهه لاءِ وڌي ته،
تون مون کي سمجهي سگهين،
جڏهن تون مون کي سمجهين ٿو ته پاڻ کي سڃاڻي ٿو،
پر تون، مون کي پاڻ انيئڙ ڪري ڪو نه سگهندين،
فقط منهنجي اکين سان ئي تون مونکي پسي سگهندين،
۽ پاڻ کي ڏسي، سڃاڻي سگهندين،
تون هن پنهنجي اکين سان ته مونکي بنهه ڪو نه ڏسي سگهندين،
مون ته تو کي گهڻي ئي دفعا پاڻ پسايو آهي،

پر تون مونکي پسي ڪو نہ سگھيو آھين،
مون ڪئي دفعا پاڻ کي سڳنڌ ڪيو آھي،
پر تو مونکي نہ سنگھيو آھي،
خوش ذائقہ کاڌا کائي بہ تو مونکي نہ چکيو آھي،
آخر تون مون تائين پھچي ڇو نٿو سگھين؟
جن شين کي ڇھين ٿو: جن سرھاڻ کي تون واسين ٿو،
ھن سرن سنگيت ۾ بہ تون منھنجو انيڀ نٿو ڪرين؟
تو لاءِ منھنجي خوشي، سيني آنندن کان انوکي آھي،
مان سيني حسين نظارن کان وڌيڪ خوبصورت آھيان،
آءُ رحمتن جو جمال آھيان، مونکي پيار ڪر،
فقط مونکي چاھہ، پنھنجو پاڻ کي بہ مون ۾ چاھہ، فقط مون ۾،
پاڻ کي بس مون سان ڳنڍي ڇڏ،
ٻيا توکي پنھنجن غرضن لاءِ چاھن ٿا،
پر مان تو کي تنھنجي لاءِ چاھيان ٿو،
۽ تون، تون مونکان ڏور ڀڄين ٿو.
پيارا پرين! تون مون سان سنو نٿو ھلين،
جي تو مونڏي اچين، پاڻ گڏين،
تہ مون کان وڌيڪ تہ توسان ڪوئي گڏ ناھي.
مان تہ تو کي توکان بہ وڌيڪ ويجھو آھي،
تنھنجي ساھہ پساھہ کان ويجھو، تنھنجي روح جي قريب ترين،
ڪير آھي جو مخلوق ۾ توسان وڌيڪ وڙ ڪري،
مان توکان ريسارو آھيان،

چاھيان ٿو تہ ٻيو ڪنھن جو بہ نہ ٿيءَ،
ويندي پنھنجو بہ نہ — بس منھنجو،
مون لاءِ جوتون مون ۾ آھين پر توکي اھا ڄاڻ ناھي،
پيارا پرين! اڄ تہ وصل جي طرف وڌون،
پر جي وڇوڙو واٽ تي آيو تہ جدائي جلائي ڇڏيندا سي،
اڄ تہ ھٿ ۾ ھٿ ڏئي ھلون، سچ جي حضور ۾ گھِرون،
تہ ھو پنھنجو قاضي ٿي، اسان مٿان پنھنجي مُھر ھڻي،
اسانجي وصل کي ھميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏي!!..

جان جان طالب مسجد منبر ڪين ڪرين ويرانا
تان تان راھہ قلندر واري ڪين ملي مردانا
ڪشف قلوب قبور سيئي، ھي پڻ ڌوڙ ديوانا
مرد سچا جي محبت وارا، سولي سر سمانا
ٻاجھوه راھہ عاشقي سچا، ٻيا سڀ ڪوڙ ڪرانا
قلندر دارمي رقسم!

# خدا ڪٿي آهي، Where is God?

**مولانا جلال الدين رومي:**

مون ڪارون ڪيون تہ خدا ڪي مسيحي صليب تي پسان پر هو اتي نہ هو.

مان مسلمانن جي مڪي وڃي ڪعبو ڏٺو، پر خدا اتي بہ نہ هو،

مان پوءِ يهودن جي مڙهي سينا گاگ ويس،

۽ هندن جي مندر ۽ بتخاني ۾ ڪيس ڳوليم، پر خدا سندن سمجھ عقل کان مٿي هيو. مون فلسفين ڏانهن ڪان پڇيو هو پر هو بہ نہ ٻڌائي سگھيا.

پوءِ مون پنهنجي دل ۾ ليئو پاتو پنهنجي اندر جي پاتال ۾ ڏٺو، هو مون کي مليو، مون ڪيس ڏٺو،

تہ هو ٻيو ڪٿي بہ نٿو رهي،

فقط انساني قلب ۾ سندس واسو آهي.

**رومي** پنهنجي شاعري ۾ صوفين جي صحبت بابت چئي ٿو.

ڇا توسان اهو ڳجھ سليان؟،

اسين حسين چور آهيون،

جي دليون چرائن ٿا، ڪڏهن نہ مڙن ٿا،

ڇو تہ هو هُن هڪ جا دوست آهن،

درس ۽ واعظ جو دور ختم ٿي ويو،

هاڻي فقط دلن ڪٽڻ جو ڪم ڪيون ٿا،
جن ڪي بنا دير سنگهر ۾ سوڙهو ڪيون ٿا،
زهر ڪي ترياق ۾ مٽيون ٿا،
زحمتن ڪي رحمتن ۾ مٽيون ٿا،
سڀ سنگ سنگاوٽيون ٽوڙي،
۽ پرين پيارا، پڻ پنهنجو وجود پنتي ڇڏي،
مبارڪ آهي اها شاعري جا مون کان سرجائي وڃي ٿي،
جا مان ڪيان نٿو، پر مون کان ڪرائي وڃي ٿي.

# شاهه لطيف جو لُطفُ اللَطيف

## نومبر 17 مقالو، ڀٽ شاهه عرس، ادبي ڪانفرنس

جامي مثنوي مولانا روم لاءِ چيو هو تہ:

هفت قرآن است، در زبان پهلوي.

مثنوي کي ستن قرآنن برابر سڏيو اٿس.

سنڌ جي تهذيبي روايت آهي تہ نياڻي کي اسين ست قرآن چئون، اها ئي ڳالهہ آهي تہ اڄ نياڻي کي کهيو وڃي ٿو، ڪاري ڪري ماريو وڃي ٿو، لتاڙيو وڃي ٿو سندس آدر، عزت ۽ عصمت، احترام کي اڄ جو جاهل مڙد نٿو مڃي، هڪ عورت جو پٽ ٿي عورت تي ڪهاڙي يا بندوق کڻي تہ شرم ۾ ٻڏي مرڻ گهرجي! ان عورت کي لطيف سورميون ٺاهي سدا امر ڪري ڇڏيو، رهندڙ دنيا تائين عورت کي بهادري، همت، جدوجهد، اور چائي، محبت ۽ ايثار، سهپ جو سمبل ڪري لطيف محفوظ ڪري ڇڏيو. شاهه جي رسالي جون ست سورميون 7 قرآن ٿي تا قيامت سندس عظمت جو دستاويز ٿي رهنديون، هر سورمي ماڻهوءَ لاءِ سرموڙ مهندار ٿي پنهنجي ڪردار سان راهه روشن ٿي ڪري.

### مارئي:

مغلن جي ڏينهن ۾ جڏهن سنڌ تي ڪيس ٿيا تہ مارئي جو ڪردار ۾ شاه آزادي جو پيغام ڏنو: سسئي جهد ۽ جفا جي علامت ٿي.

ساڻيهہ جي سڪ جو بي مثال سنڌي ثقافتي ڪردار آهي جو وڏي شان سان، ڳاٽ اوچو ڪري چئي ٿي.

ڪارا ڪراين ۾ سون اسان ڪي سوءِ.
يا
ڪراين ڪروڙ جا، ڪوڙا چوڙا جن.

ڪارن ڏاڍن ڪي جي غريب مارن ٻانهن ٻڌا، سي سون ڪان وڌيڪ ٿي سڏي، سون تہ سوءِ آهي سڪٽو سور آهي، چئي: **اي نہ مارن ريت جو سيڻ مٽائن سون تي.** اهو سنڌين جو وڙ ناهي، شان ناهي، تمدن ناهي تہ سون تي رشتا مٽايون ۽ پئسن ڪي ياري تي ترجيح ڏيون، محل ماڙن ڪي پڪن تي واري ڇڏڻ ۽ ساٿيه ۾ ساهہ لاءِ چئي **ميا ئي جياس جي وڃي مڙهہ ملير ڏي،** ايڏي ڏرتيءَ سان محبت دنيا لاءِ دستور ڏيڻ آهي.

## سسئي:

جو بي مثال ڪردار جو پنجن سرن ۾ جاڪوڙ، جهد، ڪوشش اورچائي ۽ اڻ ٿڪ ڳولا جو اهڃاڻ بڻجي، ماڻهو ڪي همت، حوصلو ۽ ڪڏهن نہ هارڻ جو سبق سيکاري ٿي. هن ڳولا ۾ مري امر ٿيڻ جو سبق سيڪاري ٿي. ڪيئن نہ سڄي جابلو سلسلي ۾ هلندي جبل ڪي جڪ تي هٽائي، ڏمڪائي ٿي تہ:

"اڳيان ٿڪر ٿر، مٿان روهہ رتيون ٿئين"

- پي پيالو اج جو اج سين اج اٿيار،
پنهون پاڻ پيار تہ اج سين اج اجهايان.

بک وڏائون بگرين جوڳي ڪندا جنج.
طلب نہ رکن طعام جي، اوتيو پين اج
لاهوتي لطيف چئي من ماري ڪيو مج
سامي جهاڳي سڄ، وسنئن ڪي ويجها ٿيا.
(آسا)

- سدا سائر سير ۾ اندر لهي نہ اج
پسڻ جو پرين جو سا سپائي سچ
تيلا مرن اچ، سدا سائر سير ۾.

- ساجن ڪارڻ سچ، مر قبولي سسئي
اندر جنين اچ، پاٽي اجو ان ڪي

پاڻ سڃاڻڻ جو سونهون.

- پاٽي متي جهوپڙا مورڪ اچ مرن
ساهان اوڏو سپرين لوچي تان نہ لهن
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جئن.

**واٽ:** هتان ڪٽي هت جن رَکيو سي رسيون، ساجن سونهن سرت، وڪان ئي ويجهو گهٽو.

- ڪونهي ات ميهار، جت تو پوري پانئيو
پنڌ ۾ ڪر پهاڙ ڏي، وجود ئي وڏڪار
ڏاريا پانئج ڏار، پچ پريان ڪر پاڻ تون.

هي آهي سمورو وجودي وجدان:

- وڃين ڇو وڏڪار، هت نہ ڳولهين هوت ڪي
لڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻي پار
تي ستي ٻڌ سنڌرو، پرت پنهون سين پار
نائين نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيَم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيھ ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

**سهڻي:**

مروج تمدن ڪي ٿوڙي شاهہ انوکو آواز ڏنو آهي، هڪ شادي شده عورت جي پيار ڪي سڀ پنهنجو ڪن ٿا، مٿان اهو چوڻ تہ:

- “ساهڙ ڏارن سهڻي نسوري ناپاڪ”

- ساهڙ ڏاران سهڻي آڌوتي آهي

دنيا جي تهذيبن ڪي للڪار ۾ سوايو ڪري ڇڏي تہ:

“هنئهن هوند مُئي پر
ٻُڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا”

مري جيئڻ جو ڏس تہ مرٽا اڳي جي مئا سي مري ٿيا نہ مات، ماڻهو جي سچي پسند ۾ صحيح شخصي آزاديءَ جو بنيادي حق ڪي مڃايو اٿس، عشق جي ابجد ڪي دل جي مدرسي ۾ اهڙو پڙهائي پاڪ ڪيو اٿس، آهي ڪو دل وارو جو منهن مڙي.

ڪهڙي منجھ حساب هئڻ منهنجو هوت ريءَ
ڪا نہ گھرجي مون، حياتي هوتن ري.

هي سڏ ورنايو:

- “پڇن جي ميهار ڪي، پڇي سي ميهار”

- ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي،
آهي نجو ئي ڳجھ ڳجھاندر ڳالهڙي.

هي لطيف اللطيف احساس، ٽاڪوئان جذبا ۾ وحدت جا سبق، جو سمجھي، سو گونگي جيئن مزو ماڻي.

هو جي جرڪيا جرتي سي تان سپ حباب
چنبو وجهي چور ڪي آءَ چڙ عقاب
ديد وڃاءِ مَ دوست جي هلي منجهه حجاب
ڪسرت آهي قرب ۾ ادغام ۾ اعراب
فنا وجهي فم ۾ ڪارڻ تي ڪباب.

سائين هي وائي پنهنجو وصال ڪان اڳ مڙئي پيا جهونگاريندا هئا ته ڪهڙي منجهه حساب هئڻ منهنجو هوت ريءِ ۾ نيت حساب پورو ڪري وڃي حق سان حاصل ٿيا. جنين من ميهار، هلڻ تنين حق ٿيو. هي خاص مضمون آهي.

سياري سِهَ رات جا گهڙي وسندين مينهن
هلو ته پڇون سُهڻيءَ جا ڪرڃاٽي نينهن
جنهن ڪي راتون ڏينهن ميهار ئي من ۾.

سيت پڇار پرينءَ جي، سيت هوت حضور
ملڪ مڙيو ئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا؟

توحيد جي سمجهاڻي:

لهرن لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو
تڙن جي تلاش، لاهه ته لالن لڳ ٿئين.

عشق جو هي اوسيئڙو به هت آهي:

جي قيام ملن، ته ڪر اوڏا سپرين
تهان پوءِ سڄن، واڏايون وصال جون

نڪو سنڌو سور جو، نڪو سنڌو سِڪ
عدد ناهه عشق، پڄاڻي پاڻ لهي.

اڪير اوسيئڙو اڪنڊ ۽ اڳانڊو
ڏني ڏينهن ٿيام، ڪهه ڄاڻان ڪهڙا پرين
سهسين سڄڻ الهي، واجهائيندي ويام
تنين سال ٿيام، جنين ساعت نه سهان.

ماڻهو لاءِ اڻٽڪ اورچ ۽ مسلسل جهد جوتڻ جو جيئرو جاڳندو جوش!

جان جان هئي جيئري ورچي نه ويٺي
وڃي پون پيٺي، سڪندي ڪي سڄڻين.

جان جان هئي جيئري، ويٺي نه ويساند
لڙهي لهڻ پاند، ميائي ميهار ڏي.

شاهه لطيف ترڪَ جو تارڪ ناهي، عام صوفي خيال ۾ هي دنيا ڪوڙ دوکو آهي جنهن کي ترڪ ڪجي، ابتڙ انجي شاهه سائين طلب جو طالب آهي، طلب ئي پيار آهي، طلب ئي منزل آهي ۽ طلب ئي وصال آهي. ياد يار ئي حياتِ جا ودان آهي.

مونکي جياريو پريان جي ڳالهه ڪري
ڏنو اڄ اڏيو، هئينڙو ڪوٽ برج جئن.

وسن ۽ وهسن، ڏهاڙي ڏسڻ لئه
جئن جئن پرين پسن، تيئن تيئن نشا نينهن جا.

وسن ۽ وهسن، ڏيهاڙي ڏسڻ لئي
ڏسي ڏسي آئيون، توءِ تلاشون ڪن
ڍاپيون نه ڍاپن، پسڻ منجهان پرينءَ جي.

وسڻ اڪڙين جيئن، جي هؤند سڪين مينهن
تہ هوند راتو ڏينهن، بس بوندنئون نہ ڪرين.

اُهو آهي سڪڻ ۽ طلبڻ پر ڇا؟ ڪيئن ۽ ڪهڙي طلب؟

طمع جي تنوار، متان ڪرين مڱڻا
ڏکي ڪندءِ ڏار، ڏئي ماڻڪ مٺ ۾.

مال ملڪيت جي نہ پر سپرينءَ جي صرف – ڪهڙي ڪيئن؟

ماڻهو گهرن مال، مان سڀ ڏينهن گهران سپرين
دنيا تنهن دوست تان فدا ڪيان في الحال
ڪيس نانءَ نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

پرين ڪيئن گهربو آهي، طلب ڪيتري ڪجي جو ملي پئي.
ساري رات صبحان جاڳي جن ياد ڪيو، ياد ڪيئن ڪيو؟

تن تسبيح من مڻيو، دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن
وحده لاشريڪ لہ، اهو راڳ رڳن
سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت ان جي.

تن ڪڏي من حجرو، ڪيم چاليها رک
ڪهُ نہ پوڇيو پوڇين، انئي پهر الک
تان تون پاڻ پرک، سڀ ڪنهن ڏانهن سامهون.

اسين اِها پرک ڪيون تہ سڀ جي سامهون پاڻ آهي، نہ مذهب، نہ فقو، فرقو، نہ پنٿ، نہ قوم، هو سڀ جو سانجهو آهي، سڀ لئہ سامهون آهي، جيڪو جتي پڪاري، اتي هو موجود. بس طلب سچي ۽ سڄي هجي، جا پل ڪباب ڪيو ڇڏي.

رڳون تيون رباب، وڄڻ ويل سڀ ڪنهن
لڇڻ ڪڇڻ نہ تيو، جانب ري جباب
سوئي سنڌيدم سپرين، ڪيس جنهن ڪباب
سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي.

بس هُو، صرف هو، ڪيان تي ڪارون تہ ٻڪي ٻيئنون نہ ٿئي.

تن جنهين جو طالبو، سانپاران سيءَ
من پريان نيئي، ٻگهيو پاڻ ڳري.

تہ پرين پڻ ياد ڪري، هي عشق جي آڳ لاءِ حڪم آهي.

پڇڻ گهٽا پڇائيا، تون پڇڻ ڪي پڇاءِ
واقف تي وساءِ، آڳه نہ ڏجي عام ڪي.

**نوري:**

عشق انسان مان آڪڙ ڪڍي ڪيس نماڻو، نهنو ۽ عاجز ڪري ٿو، نوري نماڻائي جي علامت تي پئي، سندس رمز آهي سڀ لاڏ، عزت ۽ پت راٽي جا درجا هوندي پاڻ ڪي عيبدار سمجهي، ڪين تي پئي.

تون سمو آءَ گندري مون ۾ عيبن جوءِ
پسي راٽين روءِ متان مانگر مٽئين.

پر ان نوڙت ڪيس اعليٰ مقام تي نيو، جيئن گرو نانڪ صاحب چيو:

آپس ڪو جو ڄاڻي نيچا، سوئو گنيي سڀ تي اوچا.

تہ هتي لطيف سرڪار لکي ٿو:

نوري جي نياز جو عجب اجهل هوءِ
سمو سر سين ۾ مي مورڇيو سوءِ
اڇيو ايپين پوءِ، حجت پڳي راٽيين.

تہ نوري جي نياز تماچي ڪي ايڏو موهي ڇڏيو جو سڀ راڻيون هٿ ٻڌي پويان بيٺيون تي رهن ۽ سندس سونهن ۽ سوڀيا جا نظارا تہ ڏسو. لطف ڪي جهتجو:

هيٺ جر مٿي ميڙ، ڪنڌيءَ ڪونر ترن،
ورئي واهوندن، ڪينجهر ڪتوري ٿئي.

هيٺ جر مٿي ميڙ، پاسي ۾ وڙاءِ
اچي وچي ۾، تماچيءَ جي ساءُ
لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

## لِيلا:

ساڳي طرح ليلا جو ڪردار وڃايل جي ڳولا آهي، ڪاميابي لاءِ ڪارون ڪرڻ آهي، ناڪامي ۾ مايوسي ۽ اٽاسو تي هنياءَ نہ هاري پر وس ڪري، ڪوشش، جهد ۽ وينتيون ورائي، نا اميد ڪڏهن نہ ٿئي.

جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

## مومل:

جهان، هي بہ تہ هڪ مومل جو ڪاڪ محل آهي جنهن تي موهجي ماڻهو سڀ ڪجهہ وڃائي، هٿين خالي رمندو رهي ٿو. هي دورنگي دنيا جا مزا، دلنواز ڏيک ۽ هر ڪائيندڙ مجاز جا مزا! ڇا آهن؟ ڪيئن آهن؟

بيڪاريءَ ڪي بر ۾، ويو ڪيف چڙهي
ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي
ڪا جا انگ اڙي، جيئن ڇتا ڦٽ ڇڙي پيا!.

مومل جي قصي ۾ روحانيت جي معراج ۽ لاهوت ها هوت جا ڏس ٿا ملن، هي مستقبل جي جهلڪ ڇئو پر هي روحاني دنيا جي عميق جو عڪس آهي.

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي ڏينهن اُڄل
نہ ڪا جهل نہ پل، سيڪو پسي پرين ڪي.

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي گهڙجي نينهن
نڪا رات نہ ڏينهن، سيڪو پسي پرين ڪي.

هي زمان مڪان کان ٻاهر اندر جا اسرار آهن جتي بس وصل ئي وصل آهي، جي آيا سي اگهيا جو مقام، اتي آنند The field of all possibilities & invinciblity. Taranscendental consciousness

**سورٺ:**

سورٺ جو سنيهو تصوف جو نج راز آهي، اصل اسرار! سورٺ هڪ راڳڻي آهي جا پئرو راڳ جي ٽئين زال آهي ۽ رات جي ٻي پهر ۾ ڳائبي آهي، هن سُر ۾ راءِ ڏياچ جو ڪردار خود شاهہ سائين آهي جو ميوزڪ سان اهڙو عشق ڪندو هو ۽ دم بہ راڳ ٻڌندين ڏٺي حوالي ڪيائين:

محلين آيو مڱڻو ڪٽي ساز سري
لڳي تند تنبير جي، پيا ڪوٽ ڪري
هنڌين ماڳين هوءِ ٿي، تنهنجي ٻيجل جاءِ ٻري،
سسي تنهن سلطان کان اڇي گهوٽ گهري
جهونا ڳرهہ جهري، پوندي جهان جهروڪ ۾.

عشق جو مارڳ ۾ اهي اچن، سرجني جا سٽ ۾.

مٿو مور نہ پاريان، تنهنجي تند تنوار
سر ۾ سجڻ ناهہ ڪو، موٽ مَ مڱڻهار
ڪينهي ڪنڌ ڪپار، لڀيندي تو لاهيان.

هِڪُ سر تہ ڪجهہ ناهي، سنگيت جي ديوي ڪي جيڪر سوسر لاهي ڏجن.

سو سرن پائي، جي تند برابر توريان
اُتل اوڏانهين تئي، جيڏانهن ٻيجل ٻرائي
سڪٹو هڏ آهي، سر ۾ سجڻ ناه ڪي.

شاهه وٽ سرودڻ، جيئري مرڻ ۽ اڄ آديسي مَرُ جو مطلب پنهنجي مان، خودي، هو مئي ڪي ختم ڪرڻ يا نفس اماره ڪي مارڻ ۽ خوديءَ ڪي ڪاٺين جا ڏنل اصطلاح سمجهڻا پوندا. اصل جنگ اندر ۾ آهي، وڏو جهاد پنهنجي پاڻ ڪي ڪٽڻ آهي، پاڻ مارڻ آهي. جنهن ڪي جهاد بن نفس ۽ جهاد اڪبر جا نالا ڏنل آهن. جنهن لاءِ نفس جوهو، جنگ عظيم، ڏکي ۽ ڏاڍي آهي، ڪي وريام ڪن. مولانا روم مثنوي ۾لکيو:

سهل شيري دان ڪ صفحا بشڪند
شير آنست آن ڪ خودار بشڪند.

تہ پاڻ ڪي شڪست، جيتڻ ۽ پاڻ پائڻ، شير جي طاقت جو ڪم آهي، هون شير قطارن ڪي تهس نهس ڪري سگهي تو پر پاڻ ڪي ڪيئن ماري.

تہ سک رمز وجود وڃاوڻ دي
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.

چو تو ڪاڳر ڪوريئن وينو وڃائين مس
ڏور تئائين ڏس، جئائين اکر جڙيا.

تہ اتي ڪو ڏس جتان اکر جڙيا، تہ سڀ اهوئي هو آهي، تون ڪٿي نہ آهين، ها جي انجو پيار تو پائي وتو، دل الاهي انس سان محبتي مهراڻ تي پئي تہ اندر ائين جي، اجرندو پوءِ پنن پڙهڻ جي گهرج ناهي، تہ لطيفي لات هڪ طلب، اڄ ۽ اڪير، اڪنڊ پيدا ڪرڻ لاءِ پيش ڪيان تو. من لڳائي هر هر پڙهو، پڪ ڪيو تہ "نيون من لائين پريان سندي پار ڏي"، اهو ئي بس اندر جو آنند، صحت، اطمينان ۽ خوشي جو هندورو هجڻ آهي، پر پيارا سائين ورائي پڙهجو،

ٻڌايو ۽ غور ڪجو، اندر اوتجو، لطيفي لطف للطيف! اهو جادو آهي پيار کهڙو؟ ههڙو.

تون حبيب تون طبيب، تون دردن جو دارون
دوا آهن دل ڪي تنهنجون تنوارون
ڪيان تي ڪارون تہ ٻُڪي ٻئينون نہ ٿئي.

تن جنهنجو طالبو، سانپاران سيئي
من پريان نيئي، ٻگهيو پاڻ ڳري.

اها طلب ايڏي تہ مضبوط ۽ ڀرپور آهي جا طالب ڪي بہ مطلوب ڪيو وجهي ٿي.

تو جنين تات تن پڻ آهي تنهنجي
فاذڪرني اذڪُرڪُم اي پروڙج بات
هٿ ڪاتي ڳڙ وات، پڇڻ پر پرين جي.

تہ پرينء جي پر پڇڻ لاءِ سر ڪي سٽ ۾ رکڻو پوندو.

مري جي، تہ ماڻيين، جانب جو جمال
ٿيئين هوند حلال، جي پند اها ئي پاريين.

اهو پرين توهان جي اندر شبد، ناد يا ڪلمي جي آواز ۾ اندر موجود آهي، جنهن ۾ ئي خودي، نفس ۽ مان کي ختم ڪرڻو آهي، بابا گرو نانڪ جن چيو:

شبد مَرهُ، ڦرجيوهہ سدهي، تان ڦر مرڻ نہ هوئي
امرت نام سدا من مينا، شبدي پاوئي ڪوئي.

لطيف سرڪار بہ ان طرف اشارو ڪيو آهي.

مر تہ موچاري ٿيين، جيڻ آڏو جت
هاري ڪر همت، تہ ڏئي دم دوست لهين.

هن راز کي پروڙي پاڻ سڃاڻ يا پرين پائڻ جي سوجھ سمجھ پئي ٿي ۽ اهو ئي ماڳ آهي.

صوفي ڪيئن عمل ڪري ٿو، شاهه ڀٽائيءَ جي رهنمائي:

قاتل ڪمائي ڪري وھُ ماڪي جي ڪَن
وٿان ويهي تن پيچَ ڪي پياليون.

هن بيت کي مختلف پڙهڻ ۾ عجيب انداز ۾ سمجھايو ويو آهي، آءُ پنهنجي سمجھ ۽ سوجھ سان ان کي شاهڪار رهبر بيت سمجھان ٿو. روحانيت، تصوف يا جوڳ لاءِ پهريائين اندر اجارڻو پوي ٿو. وھ کي ماکي ڪرڻ، نفس اماره کي نفس مطمئنا ڪرڻ لاءِ قاتل ڪمائي ڪرڻي آهي: جو پڙهڻ بحث ڪرڻ سان ٿي نٿو سگهي، اندر تون اجار پنا پڙهيندين ڪيترا؟ حسد، هرس، لالچ، هوس جي زهر کي ڦيرائي اطمينان، شڪر پيار پاٻوھ جي ماکي ڪرڻ.

ڪروڙين ڪتاب ۽ سمورو علم ته تنهنجي اندر سمايو ويو آهي، قرآن مجيد شاهد آهي ته علم ڏئي موڪليو ويو آهي. پر ڪو پاڻ پڙهي، پاڻ کي پڙجهي ته پرينءَ کي پائي. هتي پڙهڻ نه ڪڙهڻ جي ضرورت آهي، پاڻ سڄي ڄمار پيا پڙهون.

پڙهيو پيا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاٽان ڏوھ چڙهن جي ورق ورائين وترا.

ته قلوب ۾ ڪيئن ڪڙهجي؟ هڪ اهڙي بني چاڙهي رکبي جنهن ۾ مان ۽ آئون کي ٽڪرا ڪري ٽَڪائبو، تيسين پيو ٽکي جيسين ڳري گم نه ٿئي ۽ پوءِ ابتڙ ۾ متجي ظاهر ٿئي، ڪاوڙ ٽڪجي رحم ٿئي، سزا ٽکي جزا ٿي پئي، حسد پسند ٿي پئي، نفرت محبت ۽ انتقام قرباني ۾ متجي پئي، اهڙا ماڻهو اٿو. هي هوا ئي ڳالھ ناهي، ادا! نا ممڪن ڪجھ نه هوندو آهي، پل ڇئو اهو ٿي نٿو سگهي پر مان عرض ڪيان ته سڀ ٿي سگهي ٿو، ويندي ماڻهو ماٽڪ ٿي سگهي ٿو، نه ته سچل سائين نه چئي ها "ايجها ڪم ڪريجي الله آپ بٹيجي". ڪيئن ٿبو؟ جڏهن ڏنل بيت سمجھنداسين، شيطاني ڪمن کي رحماني عملن ۾ بدلائي

وجهنداسين، ان عمل کي چئبو "وِهُ ماکي جي ڪَن" ته اهڙي ڪمائي کي چئبو قاتل ڪمائي، جا ابتڙ ۾ مَتي ڇڏي، All negatives turn to be positives نفي اثبات ۾، ڪيئن ڪبو؟

ڦريائين پنهنجي متي ۾ سڪون شانتي ۽ خاموشي آڻڻي پوندي، اصل مسئلن کان وڌيڪ پاڻ اجائي گلا، غيبت، حسد، ساڙ ۽ اڻ سهپ ۾ پيا ٿا پچون، ان ڪي اڄ نه پر هاڻي ڪان بند ڪيو. پاڻ کي شانت ڪيو، بس مثبت سوچ، پلائي ۽ سڀ جي خبر جا خريدار ٿي پئون ته اسان مان اهڙيون وائبريشن نڪرنديون جي، ٻين کي پڻ شانتي، سک ۽ سڪون جو احساس ڏينديون. هي سائنسي عمل آهي، سڄو وايو منڊل پرسڪون مثبت ٿي پوندو، خوشيءَ ۾ ٻهڪندو. جي توهان سچا پچا خوش آهيو، پاڻ ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ پيا ڏند ڪڍي ڪيڪاريندا آهيون ۽ اندر پڳل پريل اداس اٽاسا ۽ اباڻڪا رهندا آهيون، ڇو؟ آخر ڇو؟

ته هي عرض وراڻيو:

## هميشه خوش رهو — شڪايت نه، شڪر گذاري ۾ اچو

ها اهو توهان جي هٿ ۾ آهي، ٻارن کي ڏسو ته پوءِ؟ توهان به ٻار ٿي پئو. خوشي، ملهه مهانگي ناهي مفت ۾ ملندي آهي. خوش ٿي پئو، هاڻي هيئنر ۽ سدا، توهان جو فڪر ۽ ڳڻتي ڪجهه نٿي ڪري سگهي، ها توهان کي بيمار ڪري سگهي ٿي. ٽينشن مان السر، شگر، بلڊ پريشر پيدا ٿيندو آهي ٻيو ڪٿان به نه.

تحقيق ڪيو لنوايو نه! ته پوئتي هٽو خوشي ڏانهن، جي اڳتي وڌيو اهي ڪٽي ته هارٽ اٽئڪ ۽ برين هيمريج اڳيان بيٺا آهن، ته بيماريون نٿيون مارن، اسان ٿا پاڻ ڳڻتي جهڙي عظيم بيماري کٽي انهن کي مدعو ڪيون، هر ڪاوڙ، غصي، غضب ۽ ساڙ حسد ۾ پچڻ سان اندر جا ڪلنڊڙ سيل گهرڙا جهرندا، مرندا، ڳرندا رهن ٿا، جي ڪيري پٽ ٿا ڪن.

خوش رهڻ، صحتمند هجڻ ۽ پرسڪون رهڻ اسان جي هٿ ۾ آهي، ڳوڙهو سوچيو صحيح ٿو چوان، پوري تحقيق ڪري ڳالهايان ٿو. شڪر گذاري هڪ خوشي آهي، شڪايت ڏک؛ توهان گهڻن کان خوش نصيب آهيو ته شڪر ڪيو، خوش رهو.

چونتا خوش رهو، پروگرام ناهيو، ها جي رب ڪي ميجيندڙ آهن انهن لاءِ اضافي نسخو آهي مالڪ جي سار، بيغرض پيار، ڪنهن غرض، نوڪري، ۽ ڪاميابي لاءِ نه، پيار پيار لاءِ ٿيندو آهي، هڪ ٻي نفسياتي ڳالهه:

جنهن لاءِ سوچيندو اهڙا ٿي پوندو.

رب جي صفت، پروردگار جي گڻن جو چنتن، ذڪر، سمرن ڪندا ته آهستي آهستي اهڙا ٿيندا ويندا. رب منهنجو سدا مهروان آهي، صاحب سدا بخشيندڙ آهي، ڪرم ڪندڙ، عطا ڪندڙ، سخي داتا بس پيو ڏئي، بخشي عطا ڪري پر ڏئي نه پچاري، ڏهاڙي پيو ڏئي، اسان به ڏيون، بخشيون، معاف ڪيون، جيئن رب اسان جا ڏوهه ڏسي به ڪاوڙ نه،پر روزي پيو رسائي ته پاڻ به ڪيون، ڪوشش ته ڪيون!.

بابا گرو نانڪ چيو:

آڪان جيوان وسري مِرجاءِ.

سندس يادئي زنده ٿي رکي، جي وسريم ته مري ويندس ۽ ڪفر اسلام جي بحث ڪي بند ٿو ڪري سلطان باهو رح:

جودم غافل، سودم ڪافر، سانون مرشد ايوين پڑهيا هُو.

ته جيئڻ آهي سندس ياد:

مونکي جياريو پريان جي ڳالهه ڪري
ڊنو اَڄ اڏيو هينئڙو ڪوٽ برج جيئن.

ان ذڪر سان، ان ياد سان، ان سمرن سان توهانجي اندر ته فقط خوشي سڪون پيدا ٿو ٿئي پر نفي خيالن کان پڻ نجات ٿي ملي ۽ سٺيون وائبريشن ٿيون نڪرن جي هر درد مونجهاري ۽ اٿاسائي جو علاج آهن.

وينِي جني وٽ ڏڪندو ڏور ٿئي
پاڻ تنين سين گڏ اڏا اوڏي پکڙا.

ته هي صحبت جو ڪمال آهي نه پڙهڻ پرجهڻ جو، هي سينا به سينا، نظر سان نهال ڪرڻ جو عمل آهي ته جي انهن سان ملاقات ٿي، سندس درشن ديدار ٿئي ته:

يڪ زمانه صحبت با اوليا، بهتر از صد سال طاعت بي ريا. (مولانا روم)

سائنسي طرح هي ڳانڍاپو اصل لاشعوري سجاڳي Field of supreme consciousness جي جاڳرت ڪرڻ ۾ آهي جتي خاموشي ۾ مراقبي سان پهچي سگهجي ٿو يا اها ياد، عشق جي مڌ ۾ هُن مرڪز تي پڄائي سگهي ٿي. جو سانت سڪون ۽ خوشي جو هندورو آهي. جتي پڄڻ بعد پريشانيون ختم ٿين ٿيون ۽ خوشي ڳوئنچن وانگر ڦٽيو پوي، هي ئي علم جو مقام آهي!

هن ڪي Transandedtal Meditation چئجي ٿو. آءَ يورپ هالينڊ، نيدرلينڊ جي Meru معنيٰ مهارشي يورپين ريسرچ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪري آيس 18th July کان 2nd August 2017 تاءِ، ته ڪهڙي طرح اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي شاگردن کي ڪلاس جي شروع ۾ ۽ آخري ڪلاس بعد 20-20 منٽ ميڊيٽيشن ڪرائڻ سيکارجي، ته سڄي قوم صحتمند، باصلاحيت، پرامن ۽ بهترين ڪارڪردگي ڏيڻ جي لائق ٿي پوندي، هي ڏکهو پر مڪمل مَتجڻ جو واحد طريقو آهي، جنهنڪي سڄي يورپ، آمريڪا ۽ انگلينڊ ته رائج ڪيو آهي باقي اسان کي ته خبر به ناهي ته CBE ڇا آهي. Consciousness Based Education هي هر هڪ لاءِ ضروري آهي هن لاءِ پڙهڻ يا ڊگري وٺڻ جي ضرورت ناهي هي عملي تصوف جو تجربو آهي، جنهن کي صوفي مراقبو سماڌي يا ڌيان ڪرڻ چوندا آهن. مهاتما گوتم ٻڌ پهريون

صوفي هو جنهن ڪري ڏيکاريو، اڄ بہ ٻوڌي هر هنڌ ڏيان ڪندا وتن ۽ سيلون، چين، جاپان، هت ٽيڪسيلا ۽ هندستان ۾ الاهي مرڪز ملن ٿا. هي اسان جي آڳاٽي علم جو خزانو آهي جنهن کي پاڻ ڇڏي ڏنو آهي، پر هنن ڏارين استعمال ڪندي وڏي ذهانت ۽ چستيءَ، ڦڙتيءَ سان حياتي کي اڳتي وڌايو آهي. پاڻ مذهبن، فقن، فرقن، پنٿن ۽ گُرن جي گفتن ۾ اٽڪي، مذهب جي ٻاهرين شڪل تي پيا وڙهون، مرون ۽ ماريون! ان جي اصل جوهر کي نٿا سمجهون: نہ ڪيون نہ ڪرايون، بس صوفي ئي واحد استاد آهن جي هن مارا ماري، عدم برداشت ۽ دهشت واري رتو ڇاڻ کي پيار عشق پنهنجائپ ۽ ڌيان ڪرڻ سان سانت سڪون ۾ آڻي بچائي، جيءَ دان ڏين ٿا.

بابا گرو نانڪ سمجهايو:

جنم مرڻ دوهون ۾ ناهن، جن پراپڪاري آئي
جيءَ دان دي يڳتي لائن، هرسنۂ لين ملائي.

تہ هي جيئدان وٺون ۽ ڏيون:

محبت، نيڪي، ٻلي کي پنهنجو ڪيون، بي غرض پيار ۾ اچي ڀريائين پاڻ پچايون تہ جهان جرڪي پئي.

سي فـاني ٿيـا ”فـي الله“ ۾، جـن وڃـايو وجـود
نـہ تـن قيـام نـہ قاعـدو، نڪـي ڪـن سـجود،
جيلانهـين ٿيـا نـابود، تيلانهـين رسـيا بـود کـي.
(آسا 1)

# تصوف: هڪ رويو، هڪ ڪردار

تصوف هڪ رويو آهي، هڪ ڪردار آهي، ۽ اهو اخلاص آهي، جو بندي ڪي پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ بعد، سڄي ڪائنات ۾ رڳو هڪ وجود نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ميٺ، محبت سَوائِي ٿيو پوي، انسانن جي خدمت، خالق جي خدمت ٿيو پوي.

سامي ۽ واري سٽ جيان:

خالق خلق ۾، خلق منجھ خالق

بابا فريد چيو:

فريدا خالق خلق مھ، خلق وسي رب مانھ،
مندا ڪس نون آکيئي، جو تس بن دُوجا ناه.

تہ ان 'دُوجا' جي وهم کي ختم ڪرڻ تصوف آهي. 'دوئي'، 'ٻيائي' جي گند کي صاف ڪرڻ اندر اجارڻ آهي،لطيف سائين چيو آهي:

صوفي صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

جيئري پرين پسڻ ئي معرفت آهي. ڳالهيون پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جون نہ آهن.

بُلا شاھ چيو آهي:

علمون بس کرين او يار!
اکواف تيري درکار

لطيف سائين چيو آهي:

اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تو اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

‘الا ڏاهي م ٿيان’ جومطلب آهي، علم جي سياٽپ. ڄاڻ ۾ تڪبر ڪٽي پرين نه پائي سگهبو. فرمايائون:

“ڄاڻي ته به نه ڄاڻ، هي در ابوجهن جو”
يا
“ان در سيئي رسيا، جن وڃايو وجود.”
(شاهه)

سِڪ رمز وجود وڃاوڻ دي
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.
(بيدل)

نه ٻڌڻ ٻڌائڻ سان نه، پڙهڻ پڙهائڻ سان نه. هي ته فنا جو مقام آهي. انيئي جو ماڳ آهي. بيڪم ٿو چئي:

‘بيڪم’ بات آگم ڪي، ڪهڻ سڻڻ ڪي ناهه،
جو ڪهي سو جاني نهين، جو جاني سوڪهي ناهه.

ڪبير صاف فرمايو آهي:

ايهه ڪرٽي ڪا پيد هئه، نهين ٻڌي بيچار،
ڪَتنِي تَج، ڪرني ڪرو، تان ڪيچ پاوه سارِ.

هي عمل جي منزل آهي، ٻڌائڻ بند ڪر، اندر جهاتي پاءِ “ڏي ٽپي لَهُ ۾ تُول، اصلي عين اندر دا ڪول” اهو ڪم صرف سڪ سبيل سان ٿيندو، عشق ئي

انڌو ڪري، پرندڙ باهه ۾ ٽپو ڏئي فنا ڪائي سگهي ٿو، عقل دليل ته پڇي بر ٿيندو. هي عمل آهي، "پڇڻ گهٽا پڇائيا، تون پڇڻ ڪي پڇاءِ".

علامه اقبال چئي ٿو:

"بنده عشق از خدا گيرد طريق،
مي شود بر کافر و مومن شفيق"

حديث قدسي آهي:

"الخلق عيال الله"

حالي چيو:

يه پهلا سبق تها کتاب هدیٰ کا،
کہ ہے ساری مخلوق کُنبہ خدا کا

خواجا فريد فرمايو:

رک تصديق نه ٿي آواره،
ڪعبه قبلا دير دوارا،
مسجد مندر هيڪڙو نور.

شاهه صاحب جي اها سٽ ته:

"جيڏانهن ڪيان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون."

دراصل 'هڪ وجود' جي موجود هجڻ جو ڏس آهي، ۽ ان مان ٿيهو "لاموجود الاالله"، اهو ابن العربيءَ جو فلسفو چيو ويندو آهي. وحدت الوجود يعني ڪائنات ۾ جو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تنهن جو پنهنجو ڪو به وجود نه آهي، پر اهو سڀ خدا جي وجود جو هڪ مظهر آهي. آءُ ان ڪي ڪلاس روم ۾ چوندو

www.sindhsalamat.com

آهيان، 'اڪ جيڪو ڏسي ٿي، اهو سڀ ڪوڙ آهي، اصل نہ. پر رُج آهي، آهي سچ هڪ. پر نظر ڪثرت ۾ پئي ڪيترا ڏسي:

وحدت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،

يا

لهرن لڪ لباس، پاٽي پسڻ هيڪڙو.

اها ئي ڳالهہ گرنٿ صاحب ۾ آئي آهي:

"سڀ گوبند هئہ، سڀ گوبند هئہ،

گوبند بن نهين ڪوئي"

تصوف جو هي جوهر ڪو نئون نہ آهي، اهو قبل مسيح واري وقت کان رائج آهي. جڏهن پارمينڊس (Parmenides) 514 ق. م. ۾ يونان جي ڏاهي چيو هو تہ، ""آدجگاد' کان حقيقت هڪ 'being' وجود آهي، جنهن سواءِ ٻيو ڪنهن جو وجود ڪونهي." هي وحدانيت جو پهريون آواز هو. ان بعد زينوفينس (Xenophanes) جو فقرو ٿو ملي تہ: "ڪائنات ۾ ئي خدا آهي." ۽ اهو ڪائنا ڪي خدا جي زنده حقيقت ڪري ٻڌائي ٿو، هن ۾ فقط هڪ هستي موجود آهي، جا وقت جي ڦير گهير ۾ نٿي اچي. منجهس ڪا تبديلي نہ ٿي ٿئي، ۽ 'سڀ گوبند هئہ' جو پهريون پرچار هن ڪيو جنهن کي چئون، 'همہ اوست' يعني 'سڀ هو آهي.' هن جي موجودگي 'Isness' ئي واحد سچ آهي. ان حقيقي وجود، خدا کي پائڻ لاءِ ڇا ڪجي وارو بنيادي سوال ڪَرَ ڪنيو بيٺو آهي. اچو تہ ان کي پر ڪيون، پُرجهون ۽ اصل جوهر تي پهچون.

صوفين وٽ اصل علم عرفان ۾ آهي، جنهن ۾ وجود جو وجدان ٿئي ٿو. اهو ڪتابي علم سان نٿو ملي سگهي، اهو صرف عشق سان ئي ملي سگهي ٿو، ڇو جو، عقلي علم ڪتابن مان معرفت فقط عشق مان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. عشق جي وري آخري ڪيفيت اها آهي تہ وجود خود سراپا ڪائنات بڻجي

پئي. اهو احساس ڇتو ٿئي ٿو ته، جو ڪجھ به آهي، اهو محبوب حقيقي آهي، ٻيو ڪجھ به ان سواءِ ڪونهي. ان ڪي لطيفي لات ۾ هيئن چئي سگھجي ٿو:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس ڇتاڻو،
منجهيئي ڪاڪ ڪڪوري، منجهيئي لڌاڻو،
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ناه ٻيو.

ان علم ڪي نه سمجهندي، عام ماڻهو وجود جي رڃ ۾ مرگھ ترشنا وانگر ڊُڪي ڊُڪي ساڻو ٿيو پوي. تاريخ پڙهو: يونان جو افلاطون معروضي خيال پرست هو، هيگل جدلي ماديت وسيلي ’مطلق عقل‘ تائين پهتو، اينگلز ۽ مارڪس ان کي معاشي طرح وڌايو. ’وجوديت‘ جا باني زان پال سارتر، البيئر ڪاميو ۽ ڪريڪي گارڊ جا فلسفا پڙهندي پڙهندي، اڄ جو انسان وجود جي بحث ۾ اٽڪي پيو آهي. وجود مان مراد، خود جي وجود جو احساس آهي، پر اهو مڪمل نه آهي، اهو اڻپورو ۽ اڌورو آهي، منجهس کوٽ آهي. سڄي زندگي ماڻهو جي کوٽ پوري نٿي ٿئي، ۽ ماڻهوءَ کي ويڳاڻو، وياڪل ۽ اداس ڪري ڇڏي ٿي. ڪيس اها به خبر نٿي پوي ته، آخر اها کهڙي ڪمي آهي، جا ڪيس هرشيءَ هوندي به، اجايل ۽ اڻاسو ڪري ٿي ڇڏي، ۽ پوءِ وقت جي تيز وهڪري ۾ هرڪو لڙهي وڃي ٿو.

ان سوال، اڄ، طلب جو جواب صرف ’تصوف‘ وٽ آهي، ته ڪير آهين؟ ۽ ڪنهن کي ٿو ڳولين؟ پنهنجو پاڻ سڃاڻ. خود آشنائي حاصل ڪر.

اسان سڪون جن کي، سي ته اسين پاڻ،
يا
رانجها رانجها ڪردي، مين آپي رانجها هوئي.
يا
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي ته سور هئا.

اهڙيون سوين سٽون صوفي سالڪن وٽ ملنديون ته، بي خبر تون غير ڪي ڳولين ٿو، اصل امُل ته تون خود آهين، پر تون ڄاڻين نٿو.

گرنٿ صاحب فرمايو:

”من تون جوت سروپ هئه، اپنا مول پڇاڻ“

ياوري

- سبحاني مان اعظم شاني
- انا الحق
- اهم اوست
- من خدايم، خدايم، من خدا
- تتو مسي
- تت توم اسي، وغيره وغيره

آخري ٻه فقرا ويدانيت جا آهن، جا پڻ ان هيڪڙائي ۾ سچ جا پار پتا ڏسي ٿي. وحدت الوجود ڪي هتِ ’ادويت واد‘ چئجي ٿو، جنهن جو مطلب آهي ته، جيڪو ٻه نه آهي. هي هن فڪر جو بڻ بنياد آهي، جنهن جهڙو ٻيو نه آهي.

- ايڪم ادويتم (وحده لاشريڪ لهُ)
- ايڪم ستہ دويتو ناسي (لاالا ال الله)
- برهم ستيم، جگم مٿيا (جهان ڪوڙو آهي ۽ الله سچ آهي)

ويدانيت ڪي فلسفي جي فڪر ۾ آڻڻ وارو ’شنڪر آچاريا‘ آهي، هي ائين صديءَ ۾ مالابار ۾ هڪ برهمڻ هو، ويدانيت جو بنياد ’اُپنشد‘. ’برهم سوتر‘ يا وري ويدانيت سوتر ۽ ڀڳوت گيتا آهن.

اُپنشد ۾ آهي ته، هيءَ ڪائنات سراسر دوکو ناهي، پر حقيقت آهي، ڇو جو هيءَ ذاتِ حق جو مظهرُ آهي، پاڻ غير حقيقي ان لاءِ آهي، جو عدم آهي، يعني سندس وجود نه آهي، پر برهما ته وجود آهي. ان ضد ڪي سمجهي ته ڄاڻبو، اهو ته ڪائنات ڪي مستقبل حقيقي سمجهڻ سڀ ڪان وڏي ناداني آهي، جا دوکو

ڏئي ٿي ۽ ماڻهو رڃ ۾ ڀٽڪي ٿو. جتان ڪجهه پلئه پوڻو نه آهي. ڪبير صاحب چيو آهي، "اي جو دنيا، سحر ميلا، دستگيري ناهي" هن سحر (جادو) مان هٿ ڪجهه به لڳڻو ناهي. خالي هٿئين رمڻو پوندو، دارا هجي يا سڪندر، قارون هجي يا بل گيٽس، ڪوئي ڪجهه نه کڻي سگهندو. هيءَ ڪائنات سچ جا ڪرڻا آهن، سچ جي سچ مان نڪري نروار ٿيا آهن، تيئن خدا هر هنڌ حاضر ناظر آهي، هرشيءَ ۾ جلوه گر آهي، ته اهڙي گيان (عرفان) سا ئي سالڪ معرفت ماڻي سگهي ٿو، جڏهن سندس اندرين اک کُلي.

ڏي تپي لَهُ تول، اصلي عين اندر دا ڪول.

قرآن شريف ۾ آهي:

"هوالاول و آخر و الظاهر و الباطن وهو بڪُلِ شيءِ عليم"

مطلب: بس اهو ئي هرشيءَ جي شروعات آهي. هر شيءَ جو ظاهر آهي ۽ هر شيءَ جو باطن آهي. (اهو ئي اهوئي) هو هر شيءَ جي ماهيت کان واقف آهي. يعني تصوف ۾ ويدانيت جو حاصل اهو ٿيو ته، وجود بس 'هڪ' آهي، ڪائنات نماءُ آهي. Becoming يا ڪثرت وجود آهي. وجود جي وحدت جو هر زمان ۽ مڪان کان متانهون آهي. هي مادي وجود، روح جو پردو (حجاب) آهي. جيئن پاڻ بُت تي ڪپڙا پائيندا آهيون، جيئن پاڻ بُتَ تي ڪپڙا پائيندا، تيئن هي ڪائنات وجود حقيقي جا ڪپڙا آهن. مادي وجود وري فطرت يعني زمان ۽ مڪان ۾ قابو قيد آهي. روح ڇا آهي؟ حق مطلق آهي، خود آگهي، پاڻ سڃاڻڻ جي علم، شعور ۽ عشق سوڀاڻي، سمجهي ۽ پائي Realize ڪري سگهجي ٿو. روح فريب نظر يا رڃ نه آهي، پر هن روپي (شڪلين واري) سنسار ۾ قيد آهي. روپي سنسار حق مطلق (برهما) جو پاڇو آهي. هن دنيا جوظهور حق جي ڪري آهي، ۽ ان حق جي ڪري هي موجود آهي، ان لاءِ صوفي چون 'حق موجود، سدا موجود'، 'هي حق سچ آهي، باقي دنيا مايا آهي'، 'نه سچ نه ڪوڙ'، 'آهي به، نه ناهي به'، مطلب دنيا جي حقيقت درياءُ وانگر آهي، درياءَ جو هڪ وهڪرو آهي، هڪ وقت ۾نظر نه اچي ٿو، پر ڏسو نه وهي وڃي ٿو، هر

پيري نئون آهي. تصوف روح جي سائنس جو نالو آهي، ۽ اها مڪمل Applied Science آهي. جي جسم جي ليبارٽريءَ ۾ مرشد (استاد) جي رهنمائيءَ ۾ اندر انيؤ (تجربو) ڪن، ته اهو سچ پائي سگهجي ٿو. تصوف، انسان جي اصليت يعني ڪرداري سائنس جو نانءُ آهي. جهالت ۾ انسان هن مايا جي هن روپي سنسار کي سڀ ڪجهه سمجهي، ڪوهه ۾ ڪريل ڏيڏر، سڀ ڪجهه ان ڪوهه کي سمجهي، زندگي بي مقصد گهاري ڇڏي ٿو. تصوف، ڪائنات جي ماهيت کي سمجهڻ ۽ پنهنجي ذات جي حقيقت ڄاڻڻ جو علم آهي. ان ڪان سواءِ، سنسار جا سڀ مزا چکي به ماڻهو ماندو، اڌورو، اڇايل ۽ اباڻڪو رهي ٿو. موهه جو مانداڻ ڪوريئڙي جي ڄار وانگر پاڻ اٽي ۽ پاڻ ئي منجهس ڦٿڪي ڦٿڪي مريو وڃي، هٿ ڪجهه نه اچي. اها اگهور، مايا وي نند فقط موت اچڻ وقت ئي لهي ٿي ۽ ماڻهو اصل سجاڳ ٿي پوي ٿو، ته ڇا هي سڀ سپنو هيو؟ ۽ پوءِ ساپيان ۾ رويو پوي.

رِتِي جي رهاڻ، جيءَ اڙايم جت سين.
(شاهه)

ته هي مزا ۽ شيون ويا وهارڪ آهن. جن جو وجود حسي يا وهمي آهي، ظاهر ۾ مشهود (موجود يا حاضر) پر اندر ۾ معدوم (ناپيد يا لامجود) آهن.

مصري شاهه خوبصورت بيان ڪيو ته:

عيش دنيا جا، مڙوئي مان وارا ملوڪ،
سک هڪ ساعت جو، ۽ ساري عمر جو سور.

سڀ حاصلات وقتي آهي، ڪيترو به مادي حاصلات، مال مزا هجن، پر وجود جو خال ويندو وڌو ٿيندو، ڪوٽ وڌندي، هوس وڌندي ۽ ان هيڃ جو ڪٿي ڪو انت ناهي ٿيڻو. هي ترشنا جي باهه آهي، جنهن کي مزن ۽ هوَس جو تيل اجا پڙڪائيندو، نه ڪي وِسائيندو. ان مان اٽپورائيءَ تي ڪروڌ پيدا ٿيندو ۽ ماڻهو ۾ ڪوڙي انا ۽ تڪبر پربو ويندو،پوءِ ڏيکاءُ ۽ نماءُ جوڪوڙو ڪاروبار شروع ٿي ويندو. اندر ڪوکلو ٿيندو ويندو، ۽ روح ڪان پري ٿيندو ويندو ۽ غير انساني

عادتون سندس وٽ ڪثرت سان اينديون ويندیون. ماٺھو اوپرو ٿي، مرون لڳندو. علاج ڪهڙو؟ علاج آهي، اَهم ورتي (نفس ڪي فنا ڪرڻ) يعني نفس اماره کي نفس مطئمن ۾تبديل ڪرڻ، يعني آتما يا نفس کي ايڏو بلند ڪرڻ جو هو پرم آتما ڪائناتي خدا سان هم آهنگ ٿي وڃي، پوءِ ڪيس ڪائنات ۾ هر طرف خدا جو ئي جلو نظر ايندو، ۽ هو خواهش کان پاڪ ٿي پوندو. پوءِ ڪا به مادي شيءَ هن جي خواهش لائق نہ رهندي، بس ڏٽيءَ جي يڪتائي سندس خود پرستي (اهمورتي) کي فنا ڪري ڇڏيندي. اهو سڀ مراقبي، ڌيان يا سماڌيءَ ۾ ملي سگندو، جا، اپلائيڊ سائنس جي ليب آهي. جتي اها حقيقت ۽ سچ مٿس منڪشف (ظاهر) ٿئي ٿو، تہ هر شيءَ ۾ ’الاواحد‘ جو جلوو آهي. اهو ئي حقيقي علم آهي،عرفان آهي، باقي جيسين هن ڪثرت کي سچ ۽ حقيقت ڪي سمجهنداسين، تيسين ڪوهہ واري ڏيڏر وانگر ڦاٿا پيا هونداسين.

مولانا روم فرمائي ٿو:

علم چہ بود؟ آنکہ رہ بنمایدت
زنگ گمراہی ز دل بردایت

شيخ سعدي فرمائي ٿو:

سعدی بشوے نقش دوی راز لوحِ دل
علیمکہ راہ حق نہ نماید، جہالت است۔

## مذهب ۽ تصوف:

عام طرح اهو سمجهيو ويندو آهي تہ، تصوف مذهب مان نڪتل آهي، ۽ ان لاءِ گهڻا دليل ۽ جواز آندا ويندا آهن. بيشڪ ان جي پاڙ اتي آهي. پر، Ph.D. ڪا پرائمري تعليم نہ چئبي. اهڙيءَ طرح مذهب ۽ تصوف بہ آهي. David Emile Durkhiem ٿو چوي تہ: “تصوف جون پاڙون مذهب مان ناهن، بلڪ

انسان جي وجود ۾ آهن.مذهب ۽ تصوف ٻئي سچائيءَ کي پرکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر مذهب سماجي ظهاري رسمن جو شڪار ٿئي، صرف عقيدي تي هلي ٿو، جڏهن تہ، تصوف انسان جي ماهيت ۽ روحانيت جي اعليٰ قدرن جي جستجو ۾ رهي ٿو.”

پاڻ سڃاڻڻ جو طريقو مٿين ڏسيل مراقبي جي رياضت ذريعي ٿئي ٿو ۽ ماڻهو مادي ڊوڙ مان نڪري، آفاقي سوچ ۾ اچي ٿو. هن مان غرور، انا، ڪروڌ، تڪبر، وڏائي ۽ هيچ نڪري، عاجزي، انڪساري، درگذر، صبر، ڪهل، همدردي، پيار ۽ معاف ڪرڻ ۾ مٽجي ٿي. جنهن ۾ ماڻهوءَ جو شعور زمان ۽ مڪان ڪان مٿانهون ٿيو وڃي. ڪائناتي جماليات سان سندس روح سرشار ٿيو پوي ۽ هُو همہ گيريت جي وجدان ۾ اچيو وڃي. ڪيس ڪشف حاصل ٿئي ٿو، جڏهن سندس سيرت اندر جي توجهہ، ان جي اندر خود بخود وڄندڙ ڪلمي، ناد يا شبد سان جڙي ٿي، جو ڪيس اندر جي نور، جوت ۾ سندس داخلي جوت جو ميلاپ ٿئي ٿو. تڏهن هو خود شناسي يا آتم گيان جو رس وٺي ٿو ۽ خود کي انا الحق وغيره نالن سان ڏِءُ نہ جهلي، ڪڏهن اٿلي پوي ٿو ۽ چئي ٿو تہ:

پٽي ڇڄ مَ ڇُل، منجھ تماشي نہ ٿئي،
گهوٽ ڪري ٿو پاڻ کي، ڪر هنگاما هُلُ.
(سچل)

پر جيسين هو زمان ۽ مڪان ۾ محدود آهي، تہ دنيا ئي حساب ڪتاب ۽ نفعي نقصان ۾ڪڏهن روئي تہ ڪڏهن کلي ٿو. هن کي ’To Have‘ جو ماڳ سڏجي ٿو، پر جڏهن هُو خودشناسي ۾ اچي ٿو، تڏهن ’To be‘ جو ماڳ ماڻي ٿو. هي وجوديت صوفي جو مقام آهي، جو سالڪ کي حاصل ڪرڻو آهي.

ايرڪ فرام پنهنجي ڪتاب “To have or to be” ۾ هن بحث جي اپٽار ڪئي آهي تہ، انسان مادي حاصلات ۽ شين جي تعلق ۾ نپوڙيو وڃي ٿو ۽ شين جي مالڪيءَ ’To have‘ جي هوَس ۾ ساري ڄمار وڃايو ويهي. پر محبت، انسانيت، خدمت، همدردي، سڪون، اطمينان، رشتا، خلوص ’To be‘ جي

دائري ۾ اچن ٿا. هي منزل ماڻھ بعد غرور ۽ انا ختم ٿيو وڃي، نفس پرستي ۽ ڪروڌ ورائي طاقت ۽ قلبي سڪون ۾ متجيو پوي ۽ هو خود ٻاجهارو، معاف ڪندڙ، پُر سڪون ۽ سڀ ۾ سائين پسيندڙ ۽ پرين پيارو ٿي پوي ٿو. جنهن لاءِ مون عرض ڪيو ته، تصوف ڪو نظريو نه، پر رويو ۽ ڪردار آهي. انسان جي وصف جي اهم خاصيت ان جي روحاني زندگي آهي، يعني انسان هجڻ جي خاصيت ‘To be/not to have’ چو جو مادي دنيا واري ‘To have’ هوس، لالچ ۽ ٽيڙ گڏ ڪرڻ جي ڊڪ ڊڪان ڪيس ڪوهيو ڇڏي ۽ ماڻهو جانور بڻجيو پوي، منجهانس انساني خصلتون ويندي ختم ٿينديون، ان لاءِ اڄ جي دنيا کي تصوف جي ضرورت آهي، شديد ضرورت آهي. جو ماڻهوءَ ۾ شدت پسند، ساڙ، انتقام ۽ مادي هَوس جي بدران رواداري، سهپ، برداشت ۽ خدا ترسي جهڙا گڻ پيدا ڪري؛ ڪيس خلق خدا جي خدمت ۾ تڪميل ڳولڻ سيکاري، ڪائناتي روح ۾ پنهنجي جزي يعني روح کي ڪُل روح ۾ سمائي، سينيءَ ۾سائين ڏسي، سچو موحد ٿي، پنهنجي ڪم ڪار بي غرضي، محبت ۽ خدمت وفاداريءَ ۾ انجام ڏئي هڪ سگهارو ۽ مڪمل وجود ٿي سگهي ٿو.

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.
(شاهہ)

پچين جان دوست، ته پاسي ڪر پرهيز کي،
جنين ڏنو هوت، تن دين سيئي دوُر ڪيا.
(شاهہ)

ڏس عشق جو انصاف، سڀ مذهب ڪيائين معاف.
(سچل)

## تصوف هڪ ڪردار:

صوفيءَ جي فقيري ۽ درويشي، شاهن کان وڌيڪ بي پرواهه ۽ بي غرض ٿئي ٿي. چون فقيري، ته کهڙي دلگيري، ڪڏهن مايوس ۽ بيزار نه ٿيندا. شڪر، صبر، قناعت، سادگي ۽ راضپو سندن شان ۽ سليقو آهي. پنهنجي غريبيءَ تي فخر ڪرڻ وارا هي فقير 'ڪجهه نه گهرجي' جي نعمت سان مالا مال ٿي سُکي حياتي گذارين ٿا.

چاهه مِٽي چنتا گئي، منوئا بيپرواهه،
جس ڪو ڪُڇو نه چاهيئي، سو ئي شهنشاهه.

صوفي، موهه مايا ۾ نٿو ڦاسي. سڪندراعظم جي سنڌ جي صوفين ڏاهن موڪليل اشرفين جي ٿيلهن ڪي هنن اهو چئي موٽايو ته هن پينو جا پيسا نه گهرجن، جو ملڪ حملا ڪري زوري پيو پني. چاهه ۽ خواهش ئي وڏي غريبي آهي. گهرج جو پورائو ڪڏهن ٿيڻو ئي ناهي. هڪ مان ٻي گهرج جنم وٺي ٿي ۽ اها زنجير ڪڏهن نٽي ڪٽي، ته صوفي عارف مطمئن، باهمت، اطاعت گذار ۽ خادمِ خلق ٿئي ٿو. هو قناعت ۽ صبر سان رهي، وٺڻ ۽ کسڻ بجاءِ ڏيڻ ۽ تياڳ ڪرڻ چاهي ٿو.

عظمت ان ۾ ناهي ته، توهان ڪيترو حاصل ڪيو، پر وڏائي اها آهي ته، ٻين جي خوشيءَ لاءِ توهان پنهنجا سک ڪيترا قربان (تياڳ) ڪري سگهو ٿا. صوفي، هيچ نه، سخا جو صاحب ٿئي ٿو.

سچ ۽ حق لاءِ جهد ڪرڻ ۽ عوام جي ڀلي ۽ خلق جي بهبود لاءِ جنگ جوٽڻ ۽ سر قربان ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندو.

نهايت بي غرض، لالچ، حرص ۽ هوس کان پاڪ. پنهنجي ڪم سان وفادار ۽ ديانتدار، محنت ۽ عظمت جو جيئرو جاڳندو مثال ٿي، قرباني ۽ تياڳ سان رشتا نڀائي ٿو. محبت ۽ عشق سندس ملڪيت آهي، ڪم ڪي ڀلي ۽ خدمت لاءِ ڪجي، نفعي لالچ لاءِ نه ڪجي. نشڪام ڪرم، عبادت، بنالالچ ۽خوف جي مالڪ جي رضا لاءِ ڪري پيو. عبد جو معبود لاءِ چاهه، طالب جو مطلوب لاءِ سڪڻ ۽ پڇڻ، اڻ کٽ پياس ۽ پيار آهي جا صوفي جي زندگي آ.

دل ئي رب جي رهائش گاهه آهي، صوفيءَ وٽ دل جو نهايت اعليٰ مقام آهي.

مولانا روم تہ چئي:

“دل بدست آور کہ حج اکبر است
از هزار کعبہ یک دل بهتر است.”

یا

کعبہ بنگاه خلیل آذر است
دل گذر گاه جلیل اکبر است.

تہ ڪعبة الله تي حضرت ابراهيم جو ڪرم آهي پر دل تہ خود پروردگار اعليٰ اڪبر جي ڏنل آهي.

جي تو پريان دي سِڪَ، هنياءَ نہ ڍاهہ ڪهين دا.
(بابا فريد گنج شڪر)

# شاهه لطيف جي سَاڃاهه

## Understanding Shah Latif

شاهه سائين گهڻن رخن جو آفاقي شاعر هوندي الڳ الڳ طرح سمجهايو ۽ سمجهيو ويجي ٿو. ڪٿي انقلابي تہ ڪٿي ڪٽر مذهبي، ڪڏهن جاڪوڙي تہ ڪڏهن سورمو سرموڙ. سچ تہ گهڻ طرفو موضوعاتي مامرو ٿيو پوي، جهڙو فڪر ۽ نظر تهڙو اپٽار ٿيو پوي.

پر شاهه سائين صحيح سمجهڻ لاءِ سندس وقت، همعصر ۽ پسنديده شخصيتن ۽ شاعرن کي سمجهڻو پوندو. سندس فڪري فلسفو آهي وحدت الوجود يا اديويت فڪر ۽ عام طرح تصوف يا صوفي ازم ڪري چيو ويندو آهي. انجي اپٽار، وضاحت ۽ تاريخ ۾ ويندس تہ الڳ ڪتاب ٺهي پوندو پر پنهنجي پوري ڄاڻ، ذات ۽ ڏانءَ سان سرل ڪري پيش ڪيان ٿو.

منهنجي اڳيان تصوف، ويدانت يا مِسٽسزم جو تعلق ڪنهن بہ طرح مذهب ڌرم يا رليجن سان ڪونهي پر انجو تعلق انساني روح ۽ جذبن سان آهي جو لاجڪ يا ريزن ۾ بہ پورو ادراڪ ڪندو. It’s purely a Science of Soul لفظ سائنس مان سمجهي ويا هوندا منطق، دليل، تجربو ۽ ثبوت، لطيف سائين جي لفظن ۾:

پڇيوئي جان دوست تان پاسي ڪر پرهيز ڪي
جنين ڏنو هوت، تن دين سڀيئي دور ڪيا.
(حسيني 8)

ڪهڙي ڪام ڪاپڙي، تا اهڙي روش رون
نہ ڪا دل دوزخ ڏي، نڪو بهشت گهرن.
نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من
ايا ائين چون تہ پرين ڪجو پنهنجو.

منهن محراب پرينءَ جو، جامع سپ جهان
ڦرهيءَ تان فرقان جي، ڪاتيائون قرآن
اڏامي اُت ويو، عقل ۽ عرفان
سيوئي سبحان، ڪاڏي ڪيان نيتيان.

تہ هاڻي غور ڪيو مذهب دين ڌرم ڪٿي آهي. آهي تہ بس عشق سو بہ:

**خوديءَ ڪائيندڙ:**

جي خوديءَ کي ڪائين، هلو تہ تڪيا پسون تن جا.

**مرڻ کان اول ماريندڙ:**

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نہ مات.

**چئي:**

اڄ آديسي مَرُ، سيان مرندو سيڪو.

1. تہ پهريون، ڳالهہ مذهب کان الڳ، هر ماڻهو ۾ روح ساڳيو، عشق ساڳيو، ذات اُها **مَانُک** (ماڻهو) کي جات ايڪ پهچانبو (گرو گوبند سنگهہ)
جيڏانهن ڪيان پرک تيڏانهن صاحب سامهون.

2. بيو عشق!

- عشق لڳئي تہ ڪر آمين، نہ منجهہ ڪفر نہ منجهہ دين

www.sindhsalamat.com

- جنهن دل پيتا عشق دا جام، سو دل مستون مست مدام
- سچل ڳالھ عشق جي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا.
(سچل سرمست)
- عاشقن الله جي محبت رکي من، سنڌي سک پرين،
تن ۾ آهي تن جي.
(شاھ، يمن ڪلياڻ 7)

هاڻي هن مذهب ۽ عشق جي جهيڙي کي مولانا روم جي فارسي شعر سان ٻنهي بند ٿا ڪيون جو مثنوي سائين جو ماخذ هئي.

مذهب عشق از همه دينها جدا است
عاشقان را مذهب و ملت خدا است

**معنيٰ:**

پنهنجو مذهب دنيا کان جدا عشق آهي
پنهنجي قوم ۽ مذهب عاشقن لاءِ الله آهي.

3. ٽيون آهي دل جي صفائي، تزڪيهٔ نفس، انا ۽ خودي ختم ڪرڻ سڀ کان وڏو ۽ ڏکيو جهاد آهي جهاد بن نفس، پاڻ مارڻ جون تصوف ۾ 3 فناعون، جي جنيد بغدادي عشق پائڻ لاءِ مقرر ڪيون سي، آهن. فنا في لاشيخ، فنا في الپيغمبر، فنا في الله، من مارڻ، شاھ سائين پنهنجي پياري دوست محمد زمان لنواري واري کان ٻہ اهو مشورو پاتو تہ:

ڪين آهين، ڪين ٿي، وڃين ڪين ڪماءِ
لاڳاپا سڀ لوڪ جا ’لا‘ سين وڃين لاھ
تهان پوءِ سلندياس، ڳالھ پريان جي ڳجھ جي.

تہ شاھ ڪين ٿي پيو، پڇيائين ’سائين شيعا آهيو يا سُني؟‘ وراڻايون: ’ٻنهي جي وچ ۾‘: چيائون، ’سائين وچ ۾ تہ ڪجھ ڪونهي‘ فرمايائون: ’لطيف اهو ڪجھ ڪونہ آهي‘. تہ:

صوفيءَ صاف ڪيو ڏوئي ورق وجود جو
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

صوفي لاڪوفي ڪونہ پائينس ڪير؟
منجهان ئي منجھ وڙهي پڌر نہ آهيس پير
جنين ساڻس وير، ٿئي تنين جو واهَرو.

ڪيو مطالعو مون، هو جو ورق وصال جو
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نہ لخطي جيتري.

۽ پاڻ آهيون مان ۾ مان ڪبير ڀڳت چئي:

تون تون ڪرتا تون ڀيا، مُجھ ۾ رها نہ مون
جان آپا پرڪا مِٽ گيا، جت ديکهون تت تون.

تہ صفائي ڪري اندر تون اجيار، انهن سان مِلُ، جي خوديءَ ڪي ڪائين هلو تہ تڪيا پسون تن جا.

4. صالحن، بزرگن، درويشن جي دوستي مان ئي اهو ملندو. مولانا روم:

يڪ زمان صحبتِ با اوليا، بهتراز صد سال طاعت بي ريا.

تہ سو سالن جي بغير عشق ڪيل عبادت کان بهتر آهي هڪ ساعت جي اوليا سان صحبت، جا نظر سان نهال ڪري ٿي.

نانڪ نَدري نَدرِ نهال.

اُت فريدا گون ڪر، دنيا ويکڻ جاءِ
مت ڪو بخشيا مِل وَڃئي، تون بہ بخشا جاءِ.

تہ اِها صحبت با اوليا ئي سالڪ ڪي سڌاري، سنواري، روح جي رمز رسائي ٿي. اهڙو ڳنڍي ٿي (يوگ) جو عاشقن الله ويرو تار نہ وسري، دنيا ۾ رهڻ جو نئون ڍنگ سکجي.

هينئون ڏجي حبيب ڪي، لنگهہ گڏجن لوڪ.
(شاهہ عبدالڪريم)

5. ان ڳانڍاپي ڪي قائم ڪرڻ لاءِ جي سور سختيون ملن تہ جهوليءَ پائي جهلجن، هيءَ سور جو شاهہ سائين وٽ الڳ ئي فڪر آهي، نهايت نئون رخ:

جن ڪي دؤر درد جو، سبق سور پڙهن
فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالعو ڪن
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسڻ پرينءَ جو.

پلا ڪو سور بہ گهرندو آ ڇا؟ پاڻ سپ سُک طلبيون ۽ پرينءَ ڪان پري رهون، پيو تہ شاهہ وٽ سور ڇو ضروري آهن، جو گهُري صدا هٽي ٿو وٺي؟ جواب ڏئي پيو پر پاڻ غور نٿا ڪيون. شاهہ ڪي اڪين سان نہ پڙهندا ڪيو، هي دل من ۽ روح جو مطالعو آهي، پنا ناهن پڙهڻٽا، جي اها اور اورجي تہ:

هندائج هينئين سان، الف سندي اوڙ
تہ ڪتابن جي ڪوڙ، منجهان تو معلوم ٿئي.

ڪروڙين ڪتاب تو مان نڪرن، شاهہ تي لکيل ڪتاب ڳٽيون پر شاهہ اجان مٿي، نہ سمجهڻ، نہ سلڻ جهڙو. تہ اهو سور ٿو سيڪاري.

صدا وڏيم سور جي، اڳيان ڪوهياري
جو نجس نڪاري، سو پُنهون وڏم پاند ۾.

تہ پرين جي سور نجس ناپاڪ کي ڪڍي، اجرو ڪيو. انکي يونان ۽ انگريزي ادب ۾ چئون Catharses. تہ سور جي هر سٽ پرين پاسي تي ڪري. آخر ۾ آءُ سور جو هڪ شاهڪار بيت، جو سمجهڻ لاءِ پيا جهونگاريو، وري ويچاريو، فڪر جي ڦرهي تي آٽيو.

سورائتي (سورن واري) سڏ ڪري، سڏ ڪري سورن کي
سورن پڳس هڏ، سي پڻ سيڪي سور سان.

# شاهه جي شاعري ۾ ڏک جو ڪارج

سچي ڪائنات تي ڏک آسمان وانگر ڇانيل آهي. انسان جو انسان سان پڪو رشتو ڏک جو آهي. ڳوڙهن جي ٻولي سڄي دنيا ۾ سمجهي وڃي ٿي، جو سور سڀ جا سانجها آهن. خوشي ته وقتي آهي ۽ ڦرڪري اڏامي وڃي ٿي پر سور سدا جا آهن، جي ڄمڻ سان شروع ٿين ٿا ۽ موت تائين ساٿ نڀائن ٿا. يعني ڄمڻ به سور ۽ مرڻ به سور باقي وچين وٿي به سورن جا باب جنهن سان حياتي جو ڪتاب ڀريو پيو آهي، سک ته ڪڏهن ڪاما وانگر ڪٿي ڏنل آهن نه ته دک تي ئي فل اسٽاپ آهي.

"مٺ مٺ سورن سڀ ڪنهن مون وٽ وٺاڻان" ته لطيف سائين وٽ ڏکن جا انبار آهن. هون ته اڳ گوتم ٻڌ به اعلان ڪيو "سروم دکم دکم" ۾ گرو نانڪ ديو چيو " نانڪ دکيا سڀ سنسار" ۽ بابا فريد گنج شکر چيو "مين جاڻيا دک مجھ کو، دک سبائي جگ، اُچي چڙهه ڪي ويکيا تان گهر گهرايها اگِ.

پر سائين سرڪار جي شاعري ۾ ڏک ڪمال تي آهن، ڏکن جو ڪارج آهي اجرو ڪرڻ، صاف ڪرڻ ۽ نجس جو نڪرڻ! جيئن پرين پسي سگهجي جو اهو ته مجيل مقولو آهي.

"پائيون جان نه ڪجن، روئي ڌوئي اکڙيون
جر ڪجر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن."

انگريزي ادب ۾ يونان جي ارسطو اهو ٻڌايو ته ڏکن وارا ڊراما يا غمگين فلمون پنهنجي ڪيسي مان پيسا ڪڍي ڇو ڏسندا آهيون، اتي روئندا به آهيون ته آخر ڇو؟ جو ان ڏکن ۽ محرومين وارن ڪردارن سان اسان ۾ همدردي ۽ رحم جا جذبا پيدا ٿين ٿا. اهي ڪردار اسان ۾ Empathy ذريعي ڪهل، قياس ۽ ترس

پيدا ڪن ٿا جي بيشڪ اعليٰ جذبا ۽ انساني اقدار جي عظمت آهن ته جيئن ماڻهو معاف ڪرڻ ۽ ڏيڻ جي اعليٰ عهدي تي پهچي. ان کي ادبي ٻوليءَ ۾ Catharses چئجي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي ڌوئي اجرو ڪرڻ. جيئن مون مٿي بيت ڏنو ته پاڻيون جان نه ڪجن روئي ڌوئي اکڙيون، ته ان ئي تصور کي ڪٿي شاهه سائين جو سنائُ پڙهجي ٿو.

”ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏکن ري“ يا ”سو سکن ڏيئي، ورهه وهايم هڪڙو“ گرو نانڪ جو آواز ٿو اچي:

ڏک دارون سک روگ ڀيا
جان سک تام نه هوئي.

ته ڏکن ۾ ئي طلب وڌي ٿي سک ته مورڳو هڏئي ڀڇيو ڇڏين. آرسي، اٽاسو ۽ نڪمو ڪيو ڇڏين ۽ سورن جاڳائي سمئي.

سور مَ وڃيجا سجڻ جيئن سانگ ويا
پرين پڇاڻان آءُ اوهان سين گهاريان.

3. زندگي مسلسل سور آهي، خوشي آهي ڏک جي غير موجودگي، جا ٻنهه ايتري ٿوري آهي جو نه برابر. ارسطو ماڻهو کي هوشيار ڪيو آهي ته: وس ڪري ان سور ۽ عذاب کان پاڻ کي بچائي، جيتري چمار وڏي، اوتري سورن جي پري ڳري، جوانن کي کهڙي خبر ته تمنائن جي ٽٽڻ جو انداءُ ڪيڏو ڏاريندڙ آهي؟ آرزوئن جو اڌورو رهڻ سان، جيءَ ڪيئن ڀچي ڀُري ٿو، خواهشن جو اُجو رهڻ ڪيڏو نه تڪليف ڏهه آهي، جنهن سان زندگي بي معنيٰ ٿيو پوي، جيءَ اٽاسو ويڳاڻو ۽ اباٽڪو ٿيو پوي، زندگي زهر ۽ موت ماکي ٿو لڳي پر اها مايوسي گناهه آهي، زندگي درد سان اٽڪڻ، مهاڏو ڏئي وڙهڻ جو نالو آهي. ڏکن جي ڀلاري پاسي کي ڏسڻو آهي. ياد آهي Uses of Adversity ۾ پڙهيو هوسين ته ڏيئي جي وٽ ۾ ڪاربان جو ڦهر ڪري ٿو تنهن کي ڪٽي، وري تيز توانو ڪجي ٿو. اهو ڪٽڻ وارو ڏک سک آهي. پينسل لکندي لکندي اکر ٿلها ۽

ادنگا ڪيو ڇڏي، وري شارپنر ۾ وجهي سانچي ۾ گهڙڻ جو درد ڪيس سُهڻو ۽ خوشنما ڪيو ڇڏي، شاھ سائين بہ ايڏو اوچو ماڻ ڏنو آهي ڏکن کي، سورن ئي واٽ سٽائي ڪئي. پهاڙن جو پنڌ پيرن کي ڦٽي رکي ٿو پر هڪ اٻلا ناري سسئي کي ڇا تہ پنجن ئي داستانن ۾ معراج ڏني آهي. للڪار ٿي ڪري.

اڳيان تڪرَ ترُ، متان روھ رتيون ٿئين.

آهي ڪو اهڙو ٻيو انداز، ڪو دلاسو ڏيندڙ آواز؟ جهڙو هي سسئيءَ جو سور تي فتح پائڻ، آءُ ڪجھ بيت ڏيان ٿو جيڪي پنهنجي سمجهاڻي پاڻ آهن، بس پُرجهو!

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرينءَ جو،
سونهائي سورن، کي هيڪاندي هوت سين.
(حسيني 6)

ڏيهاڻي ڏمر ڪري، مٿي محبت مون
تنهنکي اڇي تون، پريم! ڪُوہ نہ پَليين.
(سهڻي)

ڏونگر ڏکوئيون، تو ۾ اورڻ آئيون
جي اڇن ڦوڙائيون، ڏجن دلاسا تن کي.
(ڪوهياري)

ڏکوين اهڃاڻ، ڪلهي ڦاٽو ڪنجَرو
وڃن گوندر گڏيون، لوڪَ نہ آڇن پاڻ
سورن اسان ساڻ، ننڊ ئي نينهن ڪيو.
(حسيني 12)

ڏکيءَ ڏمر ناھ، ٻُکي کِل نہ اُڇهي
اگهاڙيءَ وهانءُ، ويو ويچاريءَ وسري.
(معذوري 2)

ڏکيءَ ڏورڻ پاڻ، تي ويچاريءَ وڌو
ڏيل جنھنجو ڏک سين سيوئي سڌو
ھيڙس اڳ لڌو، پوءِ ٿي ڪري پنڌڙا.
(معذوري 5)

ڏکي! ڏک وسار، سيج ڦٽي ڪر سسئي
پٽين پير نھار، ته آرياڻي اُتان لھين.
(معذوري 6)

ڏک سکن جي سونھن، گھوريا سک ڏکن ري
جنين جي ورونھن، سڄڻ آيو مان ڳري.
(سسئي 6)

شاھ اسان کي ڪھڙو نه سبق سنو سيکاري ٿو، جي ڪو سمجھي!

سکين تي مَ سنري، پسي ڏک مَ ڏر
پٽي ڪر مَ پنھنجو گھوري! اڏِ مَ گھر
ماري! ھڏ مَ مَرُ مڇڻ جيءَ جيارئين.
(سسئي آبري 1)

ته نه سکن ۾ ڦوندجي ۽ نه ڏکن کان ڏججي، نه جيجي نه مرجي. ان پيروليءَ کي جو پروڙي سو سڏ سُٺي ساھڙ جا، ھنن ڏکن جي دنيا مان پار پوڻ جو ھيلو به اتي سيکاري پيو.

ھِتان ڪٽي ھُت، جن رکيو سي رسيون
ساجن، سونھن، سرت، وکان ئي ويجھو گھڻو.

ڏکن دردن ۽ سورن کان نه سھمجي. اھي ته اڳتي ڏکڻ لئه چھبڪ آھن، بس ھي رمز رکو، جو وکان وترو ٿي ھلندا رھو، سڀ ملي ويندو. ڇا ته ھي بيت ۽ انجو دلاسو آ:

پسي ڏونگر ڏاه! جم هلڻ ۾ هيٺي وهين
لانچي لڪ لطيف چئي، پنيءَ ڪيچن ڪاه
پڇي پورج سسئي! بلوچاڻي باه
ان وڙائتي ورجي، آسر هڏ مَ لاهه
جو اڪنئون اوڏو آهه، سو پرين پرانهون مَ چئو.

واهه واهه، جو اڪين ۾ اتڪيل، دل ۾ ڏڙڪي پيو، تنهن کي پرانهون ڪيئن ٿا پانئيو، معنيٰ جاڏي ڪيو ته به واه واه! پر هئي اهڃاڻ سٽائو!

وري پڇ ويئين ڪي، سندا پنهونءَ پار
ساڃن سپ چمار، ڏکي! ڏورج ڏيل ۾.

اها درد جي دانهن دل ۾ ورائي ڏکي پنهنجي ڏيل ۾ ڳولهه پر دير نه ڪَر! حاصل ڪر حال کي، هي صوفن جو حال وجود جو وجدان آهي، **ان ڏکيءَ ڪيفيت ۾ رهڻ کي حال جو حاصل چئبو آهي.** آهي رڳو سور سان ياري، ڦوڙائي فراق جي ڏکن ۾ جالڻ جا جتن، ويندي مرڻ کي پيا سڏ ڪن.

مرڻ مون سين آءَ ته پنيءَ لڳي تو پند ڪيان
يا
اڄ آديسي مَرُ، سيان مرندي سيڪا

۽ چيائون ته:

فردا منڌ ڦتي ڪئي، نقد ڪنيو نار
هي جا واڳ ولهيءَ جي، ويرم ڏي مَ وار
جانڪي منيءَ مار، جانڪي ميڙ مُنيءَ کي.

سياڻ نه ايندو ۽ منڌ (عورت) حال ۾ هَلُ ويرم نه وار ۽ کهڙي مني ٻوليءَ ۾ شاهه سائين چئي ٿو ته هن ڏکي مُني کي يا ته مار، يا وري پاڻ سان ملاءِ، ته درد جو درياهه جهاڳڻ آهي، سورن ۾ سکڻ آهي جو:

سڪڻ ۾ سوري، اکر مڙيئي هيڪڙو
ٻنهي جي پوري، جيءَ ڏني ريء نہ ٿئي.

هونءَ بہ نينهن جو شينهن تہ ڪائڻ لاءِ تيار بينو آهي، پريتڻو تہ مريتڻو آهي، مرڻ جو ماڳ آهي، سورن ڏکن کان بہ اڳتي:

سوريءَ سڏ ڪيو، ڪا هلندي جيڏيون
وڃڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي.

يا

عشق نہ آهي راند جو ڪنس ڪي ڳيرو
جيءَ جسي ۾ جان جي پيچي جو هيڪاند
سِسِي نيزي پاند اُچل تہ بہ اڏ ٿئي.

ساڳي ڳالهہ ڀڳت ڪبير ۾ گرو نانڪ جي بہ ڪئي.

يہ تو گهر هئہ پريم ڪا، خالہ ڪا گهر نانهہ
سيس اتاري ڀونءَ ڌري، تو بيٺي چپت مانهہ.
(ڪبيرداس)

جي تينون عشق کيلڻ دا چاءُ
سر ڌر تلي، تي گلي ميري آءُ
ات مارگ پير ڌريجي، سرديجي ڪاڻ نہ ڪيجي.
(گرو نانڪ صاحب)

تہ سورن جي سٽ ۾ درد اهنج ايذاءَ عذاب جا اورڻ آهن عشق جا ماڳ، جو گرو ٿو چئي سَر تِريءَ تي رک ۾ پوءِ هن ڳلي ۾ اَچُ، تہ اچو تہ سورن واريون ڪريون سور پچار. تہ سور پچار ڪرڻ جو سڏ، ڏکن جي ڏيهہ هلو ۾ اڻ ٿڪيا اورچا هلندا رهو.

جني سُڪ ناتھ ڪو، چارڻ سي چئجن
رجن راھ پچن، مٿن ڪلهي ڪينرا.

چا تہ رومانس آهي چارڻ ۾! ڪو سڪ نہ پر راھ رجن ۾ پيا پچن! وچائجڻ ۾ مزو ۽ پچرڻ سان پيار.

سورائتي سڏ ڪر، سڏ ڪري سورن ڪي
سورن پڳس هڏ، سي پڻ سيڪي سور سين.

ڪامان پچان پچران، لچان ۽ لوچيان
تن ۾ تؤنس پرين، جي پيان نہ ڊاپان
جي سمنڊ منهن ڪيان، تہ سرڪيائي نہ ٿئي.

تہ اچو هاٽي وارو ڪيو "پچڻ گھٽان پچائيا، تون پچڻ ڪي پچاءِ. جو ڏس مرشد ڏئي ٿو پر سڪ نہ طلبيو جي وارننگ سان.

سڪن واري سڌ، مٿان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندين.

سدا آباد رهو اندر ۾ اڌ ٽيل!!

# سچل سچ سمورو

**هي روحانيت جو مڪمل مضمون آهي، جنهن کي 2017ع سچل سرمستؒ جي عرس تي لکيل مقالن ۾ بهترين مقالي جو ايوارڊ مليو.**

بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا محروم ٿياسي
نڪي قاضي نڪي ملان، معلم پير بڻياسي
نڪي ٺاهه ٺڳيءَ جا ٺاهي، رنگ رساءِ رکياسي
سچا ٻاجهون عشق الله جي، ڪوئي هنر نہ سکياسي.

.....تہ هي سمورو سچ سرل لفظن ۾ چيل تہ اڄ جي ٺڳيءَ جي ٺاهن کي سمجهون ۽ ظاهري رنگ رساءِ کي صحيح ڪري سچ ۽ حق کي سڃاڻي ان جي عشق ۾ گرفتار ٿياسي تہ سڄي مخلوق پنهنجو ئي ديدار ٿي، دلبر کي هرجاءِ پئي ڀاسندي ڇيائون "جيڏانهن ڪيان پرک، تيڏنهن صاحب سامهون".... تہ خلق خدا جي خدمت جو شعار، پڪي پڪڻ ۽ وڻ ٽڻ سان پيار جي تنوار جا غريبي، ايثار، بخشش ۽ معاف ڪرڻ پئي سيکاري.

پر سچ کي فقط اهي سالڪ صحيح ڪري سگهن ٿا. جن خودي ڪائي فنا ڪاڏي، وجود کي نابود ۾ وڃائي بود پاتائون. "جيلانهن ٿيا نابود تيلانهن ڳڏيا بود کي" سچل سائينءَ جي فارسي لفظن ۾:

جز گم     شدن     شتو     آشڪار
آن     صوفي     باصفاءَ     نباشد.

جنهن ڪي نانڪ يوسف سؤلوڪري سڏايو:

گم هوڪي ويک نظارا آپ سارا، محبوب ڪي صورت ۾

اهو ئي حاصل آهي، حق آهي ۽ تصوف آهي، باقي سڀ ڳالهيون پنڌ اجايا آهن:

سچل ڳالهه عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا

نه اهو عشق جي منزل تي آهي..... نه ڪتابي علم وٺڻ سان يا ڳالهيون ڪرڻ ٻڌڻ سان.

گرونانڪ صاحب چيو: "گلي جوگ نه هوئي ايک درشت ڪرسم ڪر جاٽي جوگي ڪهيئي سوئي"...... نه ڳالهين سان رب جو حاصل (جوگ) نه ٿيندو. جيسين هر هنڌ اهو نظر نه اچي. ٻيو ڪو نه، ٻنهه نه. سچل سائين اهو سچ ايئن ٿو سَلي:

پاڻ پنهنجو پاڻهي صورت منجهه سڃاڻ
الله الله چو چوين پاڻ ئي الله ڄاڻ
تون ئي ٻڌندڙ تون ئي ڏسندڙ شاهد آ قرآن
ناهي شڪ گمان سچو سائين هيڪڙو.

پر بنا سمجهه، آتم گيان جي اهو ڪفر ٿو لڳي. جنهن فتويٰ تي منصور، سرمد، مخدوم بلاول، شمس تبريز وغيره ڪي ماريو ويو. سواءِ پاڻ پر تزڪيه نفس سواءِ اها سمجهه ڪٿي ۽ همه است، انا الحق، من خدا، سبحاني ماعظم شاني جا فقرا ڪٿان سمجهه ۾ ايندا. اهو تصوف اسلام کان گهڻو اڳ شروع ٿيو. حضرت موسيٰ جي "يا موسيٰ قي" ۽ حضرت عيسيٰ جو عالم سان عشق جو "هڪ ڳل تي چماٽ هڻڻ واري ڪي ٻيو ڳل ڏيو." چا ٿو سيکاري، ۽ پنج هزار اول ڏنل ويد چون "تتومسي" (اهو تون آهين) ۽ آشڪار تي چيائين "اهم برهم اسمي" معنيٰ تي "همه اوست، تت توم اسي".... ۽ سچل سائينءَ ان سچ ڪي ورجايو:

آهيان مان اسرار اديون، مونگي ڪير ٿيون پائيو.

نوري ناري ناهيان آهيان رب جبار
مرشد ٻانهو نہ ڇيو، سچل تون سردار.

معنيٰ تہ آهين خود خدا، ٻيائي توکي ٻيو ڪيو. جو پاڻ سڃاڻ جي عمل مان گذرندي ڏنائون، تہ مان ڪير آهيان، ڪجھ نہ. منهنجي ظاهر باطن ۾ تہ پاڻ حق ئي موجود آهي، مان تہ آهيان ئي نہ، نہ، بنھ نہ. ديوان آشڪار ۾ هيئن آشڪار ڪن ٿا:

چيستم من نيستم، پنهان عيان باشد خدا
غرق در در ياري حيرت ما وشمائي ميکنم.

ترجمو: ڇا آهيان، مان ڪجھ نہ آهيان، ظاهر باطن خدا آهي. حيرت جي درگاھ ۾ غرق آهيان، توهان ۽ اسان وينو ڪيان، ڪيڏي نظر صاف آ، اندر آئينو ڪيل...... هي آهي ڪثرت وحدت ڪل. يا ”ع“ ۽ ”غ“ جو نڪتو گم ڪرڻ وارو عمل.

سائي صورت عين کي، سائي صورت غين
سمن نقطا دور ڪر تو، وہ عين ڪي عين.

صوفي آغا گل حسن پنهنجي تحقيقي ڪتاب ۾ لکن ٿا تہ ”همہ اوست ۾ وري گرونانڪ صاحب جو خيال حد ڪان اونهو ويل ٿو ڏسجي. هن بزرگ هستيءَ وري ان جي ضد (مقالبہ) واري چيز جي تاثير کي ٻيو نہ بلڪ اهو ساڳيو ڪري سڏيو آهي، جنهن ۾ مايا جي خود هستي مٿيو حق ٿي ٿئي.“ چيائين ”آپ ست، ڪيا سڀ ست.“ پاڻ بہ ست (حق) آهي ۽ جو ڪجھ هن ڪيو آهي سو بہ سچ حق آهي؛ يعني جيڪڏهن اوهان کي يقين آهي تہ هو ست آهي تہ هن جو ڪم بہ ست (سچ) آهي نہ ڪوڙ.... انهيءَ منزل تي مايا بہ ڪوڙي ثابت ٿي نہ ٿي سگهي، يعني ڪوڙ آهي ئي ڪونہ، جو ڪجھ آهي سو سچ آهي. ستنام، حق موجود،

همہ اوست”.

سچي تيري ڪنڌ سچي برهمنڌ، سچي تيري لوءَ، سچي آڪار
سچي تيري صفت سچي صلاح، سچي تيري قدرت سچي پاتشاهہ.

تہ مقصد آهي خودشناسيءَ جو هنن صوفن سبق پئي پڪو ڪرايو آهي. “ڪير آهين ۽ ڪنهن کي ٿو ڳولين، پنهنجو پاڻ سڃاڻ” تہ پرم ۾ ڪوڙ جا ڪوٽ ڪري پوندا. “راجها رانجها ڪردي مين آپي رانجها هوئي”...... اِهو سچ سچل سائينءَ تمام چٽو چيو آهي، ڪمال چٽو ۽ قرآني آيتن سان مثبت ڪري سمجهايو آهي. هي حديث ٻڌو، سائينءَ جي سٽن ۾:

تون ئي مالڪ ملڪ جو پنهنجو پاڻ مَ پاڻ
لاخير في عبدي اهو اتي اُهڃاڻ
صورت منجھ سڃاڻ، پاڻ پنهنجو پاٽهي.

تہ علم اليقين، عين اليقين کان سچو سائين، حق اليقين جي منزل ڏي ٿو وٺي هلي. سندس بيتن جي صحيح سمجھ نہ هجڻ ڪري اسين گمراهہ پيا ٿيون. جيئن وڏي ۾ وڏي سٽ جا گمراهہ ٿي ڪري سا هٽ سمجھڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، تہ جيئن سمورو سچل جو سچ صحيح ٿئي. “لاخير في عبدي” حديث شريف جو مطلب آهي تہ “ٻانهي مان خير ڪونهي” تہ ڇا ڪجي؟. “تخلقو باخلاق الله” (عادتون وٺو، عادتون الله جون) ...... تہ وٺو ڪيئن؟ هي علم اليقين ڪٽي، عين اليقين لاءِ پنهنجي شھ رڳ کان ويجهو ويٺل مولا سان مِلو، ان کي ايئن چئجي ٿو تہ سچ، حق سڃاڻڻ جو اڪيلو ۽ بين الاقوامي رستو آهي پنهنجي اندر وڃڻ. هر هڪ مرد عورت لاءِ نہ دين ڌرم جو جهڳڙو، نہ فقهي پنٿ جو پٽڪو ۽ نہ قوم زبان جو ڌيان. تہ اهي انيو اچڻ ئي حق اليقين آهي ۽ پوءِ ئي چئبو حق موجود. جنهن لاءِ ارشاد آهي، “ليس في الدارين الاهو” (جهانن ۾ سواءِ “هو” جي ٻيو ڪونهي)...... جنهن کي صوفي سڏن “لاموجود الاالله”. پر پڙهڻ سان نہ، ٻڌڻ سمجھڻ سان بہ نہ، تہ ڪرڻ سان، فقط ڪرڻ سان، ها خود ڪرڻ سان.

سچل سائينءَ جي سموري سچ کي صحيح ڪرڻ لاءِ اچ سندس بارگاھ ۾ اھو تجربو رکان ٿو، جو ھر ھڪ اھو انيو خود ڪري، سچل سائينءَ جي سچ کي پاڻ پروڙي سگھي..... نہ تہ سالن کان پيا اچون، نچون، ڪائون پڙھون ۽ ٻڌون! ھي تہ من جي موج آھي، روح جو رَجڻ، ڏءُ ڪرڻ تہ رھجي ويو. تڏھن تہ اباڻڪا اڏورا ۽ اٽاسا ٿا لڳون پاڻ کي. تا اھو عمل آھي مراقبو، سماڌي يا Transcendental Meditation......علم سچو توھان جي روح جي رمز آھي، جو ڪتابن جي ڪوڙ مان نٿو ملي سگھي. ڪتابن جا ڏسيل راز تيسين سمجھ ۾ نہ ايندا، جيسين اسان اتي پھچي اھڙو انيو بہ ڪيون. ڪتاب اھڙو ڏس ڏين ٿا، ان لاءِ اتساھ پيدا ڪن ٿا، شعور کي جاڳائي مراقبي ڪرڻ لاءِ جيئري مرڻ لاءِ تيار ڪن ٿا، ”موتو قبل الانت موتو.“ (مرڻا اڳي جي مئاسي مري ٿيا نہ مات، ھونداسي حيات جيئڻا اڳي جي جيئا)..... تہ مرڻ کان اول مرڻ ۽ جيئڻ کان اول جيئڻ چا آھي، يا ”سِکُ رمز وجود وڃائڻ دي، نھين حاجت پڙھڻ پڙھاوڻا دي“...... تہ ھا ھي پڙھڻ ۽ پڙھائڻ جي حاجت ھتي ناھي، وجود ڪيئن وڃائجي؟ ۽ اھڙا اکيچار گفتا ۽ گيان، عرفان، فقط اندر جي Supreme Consciousness جاڳائڻ سان ممڪن آھي.

پھريون ڏاڪو آھي پنھنجو پاڻ کي سمورن سچاين سان رب جي رضا اڳيان پيش ڪرڻ، بنا ڪنھن شرط ۽ ھون ھا جي....... اسلام جي معنيٰ آھي رضا اڳيان پنھنجا سڀ مطالبا ڦٽي ڪرڻ Surrender completely to the will of God unconditionally ان کي ويد چون، شرڻاگتي، شرڻ پوڻ پنھنجو من، خودي، انا، ھومئي کي رب اڳيان ختم ڪرڻ.

ٻيو ڏاڪو آھي اھڙي سوچ پيدا ڪرڻ پھرئين ۾ سمجھوسين تہ مطلب آھي رضا ۾ راضي رھڻ ۽ ٻئين ۾ اھڙي سوچ پوري طرح اختيار ڪرڻ ...... پر سوچ سان نہ ٿيندو...... تہ ٽيون ڏاڪو آھي وجود جي سچائي ڪٽي ھن سوچڻ جي حدن کي پار ڪري پنھنجي اندر جي الوھيت سان ملڻ، وجود جي وقت ۽ خلا جي رنڊڪن کي اُکري وڃڻ، جتي بس لفظ الاھي رضا جو آنند آھي...... ان ۾ ھڪ ٽيڻ کي وجود وڃائڻ چئبو. اھڙي تڪميل کي گرونانڪ صاحب چيو ”شبد

مره ڦر جيوه سدي، تان ڦر مرڻ نہ هوئي“ يا ”سي مري ٿيا نہ مات“...... جي رمز سمجهڻ ۾ ايندي اهوعمل صرف ۽ صرف مراقبي ڪرڻ سان ممڪن آهي، مراقبي ڪرڻ سان، ٻڌڻ، ٻڌائڻ ۽ سمجهڻ سمجهائڻ سان نہ، بنھ نہ.

يھ ڪرني ڪا ڀيد هئہ، نهين ٻُڌي بيچار
ڪٿني تج، ڪرني ڪرهہ، تان ڪڇ پاوه سار.
(ڪبير)

بيڪم بات اگم ڪي، ڪهڻ سڻڻ ڪي نانھ
جو ڪهي سو جاني نهين، جو جاني سو ڪهي نانھ.
(بيڪم)

تہ هي چپ جو پنڌ آهي، چئي ٻڌائي نہ سگهبو، ڪري مزو ماڻي سگهبو، تہ مراقبي سکڻ جا اڄ سينٽر کلي ويا آهن. آمريڪا ۾ تہ پوري يونيورسٽي آهي “MuM” ۽ سيني سڌريل ملڪن جي اسڪول سليبس ۾ شامل آهي “Transcendental Meditation” (ٽرانسيڊينشيل ميڊيٽيشن)....... هي الاهي آواز سان پنهنجي اندر ۾ هم ڪلام ٿيڻ جو هنر آهي. اهو ئي يوگن، سامن، صوفين ۽ سنتن جو مرڪ، مشق ۽ عظمت آهي. ان سان “توحيد” سمجھ ۾ ايندي. جا سموري تخليق کي هڪ ڪري ۽ ڪثرت ۾ وحدت ڏسڻ ڏيکاري ٿي، سراپا پيار، ٻاجھ ۽ ڏيڻ ڏيکاري ٿي، دنيا کان بيپرواھ ٿي، انسان جي ايڪتا ۽ بي غرض خدمت ۽ سچو پيار سيکاري ٿي. جنهن جي اڄ جي وڳوڙ، ويڇي، وير ۽ وروڌ ۾ ورتل ساڙيلي دنيا کي سخت ضرورت آهي. پوءِ ئي سچي معنيٰ ۾ شاھہ، سچل ۽ ساميءَ جي شاعري سمجھ ۾ ايندي. پوءِ ئي، نامڪمل ۽ نامطمئن اٽاسو جيءُ، آسودو ۽ سُکي ٿي پوندو. ٻڌون آپي رانجها هوئي؟؟

ذات صفات هڪائي آهي، ڀول نہ وجهين ڀولي
سوئي اندر سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي
تو ۾، مون ۾، هن ۾ هرجا، سچ سچو تو ٻولي.

بيشڪ سچو سچ ٿو چئي، پر اسان ڪيئن مڃون؟ جيسين پاڻ نہ ڏسون ۽ اهو ڏسڻ جو عمل شروع ڪيون. مراقبو، سماڌي يا TM (ٽرانسيڊينشيل ميڊيٽيشن) بيشڪ اهو سچ صحيح ڪري سگهون ٿا. روز 20 منٽ صبح، 20 منٽ شام، پرسڪون ڪنڊ ۾ ويهي مراقبي جي شروعات ڪيون. ڪيستائين؟ هڪ هندي دوهي ۾ چيل آهي "تين برس ڪي اڀياس سي برهم روپ هو جات"...... "برهم روپ" معنيٰ خود خدا يا انا الحق/همہ اوست. هي رڳو نعرو ناهي پر حقيقت آهي جھڙي Applied Science ڪيو ۽ پوءِ مڃيو.

آءُ سالڪ ڪر صحيح هن طلسمات ڪي
ٻيج دوئي تا ڪل پوي ئي، دور ڪر درجات ڪي.

هيءَ ماڻهن جي درجا بندي دور ڪري، مرد عورت نہ، ٻانهو مالڪ نہ، هندو مومن نہ. بس هن دوئي ڪي ٻيج تہ هِڪَ جي ڪل پوئي. "هنڌائج هنيئين سان الف سندي اوڙ، تہ ڪتابن جي ڪوڙ منجهان تو معلوم ٿئي." اهو مراقبو آهي، پنهنجي جيءَ (Conscienceness) ۾ وڃڻ، وجود ڪي جاڳائڻ ۽ اندر جي الوهيت ۾ گم ٿيڻ...... تہ آواز ايندو "سَچُو آ سبحان پر آدمين لکي آدمي"...... تہ ان اسرار تي سبتو ڪري سمجھڻ لاءِ سچل سائينءَ جو هڪ بيت آڇيان ٿو. غور جي گذارش آهي:

پاڻان پاڻ ڪيوسي بيشڪ، هر صورت سيلاني
سڀ ڪا صورت منجهي آهي، آهيان لامَڪاني
ڪور نڪو اسلام رهيو، آءِ لٿي هيءَ حيراني
سچل نام گم ٿيو باقي، رهيو سر سبحاني.

نوٽ: بيتن جو ورجاءُ، يادگيري ۽ سمجھ وڌائڻ لاءِ آهي، تڪليف لاءِ معذرت.

# ساميءَ جي سڪيا جو سارُ

اڄ جي دنيا جو انتشار، ماڻهوءَ جي مونجهه، ذهني دٻاءُ ۽ وڳوڙي وايو منڊل شاهد آهي ته اڄ جو انسان، پوءِ اهو ڪهڙي به ڪنڊ، قوم، مذهب يا ملڪ جو رهواسي هجي، عجيب قسم جي ذهني ڪشمڪش، نفسياتي مونجهارن ۽ جسماني روڳن ۾ وڪوڙيل رهي ٿو. ٽيئن دنيا جو بدنصيب انسان غريب، بيروزگار، معاشي بدحالي، نا انصافي، ظلم، جبر ۽ غلط تعليم ۽ تربيت سبب وڏيڪ ذهني مريض ۽ روحاني روڳي ٿي، ڇرڪائيندڙ نفسياتي مرضن ۾ مبتلا ٿي رهيو آهي. سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ معاشي ناهمواري، استحصال ۽ ظلم جو شڪار ٿي هو اندر ۾ پڇندو، پرندو ۽ ڳرندو رهي ٿو. ڪڏهن طبعي ته ڪڏهن پنهنجي هٿين خودڪشي ڪيو ڇڏي، نہ تہ مذهبي مت ڀيد، لساني جهڳڙي ۽ نسلي ٻارڻ ۾ ٻريو وڃي.

روس جي ٽٽڻ کان پوءِ استحصالي قوتون فيل مست ٿي سڄي دنيا ۾ پورهيتن، مظلومن ۽ هارين کي لتاڙينديون رهن ٿيون. سرمائيدار دنيا هڪ هٽي ڄمائي، سرمائي جو ڍڳ ڪري، سڄي دنيا کي پرماريت جي منڊي ٺاهي ويٺا آهن. غريب ملڪن کي ڳاٽي ڀڳا قرض ڪٽائي ۽ فوجن کي امداد ڏئي پنهنجو رز خريد گماشتو ڪيون ويٺا آهن ۽ ان کي سڏين: Global Village/Communication Age سياست، معيشت کي ڪنٽرول ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اڄجو سرمائيدار، وڏيرو ۽ جاگيردار پنهنجا سڀ حيلا هلائي، مسڪين پورهيو ڪندڙ، دنيا هلائيندڙ ۽ دنيا پاليندڙ هاريءَ، مزدور کي محڪوم ڪيو ويٺو آهي.

اسان جي ملڪن ۾ جمهوريت تہ جهڙي سندن سريت آهي ۽ فوجي گماشتا جيئن وٽين وينا ڪٺ پتلي تماشا ڏيکارين، اهو تماشو ايڪهتر سالن کان هلندو پيو اچي. هاڻي سياست جي دنيا کي ڇڏي، وچون طبقو پنهنجن مونجهارن ۾ ڦٿو ڦاٿل آهي. هيٺين طبقي سان رهڻ نٿو چاهي، مٿيون ڪيس قبول نٿو ڪري، پوءِ بہ هو هٿوراڙيون هڻي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ کوهي ٿو. قرض تي گهر، قسطن تي سڄو سامان، لِيز تي گاڏي ڪڍائي پاڻ کي وڏو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪوريئڙيءَ جو ڄار اٽندو رهي ٿو ۽ پوءِ ان ۾ ڦٿڪڻ شروع ڪري ٿو. پريشاني، دٻاءُ ۽ نفسياتي مونجهارن ۾ وڃي ٿو بدحال، بيمار ۽ بيوس ٿيندو!! پوءِ السر، شوگر، بلڊپريشر ۽ هارٽ اٽيڪ جا مهمان بہ اچڻ شروع ٿين ٿا، جي وقت کان اول ڪيس ابد جي ماڳ ڏانهن گهليو وڃن، جي انهن کي نٿائي رهي بہ پئي تہ اهو رهڻ بہ ڪهڙو! سڄو مايوس، بدحال ۽ کائڻ پيئڻ کان محروم ٿي سڪندو رهي ٿو. لاچار، لاغر، لاحاصل ٿي جيئڻ بہ ڪو جيئڻ آهي!

تہ ائين ڇو آهي؟ ڇاڪاڻ تہ سوچي سمجهي پاڻ کي ڪڏ ۾ ڦٽي ڪرڻ کهڙي سمجھ آهي؟ هي مقابلي ۽ ڇتاپيتيءَ جو دور آهي. پئسو ئي سڀ ڪجھ آهي ۽ ماڻهو ملڪيتن وارن جي ئي عزت ڪن ٿا. جيئڻو تہ پوءِ بہ هن ئي جهان ۾ آهي تہ ان جي معيار مطابق جيئجي! شان، مان ۽ وڏائيءَ سان پوءِ قرض بہ لهي پوندا، ڪجھ پريشانيون تہ ڪٽڻيون ئي پونديون. اهو روايتي تعليم جي ڏنل سياڻپ، ڇتاپيتي ۽ تڪراري قومي لسان مت پيد جو نتيجو آهي. جيسين صوفين جي پيار، هڪجهڙائي ۽ وحدت ڏانهن ورون – تہ اهو ائين آهي. ماڻهو رستي ۾ ئي موڪلايو وڃي ۽ پويان پوءِ اجان پريشان! تہ سمجھ جو ڦيرو آهي، دک کي سُک ۽ سُک کي دُک سمجهڻ جي غلطي آهي. فانيءَ کي لافاني ۽ موت کي ڪوڙ سمجهڻ جو متو آهي. زندگيءَ کي بقا ۽ جاوداني سمجهِي سؤ سالن جون رٿائون ۽ سٽ سٽيا وڃن ٿا، پر پڪ تہ پل جي بہ ناهي. حياتيءَ جهڙي بي وفا ۽ بي بقا محبوبا تہ پَڪ مٽيادار موت، گهوٽ اٽموت، لازوال ۽ لافاني ور (ڪنت) موت پرٽائي ڪٽي ويندو، پر پنهنجي ابتي سمجھ! تہ موت تہ اجا پري آهي، جو پاڇي جيان پنيان پيو هلي، سو نظر نٿو اچي.

www.sindhsalamat.com

جل ۾ فوٽو جيئن، لهرن لڳي اَڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.
(سامي)

تہ جل جي فوٽي يا پاڻيءَ جي بُلبلي تي ماڻ آهي، پروسو آهي! واهہ انسان! تہ موت وساري اهڙي غفلت جي حياتيءَ ۾ مدهوش رهڻ وارن کي بس اهي صوفي، سنت ۽ ڪامل درويش ئي اٿاري، سجاڳ ڪري اصل ماڳ ۽ منزل لاءِ تيار ڪن ٿا. ان جو مطلب اهو ڪڏهن نہ ڪيڻ گهرجي تہ اُهو ٿيو هن جهان جو تياڳ ڪرڻ – بنهہ نہ! اهو ابتو ۽ انڌو تصوف آهي جو دنيا کان موڙي، رهبانيت ۽ ويراڳ جي واديءَ حوالي ڪري ٿو! بنهہ نہ. تہ دنيا ۾ رهي، دنيا جا سڀ فرض پوري جوابداري ۽ بهتر انداز سان پورا ڪندي، ٻين محتاجن، لاچارن ۽ ڏڌن جو ڏيڍ ٿي همت ۽ حوصلي سان حياتيءَ جي ويڙهہ وڙهي، مظلومن لاءِ ظالمن سان مهاڏو اٽڪائي، سوئي صوفي لاڪوفي آهي، جو مذهب، قوم، زبان ۽ نسل کان مٿانهون، مالڪ وانگر سڀني لاءِ ساڳيو ٿي، ڏيندڙ ۽ بخشيندڙ، وڏي دل حوصلي وارو، معاف ڪندڙ، رحم ۽ ڪرم ڪندڙ، لاهوتي هجي. دنيا جو حرص، هوس، بغض، ڪيني ۽ ميڙڻ جي آزار کان آجو، قرباني، تياڳ ۽ بخشش ڪندڙ داتا آهي. وٺندڙ نہ، پر ڏيندڙ آهي. پان پڏائيندڙ نہ، پاڻ وڃائيندڙ، لاطمع خدمتگار، غريب ۽ سڀ جو دوست ٿي رب لاءِ جيئندڙ، سڀ ۾ رب کي ڏسندڙ، لامڪان لاڪوفي آهي:

جز وڃايو جوڳئين ڪُل سين آهين ڪم،
آسڻ جن عدم، آءٌ نہ جيئندي اُن ري.
(شاهہ)

ڏرين ڪوهہ پيار، سامي مايا موهہ سان؟
اٿي سڀ اوديا سندو، اڻ هوندو اسرار.
جيئن نانگ نوڙي ۾، سپني جو سنسار،
ڪر نہ جيءُ خوار، مرگ ترشنا جي جل ۾.

تہ هتي جيءُ خوار ٿي، رُج پنيان ڊڪندو، ساڻو ٿي مريو وڃي، پر گهرج اُڃ ڪڏهن پوري نٿي ٿئي. ان ڪي سامي چوي اوديا، بي سمجهي يا جهالت، جو مايا نظر جو دوکو ٿي ماڻهوءَ کي پتلي تماشي وانگر نچائي ٿي ۽ جادوءَ جي اسرار مان ڪجھ پلئہ تہ پوي نٿو ۽ انسان ڪجھ بہ نٿو ڪٽي وڃي، بس پڇتاءَ ۽ افسوس جا ڳوڙها ڳاڙيندي مريو وڃي.

مثال ٿو ڏي چوي:

اڻ هوندي پولي، وڌو جيءَ پرم ۾،
جئن ڪستوري ناپ ۾، مرگھ ٻاهر ڦولي.

تہ هي فاني جيو، پاڻ کي لافاني سمجهي، قيامت تائين جا جوڙ پيو جوڙي، منصوبا ميڙي، اربن کربن جون موڙيون پيو ميڙي، ساميءَ کي کِل ٿي اچي، چوي ٿو:

حيرت ائون هاسي، اچي هڪ اچرج ٿي،
سامي جاڻي پاڻ کي، ابناسي ناسي؟
ڪپڙي ۾ آڪاس پيو، ڦاهيءَ ري ڦاسي؟
پاڻيءَ ۾ پياسي، مري پپوڻو مَت ري.

حيرت ائون هاسي، اچي هڪ اچرج ٿي،
خاوند پنهنجي خيال ۾، پيو ڦاهيءَ ري ڦاسي؟
پوي نت پلن جا، گنگا، گيا، ڪاشي؟
خود ري خلاصي، ڪير ڪري ڪرتار جي؟

آخري لائين اوکي ٿي پئي تہ جو ماڻهو پنهنجن ئي خيالن ۾ بنا ڦاهيءَ ڦاسي ٿو، ست ستي سنجي وڃي ٿو، اهو ڄاڻي ئي نٿو تہ هو خود خدا آهي، پوءِ تيرٿن ڪرڻ لاءِ گنگا، گيا ۽ ڪاشي ڇو ٿو ڀٽڪي؟ ڀلا خود خدا جي خلاصي بہ ڪو ڪري سگهي ٿو ڇا، سواءِ خود جي!

سچل سرمست چيو:

"ٻانهون ٻانءِ م پاڻ، تون هين مالڪ ملڪ جو"

"الله الله ڇو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ"

"اوهي ڪم ڪريجي، جس وچ الھ آپ ٻڻيجي"

تہ اهو خود ڪرتار، خدا يا الله ٿيڻ جو عمل ڇا آهي؟ اهو سبق سکڻو پوندو جو سپيني مذهبن سيکاريو آهي، پر ماڻهو ڀرمن ۾ ڦلجي، بندو گندو ٿي، پاڻ کان ٻاهر مالڪ کي ڳوليندو ٿو رهي، ڀٽڪندو ٿو رهي، ڌڪا، ٿاٻا پيو کائي، پر سمجهي سٽي ڪو نہ ٿو، شاهہ چئي ٿو:

"نائين نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوس جو."

"ڏسڻ ڏسين جي، همہ کي حق چوين."

" "Man is fashioned after the image of God.

(Old Testament)

"Kingdom of God is within you."

(New Testament – Holy Bible)

"مان تنهنجي شهہ رڳ کان بہ ويجهو آهيان." (قرآن مجيد)

هر مندر ايهہ سرير هئہ، گيان رتن پرگهٽ هوءِ (گرو گرنٿ صاحب)

اي من! تون جوت سروپ هئہ، اپنا مُول پڇاڻ، تہ پاڻ سڃاڻ تو ئي نور ۾ حق آهين "اناالحق" – سوهم (سو مان آهيان)

هاڻي اسان کي اصل روحانيت جو سار ۽ تت سمجهڻو پوندو تہ بندو ڪيئن خدا، عبد ڪيئن معبود يا همہ اوست، سنسڪرت ۾ چون تتو مسي (تون اهو آهين) يا تت توم اسي – تفصيل ۾ وڃڻ کان اڳ سولي ٻوليءَ ۾ چوان تہ

خودي ختم ڪري جڏهن بندو اسمِ اعظم يا بانگ آسماني ۽ ڪلمي الاهيءَ ۾، جو سندس اندر وڃي رهيو آهي، پاڻ گڏي ٿو ته عشق جو سفر، طلب جي تام ۽ اندر جي اُڃ اُجهي ٿي.

”اندر جني اُڃ، پاٽي اجو تن ڪي.“

”تن ۾ تونس پرين جي، پيان نه ڊاپان،
جي سمنڊ منهن ڪيان، ته سرڪيائي نه ٿئي.“

اهي لطيفي اشارا، ان اُڃ جو ذڪر ڪن ٿا جا ان انهد شبد ۽ ڪلمي الاهي جو اندر خود به خود وڃي رهيو آهي. پرينءَ ڪي پائڻ جي پياس ئي روح جي اُڃ آهي، جا پرين ملڻ بنا نٿي اُجهي ۽ جيءُ نٿو ڊاپجي سگهجي.

ته اهو آهي آتما جو پرماتما ۾ سمائجڻ، قطري جو دريا ۾ ڪرڻ، ته پوءِ قطرو گم، دريا باقي، ته بندي جي فنا بعد الله باقي يا باقي باالله چئبو، پر بندو الله نه چئبو. اها تصحيح ضرور ڪرڻ گهرجي ته ڪفر جون ڪنگريون ۽ اجائي فتوائون ڊهي پٽ پونديون.

ته اهڙي ميلاپ جي طلب ئي اصل جنت آهي، جنهن لاءِ لطيف سرڪار چيو:

”رڳون ٿيون رباب وڄن ويل سيڪنهين.“

سچل سائين چيو:

”وسريو روزو، ناهي ياد نماز مونکي،
ڪيڙو مست پرينءَ جي، ناز مونکي.“

”ته ويدن جو ويچار سو سنڌيءَ ۾ سٽايو“ جي دعوا ڪنڌڙ سامي واقعي ئي ويدن جو پورو وستار سليو آهي، روحانيت جي ڪنجي ڏئي، اهو آتم گيان يا پاڻ سڃاڻڻ جو علم، جنهن ڄاڻڻ بعد ڪجهه ڄاڻڻ باقي نٿو رهي، جو ئي دين

ڏرم جو حاصل آهي، ماڳ آهي ۽ منزل آهي، رب پائڻ جو نسخو آهي. مرزا قليچ چيو:

دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو تہ ڇا ٿيو؟
آخر مليو نہ رب هڪ، ٻيو سڀ مليو تہ ڇا ٿيو؟
اهو آهي الله آپ ٻڌيجي جو رستو. سامي چئي ٿو:

”سامي سڀ ۾ سار، جن ڄاتو آتم تت،
رکي نہ من ممت، ڄاڻي روپ سڀ تنهنجا.“

”جيڏانهن ڪيان پرک تيڏانهن صاحب سامهون“ واري لطيفي واٽ سامي هيئن صحيح ڪئي:

پاري ۾ پاڻي تيئن وياپڪ (موجود) وسي وس ۾.
نانا روپ رچي ڪري، سيک لکائن سار،
چيٽي (ڪِئلي) ۽ ڪنچر (هاٿي) ۾، اٿي اونڪار (الله)،
ساکي اکٽ پندار، ڪن ياڳ پرين پاڳي پيو.

تہ اڇو تہ تفصيل سان ان روحاني سائنس کي سمجهون:

حيرت آئون هاسو، اچي هڪ اچرج تي،
سائي ڦولهي آتما، ڪنڌ کي پتاشو،
ڳهٽو ڍونڍي سون کي، مٽيءَ کي ڪاسو،
پاڻي پياسو، سامي رهي نت نير جو.

مٿين شعر ۾ جنس پنهنجي اصل کي پئي ڳولي، پتاشو ڪنڌ کي، ڳهٽو سون کي ڳولي ٿو، تيئن هيءَ آتما يعني روح پنهنجي اصل پَرماتما يعني پنهنجي خالق کي ويني ڳولي. ماڻهوءَ جي اصل اشانت ۽ بي سڪوني گهٽي ياڳي انهيءَ ڪارڻ آهي تہ هو پاڻ کي صرف جسم سمجهي، جسم جي ئي پالنا جا جتن ڪري ٿو، ڪيس سنا ڪاڏا ۽ سهٽيون پوشاڪون پهرائي ٿو. هار سينگار، عطر عنبير ۽

نٽ نانگر فقط جسم لاءِ. جنسيات جا مزا ۽ تفريح، سڀ دنيا جا سير ۽ مال ملڪيت ۽ عياشيءَ جا سمورا سامان رڳو جسم لاءِ – روح ته جهڙوڪر آهي ئي ڪونه – ته پوءِ سڀ هڻ هٽان بعد، اڪيلائي پلئه پوي ٿي، ان ۾ ويڳاڻو ۽ موڳو ٿي، هيءُ جيءُ اداس ٿيو پوي ته آخر مونکي ڇا گهرجي؟ ڪهڙي اڻپورائي آهي؟ ڇا کٽي ٿو آخر؟ سڀ ڪجهه هوندي به من ۾ خوشي ۽ اندر ۾ آرام ڇو ڪونهي؟ ٻيو پلا ڇا ڪريان جو پورڻتا ۽ تڪميل جو احساس ٿئي؟ اصل خوشي ۽ سچو آنند پلئه پوي؟ آخر ڇا؟ ته اهو آهي اندر جو سچ ته روح اجارو آهي، بکيو آهي، ويڳاڻو آهي، وهلور ٿو وجي، پر پاڻ کي خبر ئي ڪانهي. ان کي وري ڇا گهرجي؟ ڇا کائيندو ۽ ڇا پيئندو ۽ ڪيئن ڍاپبو؟ ان جا جواب روحانيت جي سائنس ڏيندي جا پاڻ اطلاق سائنس آهي ۽ جنهن کي پاڻ نقد مذهب چئون. هونئن مذهب جنت دوزخ جي تخيل سان، مئي پُڄاڻان معاوضو ڏيندڙ، اوڌر وارو مذهب آهي. آرام مادي آسائشي شين مان ملي ٿو پر سڪون غير مادي روحاني آهي جو فقط پيار مان پائي سگهجي ٿو. پر ماڻهو پئسي ۽ مادي شين ۾ سڪون ڳولي اٽاسا ٿيو پون. سڪون ياد ۾ سار ذڪر ۾ ۽ سمرن جي روحانيت ۾ آهي باقي جسماني مزا ۽ آرام ته بنهه عارضي ۽ ڪن پل لاءِ ئي اچي وڃي بي آرامي، اُجو ۽ اٽاسا ڪيو ڇڏن. هي سچ سمجهڻو پوندو.

# روحانيت ــ هڪ جڳ مذهب
## (Spiritualism ــ A world Religion)

روحانيت سڪون بخشيندڙ، جيئري مالڪ ملائيندڙ، ماڻهوءَ کي مڪمل تڪميل ۾ پورڻتا ڏيندڙ نقد مذهب آهي، جو تمام انسانيت لاءِ ساڳيو هڪجهڙو ۾ مالڪ وانگر مڪمل آنند جو سرچشمو آهي، جنهن ۾ ڪو به ڀيد ڀاؤ ڪونهي، ڪهڙي به مذهب، فقهه، قوم، ٻوليءَ ڌرم يا آچرڻ جا انسان آهيون، هتي رب مڙيوئي هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نه ڦير وارو حساب آهي. نه ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي يا لطيف سرڪار چيو ته:

پڇين جان دوست، ته پاسي ڪر پرهيز کي،
جني ڏٺو هوت، تن دين سيئي دور ڪيا.

ته دين سيئي ڇڏي Total surrender unconditionally to the will of God

هڪ جي اوٽ وٺو ۽ سڀ ۾ حق جو هڪ ڏسو ته ٺهراءُ ۾ استرتا اچي ويندي. مالڪ جي عشق جي غذا کائي سندس صفتن جو ورناءَ وارو پاٺي پي دم دم، ساهه ساهه ۾: سائينءَ سار جو لباس پهري آتما يا روح پاڻ ئي ڊاپجي ويندو ته اندر جي آنندمانڊ، هر ڪر ۾ اڻ تڻ ختم ٿي ويندي. ماڻهو هميشه مالڪ جي موج ۾ رهي اتي آنند کي ماڻي ٿو، ته اها سُتي ملندي درويشي دوستيءَ مان، جنهن کي سامي چئي ساڌ سنگت ــ چوي:

جنين لنو لائي، سامي ساڌ سنگت سان،
تات تني جي من مون، مٽي پرائي،
رهي نه رائي، چنتا، چاهه اندر ۾.

سڀ جي گهر (اندر) آهي، پريم پدراٿ رام ڏن (ربي ذات صفات)،
سامي ڏسي ڪو ڪو منهن مڙهي پائي (اندر وڃي)،
ستگر لڪائي تہ ڏسي پد اڪين سان (مشاهدو ماڻي).

تہ سندن من ۾ نہ ڳڻتي نہ گهٽي جي گهرج يا چاهت رهي ٿي، سرنهن جي داڻي جيتري بہ نہ، تہ دک ڪٿان آڻيندو! دک تہ خواهشن جي چاهہ جو ثمر آهي. پرائي تات، هيڄ، لوڀ، لالچ ئي نہ رهي تہ ڳڻتي، فڪر ڪنهن ڪي وٺي ۽ ڪنهن جو وٺي؟

جن سچاتو سچ، ملي ساڌ سنگت سان،
سدا تن جي من ۾، ٻري محبت مچ،
ڪدي ڪلپت ڪچ، سامي چڙهيا سير تي.

سنت ڪبير جو هڪ دوهو آهي تہ:

چاهہ گئي چنتا مِٽي، منوئا بيپرواهہ،
جسڪو ڪڇو نہ چاهيئي، سو ئي شهنشاهہ.

تہ سڄو رولو چاهہ جو آهي، جنهن مان چنتا نڪري ٿي، گهرجن کي ختم ڪري، ڪجهہ نہ گهرجڻ واري شهنشاهيءَ ۾ ڪو ورلي پهچي ۽ پنهنجي اندر جي پورڻتا ۾ خوش رهي، هڪ سان جڙي وڃي تہ سدا آنند جو رس ماڻي، جنهن جي اڪيلائي وندر ٿي پئي تہ هو ڪنهن جو بہ محتاج نٿو رهي. سڀ دوست، ڪونہ ڪوڏاريو سُجهي – صلح ڪُل!

جنهين پليو پاڻ، ملي ساڌ سنگت سان،
تنهن جو ويري ڪو نہ ڪو، صلح ٿي سڀ ساڻ،
سامي سدائين رهي، نانا ڪون نرباڻ،
گاوي راڳ ڪلياڻ، چڙهي سهج سمير تي.

جو خود تي فتح پائي، نفس اماره، لوامہ کي لنگهي نفس مطمئنہ تي پوي

تہ سدا وينو راڳ ڪلياڻ ڳائي معنيٰ سدائين پاڻ ۾ جڙيو رهي. ان اسٽيج کي ويد **سهج اوستا**چون ٿا، جتي آتما ان انهد شبد سان ملي هڪ ٿئي ٿي. اهو آهي معراج ماڻڻ تہ اها روحاني سائنس آهي ڪيئن؟ سا سموري ساميءَ سلوڪن ۾ سمجهائي آهي جو ويد اپنشد جو ڳوڙهو گيان آهي، سو سرل ڪري، سنڌيءَ ۾ سمجهايو اٿس. مختصر ڪري ان جو اختصار پيش ڪجي ٿو.

انساني جسم اهو قلعو آهي، محل آهي جنهن ۾ مالڪ خود موجود آهي. ياد رهي تہ آدم کي الله خود خلق ڪري پنهنجو روح ڦوڪيو. هي تہ اهو امر ربي ٿي انسان جي عظمت جو ثبوت رهيو ۽ ارشاد ٿيو تہ، آءُ انسان جو راز آهيان ۽ انسان منهنجو (راز آهي). ويدن ۽ اپنيشد ۾ ڪجهہ هيئن بيان آهي تہ: هي جسم جنهن ۾ خلقٽهار خود موجود آهي، انسان جي اشرف هجڻ جوڪارڻ آهي ۽ صرف انساني جسم کي ئي اهو شرف مليل آهي تہ هن ۾رهي زندگيءَ ۾ پنهنجي خالق کي پائي سگهي ٿو. جيو ۽ برهم (خالق) هڪ آهن، پر حدن ۽ محدود دائرن ۾ قيد جيو پاڻ کي الڳ فقط جسم سمجهي ٿو. من پران ۽ خوديءَ وغيره جي حد بندين ۾جڪڙجي برهم کان الڳ، اوديا ۾ غلطان آهي. وديا يا معرفت دوران ئي هو پاڻ کي ان حد بندين ۽ مايا ڄار کان الڳ ڪري آزاد يا مڪت ٿي سگهي ٿو ۽ جڏهن آپو، من ۽ مايا مان نڪري ٿو تڏهن ئي لاحد ۽ لامڪان ٿي، پاڻ کي پورن برهم سمجهي ٿو. اهو آهي آتم گيان يا پاڻ سڃاڻڻ.

“بنا آتم گيان، ممت نہ مِٽي من جي،
توڙي سڀ ساڌن ڪري، پڙهي ويد پراڻ،
گيتا ۾ يگوان، ارجن کي ايئن چيو.”
(سامي)

ڪنڊلني اها ستل شڪتي (طاقت) آهي جا جڳتر (جهان) کي پيدا ڪري ۽ پالي ٿي. ان ستل شڪتيءَ کي اٿارڻ لاءِ ئي جوڳيءَ جو سمورو جتن ۽ جوش وارو جوڳ آهي. ڪنڊلي جو بيان ويدن، اگمن، پراڻن، اپنيشدن ۽ سنتن جي ٻاڻين ۾ اچي ٿو. اها ٻن ويڙهن (ڪنڊلي هنديءَ ۾) جي نهيل آهي، جنهن لاءِ

ڪنڊلي سڏجيس ٿو. مولا ڌار چڪر جي وچ ۾ تيز روشنيءَ جي وچ ۾ سندس گهر آهي. اها جيون شڪتي چئبي، جا شبد برهم سان ڳنڍيل پئي آهي، جنهن کي عيسائي Word يا Logos چون.

In the beginning was the word,
And the word was with the God.

ويد انکي ناد چون ۽ گورو نانڪ ان کي شبد يا نام چئي ٿو. جنهن جي سچو جهان خلقيو، مانداڻ منديو، سو شبد اسان جي اندر، بنا وڄائڻ وڄي رهيو آهي، جنهن لاءِ ڪيس انهد چئجي ٿو. ليہ يوگ ۾ اهڙو بيان ڏنل آهي ته ڪنڊلني جڏهن پنهنجي گهر يعني مولا ڌار چڪر مان اٿي ٿي ۽ مٿي چڙهڻ جي ڪري ٿي ته اها چرپر آواز پيدا ڪري ٿي. آواز ٻن قسمن جا ٿين ٿا: هڪ جڏهن هڪ شيءَ ٻئي سان ٽڪرائجي ٿي ته آواز ٿئي ٿو، پر جڏهن بنا ٽڪرائجڻ جي، جو آواز نڪري ان کي سنسڪرت ۾ اناهت چئبو آهي، جنهن کي سامي انهد چيو آهي:

انهد جو آواز، ٻڌو جنهن گرگيات سان،
پرچي ڪيو، تنهن پنهنجو، بنا ڪلپت ڪاج،
مايا جو موتاج، ڪڏهن ٿئي ڪينڪي.

ان انهد آواز ٻڌڻ بعد، جو فقط مرشد مهر سان اندر اندرين ڪنن سان ٻڌي سگهجي ٿو، جنهن لاءِ لطيف سرڪار چيو ته، هي گڏاها ڪن ڏئي ٻيا ڪن ونيج، ٻيا ڪن ونڻا پوندا، ته اها عجيب ڪشش واري ڌن ئي سالڪ کي مٿي ڇڪي مالڪ ڏانهن وٺي وڃي ٿي ۽ اهو سيني لاءِ ساڳيو عمل، سڀ جي اندر سمايل آهي. نه مذهب، نه قوم، نه زبان، نه جنس ۽ نه رنگ جو فرق، ڪهڙي به ڌنڌي يا ڪم ڪار ڪندڙ لاءِ ڪو به فرق نه آهي. اهو آهي رب العالمين، جو سڀ لاءِ ساڳيو ۽ سيئي سندس اڳيان هڪجهڙا آهن، جو سندس عشق ۾ غرق ٿئي ۽ سندس طلب ۾ تنواري ته چون طلب هو ته مِلَ هو:

انهد جو جهڻڪار ٻڌو جنهن ٻانيڻ چئي،
مٽيو تنهن جي من مون وڏنڪيد وهنوار،
چڙهي سهج سمير تي، ڏسي دب ديدار،
پائي پدا پار، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

تہ ان آواز، شبد ۽ نام پائڻ بعد منزل معرفت شروع ٿئي ٿي، جا حقيقت سان هڪ ڪري ٿي. ان آواز بعد من جون خواهشون ۽ گناهہ جون لذتون آهستي آهستي ختم ٿيڻ شروع ٿين ٿيون ۽ گهٽي اپياس بعد من صاف ٿي، خودي وڃائي مالڪ سان ملڻ لائق ٿئي ٿو.

هي انهد شبد مختلف هنڌن تي مختلف آوازن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو، ڪڏهن مرلي، سڱي نگاري (نغارو)، ڪڏهن تال، ڪڏهن سنک تہ ڪڏهن ڪنگري جو آواز ٿي سالڪ کي مست ڪري وجداني ڪيفيت ۾ وجهي ٿو، جو سندس نشو لهي ئي نٿو. اهو منڌ هميشہ خمار ۾ رکي ٿو. گورو نانڪ جي چيو:

نشا ڀنگ، چرس، آفيم، شراب ڪا، اتر جاءِ پربات،
نام خمازي نانڪا، چڙهي رهي دن رات.

لطيف سرڪار چيو:

منڌ پيئندي مون، ساجن صحيح سڃاتو.

تہ ڪندلي جڏهن هرديہ (دل) چڪر وٽ اچي ٿي تڏهن انهد جو آواز شروع ٿئي ٿو. جڏهن ڪندلي پيشانيءَ جي وچ ۾ اجنيہ چڪر کولي ٿي تڏهن شبد اناهت کلي ٿو، يعني مرشد جو آواز سالڪ ٻڌي سندس هدايتن مطابق مٿي چڙهڻ جو عمل شروع ڪري ٿو. اها سچي سائنس گورو گرنٿ صاحب ۾ تفصيل سان سمجهايل آهي، جنهن سڄي انسانيت لاءِ اهو بين الاقوامي سچ سهيڙيو آهي ۽ اتي پهچي ئي مالڪ ’هڪ‘ سيني جو ساڃيو، سڀ لاءِ مهربان مشفق ۽ بخشيندڙ داتا محسوس ٿئي ٿو. چيائون **مانک (انسان) کي جات ايک پهچانبو**– گورو گوبند سنگهہ

تہ ماڻهو هڪ ذات تي پئي ٿو. سنڌي صوفين بہ ورائي ورائي چيو:

ڪهڙي پڇو ٿا ذات، جي آئيا سي آگهيا.

ڏات ذات تي ناهي، جي بہ، ڪنهن بہ مذهب مسلڪ جا اتي پهتا تہ اگهيا. بس مرشد ڪامل هجي، جنهنجو اهو سفر ڪيل هجي تہ اهو ئي فقط پهچائي سگهي ٿو، جنهن لاءِ ساميءَ وٽ پورو باب لکيل آهي. ستگورو:

گورک وڄائي، سڱي سهج آڪاس ۾،
ورلي ڪنهن جوڳيءَ ڪي، سمجھ منجھ آئي،
سامي جنهنجي ستگورؤ، ممتا مٽائي،
وڄائي وائي، رهي نرت نگر ۾.

اندر سرت (روح) جون بہ شڪتيون ٿين ٿيون: ٻڌڻ ۽ ڏسڻ، ٻڌڻ اُن اناهت جو آواز، جو مٿي نوري نظاري ڏي وٺي وڃي ٿو ۽ پوءِ هو نرت نگر ۾ مالڪ جو نور پسي ٿو:

نريئہ نگارو، اکنڊ وڄي ٿو، آد جو،
ٻڌي ڪو ٻانيڻ چئي، ڀاڳوان ڀارو،
مٽيو جنهن جي من مون، اوديا انڌارو،
ڄاڻي جڳ سارو، چمتڪار چيتن جو.

منجهين تن تنوار، وڄي ويل سيڪنهن،
چنگ تنبورا ڪيترا، آهن ساز اپار،
انئي پهر اندر ۾، سامي پرينءَ پچار،
ڪنهن ڪنهن مگٽهار، سوجهي هن سرود جي.

تہ اها آهي انئي پهر پرين پچار، حاصل حيات. "سُتا ئي سونهن ننڊ عبادت ان جي". اِها ڏُنِ، ڏينهن رات، هر ويلي هر وقت بنا وڄائي پئي وڄي.

مست مدهوش ڪري، جنهن جهڙو مزو ۽ آنند هن پوري ڪائنات ۾ ڪونهي. ان ڪان اڃپا جاپ ٻه ڇڏجي جو بنا جپڻ جي پيو هلي. واهه انسان جي عظمت، جو فقط انسان مرد، عورت، ٻار، ٻڍو ڪهڙي به نسل، رنگ ۽ مذهب جو، ان جو آنند پائي، محبوب جو اندرين اکين سان مشاهدو ماڻي سگهي ٿو:

انڊو ٿي پسيج مشاهدو محبوب جو.
(شاهه)

انيئہ اگم پري گرؤ لڪائي گيات سان،
جنهن ۾ وڃي واچ ري بين مهامڌري،
ٻڌي من مگن ٿيو، رهي نہ پلي بري،
سامي مليو سري، ستهه سڌ سرپ سان.

ان ڌن، آواز، شبد ۽ نام مطلق رگ ويد جي اپنيشد جوڪ/ناد بنڊو ۾ لکيل آهي ته:

“يوگي سڌ آسن ۾ ويهي، ويشنوي مدر استعمال ڪري، سڄي ڪن دوران دائمان اندريون آواز ٻڌڻ جي ڪري. آواز جو هن طرح ٻڌندو سو ڪيس ٻاهرين آوازن کان ڇوٽڪارو ڏيندو. سيني رڪاوٽن کي دفع ڪري هو پندرهن ڏينهن ۾ تريا (چوٿون پد جتي نوراني نور وسي ٿو) جي حالت کي پهچندو. اڀياس جي شروع ۾ هو گهڻيئي زوردار آواز ٻڌندو، اهي آهستي آهستي سوکيم (مدهم) ٿيندا ويندا.”

ٻاهرين شين کان بيپرواهه يوگيءَ کي پنهنجي واسنائن (هوس جي خواهشن) تي قابض ٿي، دائمان ناد (آواز) ڏي چت کُپائڻ گهرجي، جو آخر ۾ من جو (شيطان جو) انت آڻيندو. وڌي اڀياس بعد يوگي ٻاهرين اثرن کان آجو ٿي، شبد سان هڪ ٿي وڃي ٿو. جيئن کير پاڻيءَ سان، لهرون سمنڊ سان ۽ جلدي هو چد آڪاس (معراج جي منزل) ۾ ڏڃا ڪوڙي ٿو.

جوڳي لفظ جوڳ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڳنڍڻ، جوڙڻ، جو اهو جوڙي وٺي آتما کي پرماتما سان، روح کي رب سان. ته اهو ڇئبو

جو ڳي. ان جا تفصيل، رستا نهايت سرل آهن. بس سمجهو سچي عشق ۾ رب سان ساهہ ساهہ ۾ سار جو ڪم آهي، جو ڪري سو پائي.

سسي اندر ساهہ، تو وائي وشن جي ڪري،
ٻڌج ڪي ٻبيڪ سان، هيءَ ڳجهہ اندر جي ڳاهہ،
تہ روح منجهين ئي راهہ، اتي ملڻ جي مينگهو چئي.

ڀڳتي تحريڪ منهنجي نظر ۾ هڪ عوامي انقلاب هو، مذهبي بنياد پرست، سختي، ورڻ آشرم ۾ ٻاهرين ڪرم ڪانڊ، تيرٿ، جپ تپ، پراڻيام، ورت ٻليدان ۾ ظاهري پاٺ پوڄا، واس ڏوپ، ڪنڀ ميلن ۾ ڪاشي ياترائن ۾ ڪرٽ سان سرير ڪٽائڻ وغيره ساڌنن جو — جو پوري من، دل سان ايشور شرڻ اچي آپو، اهم ۾ خودي ختم ڪري، سندس ڀڳتيءَ ۾ مگن رهي، سڀ ۾ سندس روپ ڏسي، سڀ سان پريم ۾ شيوا واري واٽ وٺڻ سان ماڻهوءَ جو ڪلياڻ ڪرڻ ڪافي آهي. اندر ۾ ايشور سان عشق رکي، دم دم ياد ۾ رهي، هٿ ڪم ۾ دل يار ۾:

گهر ۾ راهہ رهي، مورک ڦولهي دهہ دسا،
جپ تپ ساڌن، جوڳ ۾ سامي ديهہ دهي،
ناحق دک سهي، تو پني ڏيئي پاڻ کي.

منجهين لوک لکين، تون پاڻ نہ ڪرين پڌرو،
انئي پهر عجيب جي، منجهين سک سکين،
چاکن منجهہ چڪين، تہ پاڻ ٻڌني پٽيون.

اها پندرهين ۾ سورهين صدي هئي، جي سنت پرش، درويش ظاهر ٿيا. تن سڄي مذهبي مت ڀيد کي اونڌو ڪري انسان کي انسان ڪيو ۾ هڪ رب کي پريم ڀڳتيءَ سان پائڻ سيکاريو. سامي جن ويدن جي واٽي سنڌي ۾ پيو سمجهائي، سي ويدانت 900 ق. م. کان 1200 ق. م. جا اندازاً ڇپيا وجن ٿا. انهن جي وضاحت اپنيشدن ۾ ملي ٿي. (300 ق. م. کان 200 ق. م.). شنڪر آچاريہ

www.sindhsalamat.com

جو ويدن جو وڏو شارح چئجي ٿو، سو آهي سڪن (788ع – 820ع). موجوده هندو حياتيءَ جي گائيڊ، ڀڳوت گيتا 100 ق. م. کان 100ع، جا اڄ هر گهر ۾ ۽ ڪورٽ ۾ پڻ موجود آهي. ڀڳتي تحريڪ جا سنت ڪبير 1440ع – 1518ع، رويداس، تلسيداس 1523ع – 1623ع ۽ ميران ٻائي 1498ع – 1565ع جا پرچار ۽ گورو نانڪ 1467ع کان 1538ع تائين ذهنن تي ٻي انداز اثر انداز ٿيندا رهيا. سنڌ ۾ فارسي صوفي شاعرن جو تمام گهڻو اثر پئي رهيو آهي. انهن ۾ عطار 1180ع – 1220ع، مولانا رومر 1207ع – 1273ع ۽ حافظ 1326ع – 1390ع، جنهن سان فڪر ۾ بيحد ڦيرو اچي ٿو، پر آءُ ذڪر ڪندس 1173ع ۾ پنجاب جي ڪوٺيوال ۾ جنم وٺندڙ سنڌي، سرائيڪي ۽ پنجابيءَ جي پهرين شاعر بابا فريد گنج شڪر جو، جنهن جو سيني تي جهجهو اثر آهي ويندي گورو نانڪ. پاڻ سندس نائين پيڙهي شيخ ابراهيم کان سندس ڪلام وٺي گورو گرنٿ صاحب ۾ درج ڪيو. رب کي خلق ۾ آڻي حقوق العباد جو سولو سبق پڙهايو اٿس، چوي:

فريدا خالق وسي خلق مهه، خلق وسي رب مانهه،
مندا ڪسنو اڪيئي، جو تس بن دوجا ناهي.
(ڪثرت مان وحدت تي، وحدت ڪثرت ڪُل)

خلق منجهه خالق، خالق سڀ خلق ۾،
سمجهي ڪو سامي چئي، ورلو هرجن هِڪُ،
مهر ڪري مالڪ، جنهن تي پرچي پاڻهي.

وري بابا فريد سولو ڪيو، چيائين:

“جي تو پريان دي سِڪَ، هنياءُ نہ ڍاهه ڪهين دا.”

ٻن اکرن ۾ سڄو تصوف سميٽجي ويو. جي خالق خلق ۾ آهي تہ خلق کي ڏکائڻ معنيٰ خالق کي ڏکائڻ، تہ ماڻهو ماري، پوءِ کهڙي ٻہ نالي هيٺ، خالق خوش ڪري ڪين سگهبو.

"مين ناهين، ڪڇ هنئه نهين، ڪڇ آھ نہ مورا،
اوسر لجا راک ليھ، سڏنا جن تورا."

سنڌ ڌرتيءَ جو هڪ صوفي سنت، جو چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ سيوهڻ شهر ۾ ڄائو، تنهن جو ڪٿي بہ ڪو ذڪر فڪر عام جام ڪونہ ٿو ملي، سو آهي ڀڳت سڏنو ڪاسائي، جنهن جا سنڌي ڪوين تي هن مٽيءَ جا رنگ ۽ خوشبو واري صفت سميت اثر حاوي آهن.

پنجاب ۾ سلطان باهو، بلهي شاهہ ۽ شاهہ حسين جڏهن تہ سنڌ ۾ اسانجي ٿمورتيءَ جا رنگ ئي نرالا آهن: شاهہ لطيف (1689ع– 1752ع)، سچل سرمست (1739ع – 1826ع) ۽ سامي چين راءِ ولد بچو مل لُند (1743ع – 1850ع)، جو پنهنجي گورو جو نالو استعمال ڪندو رهيو: ڪٿي مينگهو، ڪٿي ڀانيڻ ۽ هر جاءِ سامي سندس ئي گورو جا نالا آهن.

ڀڳتي تحريڪ جي درويشن جي وات:

ڪنهن ڪون ڪين لهي، اوديا ڪلف اندر جو،
توڙي تيرٿ تپ ڪري، دک بک سڀ سهي،
تياڳ ڪري گهر ٻار جو، غفا منجھ رهي،
ساڌو سرن پوي، تہ سڪي ٿئي سامي چوي.

ڌرم، مذهب جي ظاهري نيمن متن جو روحانيت ۾ انڪار، ان لاءِ ڪيو ويو آهي جو اصل مقصدِ حيات تي پهچڻ ڪان لاچار آهن. هينئر ڪجھ اهڙن درويشن جي شعرن جو اڀياس ڪنداسين جنهن سان هن جڳ - مذهب، روحانيت ۽ مالڪ ملڻ جي راهہ روشن ٿي سگهي، جو ئي ساميءَ جو سار آهي. مٿين شعر ۾ چوي ٿو اندر جا اوندهہ آهي، اهو آهي پنهنجي دنياوي غلاظتن (اوديا ڪلف) جو تالو لڳل آهي ۽ اهو ٻاهرين صفائين سان صاف نہ ٿيندو، جهڙوڪ تيرٿ ياترا يا پاڻ ڪي ورت، اپواس ڪري بک ڪڍڻ يا دنيا ڇڏي مڙهي مسانُ وسائڻ سان اندر جي صفائي نہ ٿيندي، نہ ويد شاستر پڙهڻ سان. لطيفي سمجھ بہ اهو ئي سمجهائي، اندر تون اُجار پنا پڙهندين ڪيترا، تہ اندر ڪيئن اجارجي.

سڪ ري صفائي، اڇي ڪين اندر ڪي،
توڙي سڀ ساڌن ڪري، پائي سر ڇائي،
اها ڳالھ سمجھ ۾، ڪنهن ورلي ڪي آئي،
گرگم جنهن لائي، سامي لنو سروپ سان.

تہ بہ عشق، پريم ۽ سچڻ جي سڪ ئي صفائي ڪري سگهي ٿي، ٻاهرئين طور طريقا ڇائي پائڻ آهي، جنهن سان پرين پسي نہ سگهبو. اندر جو عشق ۽ دل جو ايمان، جو بنا شرڪ هڪ سان پريم رکڻ، اندر هڪ پسڻ بعد ئي سڀ ۾ ساڳيو جلوو پسي سگهجي ٿو. سڀ جي دل ۾ ساڳيو سائين وسي ٿو.

دل بدست آورکہ حج اکبر است،
از ہزاراں کعبہ یک دل بہتر است۔
(مولانا روم)

دلا طواف دلاں کن کہ کعبہ مخفی است،
کہ آں خلیل بنا کرد، واین خدا خود سخت۔
(مغربی)

ہزار زہدوعبادت ہزار استغفار، ہزار روزہ رانماز ہزار،
ہزار طاعت شب ہاہزار، قبول نیست گر خاطری بیازاری۔
(مغربی)

پٿر پوڄا ڪن، ديو نہ ڏسن ديھ ۾،
پنڊت ڇاٽي پاڻ کي، ڪرمن منجھ ٻجهن،
سي ڪيئن رنگ رچن، سامي سپيرين جي.

پريم بنا پرڪاس، ڪنهنکي ٿيو ڪينکي،
ايئن چئي ٿو نامديو، ڪبير ائون روداس،
ڪري ڏس ڪلپت ري، سامي انن اپياس،
تہ چيتن چد آڪاس، پرگهٽ ٿيئي پاٽهين.

هنن ٻن سلوڪن ۾ ساميءَ سڄي ٻاهرين ڪرم ڪانڊ جي طريقن ڪي رد ڪندي ڀڳتي تحريڪ جي سنتن جو حوالو ڏنو آهي، جن جي واٽ ساڳي اندر ڳولهڻ ۽ جڳتيءَ سان پيرين پائڻ واري ساڳي سمجھ وٺڻ آهي تہ. آءُ هِت ان سمجھ جو سربستو ذڪر لکان ٿو.

سڌو رستو بين الاقوامي، هر پڙهيل اڻ پڙهيل لاءِ هڪجهڙو.

Equal for all, the way to God.

ڪُل ٽي لفظ آهن:

1. نام، شبد، ڪلمئہ الاهي، اسمِ اعظم
2. ستگورو، مرشد، پيرڪامل، گورمت
3. سمرن، ذڪر، اپياس، ورد مالڪ مهر سان

زندگيءَ جو حاصل پرين پائڻ آهي تہ ان جو رستو ٽن لفظن ۾ مڪمل وضاحت ۽ سمجھ سان صحيح ڪري سگهجي ٿو. هن تي هلڻ لاءِ ڪنهن بہ مذهب، فرقي، متي، پنٿ، قوم، ٻولي، ملڪ يا جنس رنگ جوڪو شرط ناهي. هي جڳ مذهب جي اندر ۾ الاهي واٽ سڀ لاءِ ساڳي، ڪليل ۽ بين الاقوامي آهي. جو وهي سولهي. اها پاڻ ڪل مالڪ جي ٺاهيل آهي جا عالم انسانيت لاءِ عام آهي، رحمت ۽ وڏي بخشش آهي. سڀ ڪي سڏي ٿي، جي آيا سي آگهيا. جو اندر سڀ پسي، دِليئون دنيا ڇڏي، دعوت عام آهي، اصل آدجڳاد ڪان ويساھ (ايمان) جو اهو ئي رستو ٿو رهندو اچي، پر جن ڪي پروڙ پوي.

ويساسيءَ والٿ لڌو ساريءَ وسُ جو،
پرچي ڏنائين پاڻ ۾، ڇڏي اونگھ آلس،

رهي مايا موه ڪون، خلاصو خالص،
سامي ٿي ثالث، وَرِتي وِڌِ ويچار سان.

من مترا، دل دوارڪا، ڪايا منجھ ڪاشي،
چيتن وسي چت ۾، الک ابناسي.

جن کي جاني ياد آن، ياد ڪريان نت تن کي،
سامي مليا سپرين، پرچي تن پرساد،
تن من ارپيان ٻاو سان، ڇڏي واد وواد،
ايها آدجڳاد، واٽ ٻٽي ويساھ جي.

سامي اُن ربي آيت طرف اشارو ٿو ڪري تہ: ”تون مونکي ياد ڪر تہ مان توکي ياد ڪريان.“ ۽ ٻڌائي ٿو تہ جيڪو مايا موھ ڇڏي دل جو خالص ٿي مالڪ کي ياد ڪري ٿو. هر وقت دل ۾ سندس سمرن ڪري ٿو، من جي مٽين سان، رڳون سڀ رباب ٿي، سارن ٿيون سڀ ويل، تہ ان ذڪر جومالڪ ٻيٽو اجر ڏئي اسان کي پڻ ياد ڪري ٿو، پر پيار سان. ڪبير چيو:

مالھا مجھ سي لَڙ پڙي، ڪاھي سمري موھ،
من ڪا مٽڪا ڦيردي، ترت ملاؤن توھ.

تہ رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سڀ ڪنهن وارو لطيفي ورد رکي تہ اھو ٿيو پھريون لفظ سمرن/ذڪر ڪرڻ. نام — اسم اعظم جو اندر اورڻ، پر اھڙو سمرن هر ڪنهن جي وس جو ناهي، نہ تہ جيڪر هر ڪوئي ڪري پار پهچي سگهي. ايڏو پيار رب سان رکڻ فقط مرشد جي مهر ڪرم سان ئي ملي سگهي ٿو.

گورو نانڪ جو واڪ:

آکان جيوان، وسري مِرجاؤ،
آکڻ اوکا، ساچا نائو.

فرمائن ٿا جي رب جو نانءُ چوان ٿو ته جيئرو آهيان ۽ جي وساريان ٿو ته مري ٿو وڃان. ايڏو پيار! وري ٻئي سٽ ۾ چا ٿا چون ته اهو نانءُ اهڙي طرح جپڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، ته ٻئي لفظ طرف وڃڻو پوندو.

2. ستگورو، مرشد ڪامل، سامي ٿو چوي:

ساڌو جن سوري جنهن ڪي ڪري ڪچ ۾،
تنهن جي ڪس قلوب مان، ڪڍي سڀ ڪوري،
سامي ڏسي سپرين، اکن ڪون اوري،
هر دم هندوري، جهولي پريم اگم جي.

جنهن به خوش نصيب کي اهڙو ساڌو، ستگورو، پير ڪامل پلئه پوي، جو پنهنجي هنج ۾ وهاري سندس قلب مان ڪلپت، ٻيائي، شرڪ ڪوري ڪڍي وٺي، کهڙي نه سندر سولي ۽ سرل سنڌيءَ ۾ ساميءَ اها ڳالهه ڪئي آهي. اگم جنهنجو آد انت ۽ ڳجهه نه ملي سگهي، تنهنجو گم يا راز ستگورو ئي ڏئي سگهي ٿو. پنهنجي اندر معرفت ماٽي، پيو پريم هندوري ۾ لڏي، ته اهو سڀ ڪمال صرف ستگورو مرشد مٽيادار ڪري سگهي ٿو، ته جنهن کي مرشد مليو، تنهن جي اندر الله پر گهٽ ٿيو. پر مرشد ڪامل جو اندرين نور (جوت)، ان شبد، ڪلمي الاهي يا ٻاٽيءَ جو ايياسي ۽ پيدي (رازدار) هجي، اهو ئي اندر ۾ مالڪ ملائي، ٻاهرين ڊڪ ڊوڙ ۽ ڏکن ڪائڻ ڪان بچائي سگهي ٿو. چون:

سڀ گهٽ ميرا سائيان، سوني سيج نه ڪوءِ،
ٻلهاري تس گهٽ ڪي، جان گهٽ پر گهٽ هوءِ.

هاڻي جسم جي سائنس سمجهنداسين ته هي الاهي ڪيئن آهي، اتي اها ٻاٽي يا ڪلمي الاهي ڪٿي وڃي ٿو، وغيره. ڪُل ڏهه (10) دروازا آهن هن محل ۾ داخل ٿيڻ جانون ڪليل ۽ ڏهون بند آهي. ٻه اکيون ٻه ڪن، ٻه ناسون (نڪ) هڪ وات دن ۽ هيٺ گُديا اندر وڃڻ لاءِ سولو رستو آهي ٻن اکين پنيان اندر ٿيئن اک جا ڏسي سگهندي. جو، جو ڏهون در بند آ.

"پرين سي پسن ٻئي جن ٻوتيون"
(شاهه)

اڪين ٻاجهون ويڪٽا وڻ ڪنان سٽٽا.
(گورو نانڪ جِي)

اتي جا انهد ڏن بنا وڄڻ پئي وڄي، تنهن کي مرشد جي مهر سان ٻڌي سگهبو، پر جڏهن پوري يڪسوئي ٿئي، يعني من جو ڀٽڪڻ، ٻاهريان خيال سڀ ختم ڪري، اندر يڪجاءِ/ٽِڪ ٿئي. جوڙي ميڙي پاڻ کي جڏهن پوري ايڪا گرتا، يڪسوئي ايندي، تڏهن اهي آواز ٻڌڻ ۾ ايندا. جن جو مٿي ذڪر ڪيو آهي: ساميءَ جا اشارا:

انئي پهر عرش ۾، جپن ريءَ زبان.

تنهن ۾ لائي لال ٿيا، طمع ريءَ تاڙي.

چڙهي جنهن عشق تي، ٻڌو وحدت واڪ.

تہ اهو عشق آهي ڏهون ڳجهو درُ. جتي وحدت واڪ وڄي ٿو. بنا وڄائڻ واڄو وڄي ۽ بنا زبان پيو جاپ جپي، اتي جو ڏهہ هزار سجن جيڏو نور/جوت آهي سو نهايت سِيتل، وٽندڙ ۽ لپائيندڙ آهي.

3. مالڪ جي مهر سان ست سنگ:

اڻ هوندي بازي، تنهنجي ڪري سڏ ٿي،
لپت جي ڪلنڪ سان، سامي تو ساجي،
ڪيين پانهنجي پاٽهي، ٿو منت موتاجي،
رڙهي ٿيئن راضي، پنُ ڏيئي تون پاڻ کي.

هيءَ اڻ هوندي بازي جي مايا مان ڪري – نڪري؟ جنهن تي راضي ٿئي؟ ڪيئن راضي ٿئي، جو پورن سرڻ وٺي يعني جو دل مان خودي ڪوري

ڪڍي، پيش پوي ۽ هر حال ۾ راضي رهي، تنهن تي مالڪ مهر ڪري، هن درنگي دنيا ۾ ٻين جي محتاجيءَ کان ڇٽي پوي. ان لاءِ ست سنگ يعني سچو ساٿي، ڪامل مرشد جي صحبت ضروري آهي جو سيني سان سينو سنواري، نظر وجهي نهال ڪري. "نانڪ ندري ندر نهال"، ڪري ڇڏي. هو سدائين سڌ سروپ ۾ رڱجي رهي.

ساڌو جن جو سچو، ڪري اپديش انيئي،
سامي ڇئي سڀ ڪي، الٽي گهر اچو،
ڪَڏي (ڪڏهن) ٿئي ڪينڪي، ڪلپت منجهه ڪچو،
رهي رنگ رچو، سُتهَ سڌ سروپ جي.

تہ: 1. نام، ڪُنَ، اسم اعظم، جو سڀني جهان ۽ سيني انسانن ۽ حيوانن وغيره جو رچيندڙ آهي، انکي پنهنجي جسم اندر ڳولهي، محبوب جو مشاهدو ماڻي وٺجي جو خياتيءَ جو حاصل آهي.

2. ان لاءِ هڪ ڪامل مرشد جي ضرورت آهي جو بخشش ڪري.

3. پوري طرح پاڻ وڃائي پيش پوڻ سان، اهڙي مالڪ جي مهر ملي جو سدا ان جي رنگ ۾ رڱيو رهجي. نند بہ عبادت، ڪم ڪرڻ بہ عبادت ٿي پوي.

ڪرپا ڄاڻي ڪِرُ، سنت دواري سِڪَ سان،
ديکيا دردوندن جي، سمجهي ڪر صبر،
سامي بَڪَ مَ سِرُ، در در ديوانن جان.

تہ الاهي مهر سان ڪو درويش الله لوڪ ملي تہ سندس بعيت ڪري، بخشش وٺ. هر حال ۾ خوش رهي شڪايت جي ٻڙڪ نہ ٻول ۽ صبر شڪر ۾ هڪ جي اوٽ ۾، هڪ سان ڳنڍجي رهہ. در در پنهنجو مٿو نہ ٽيڪ. پاڻ نہ کوءِ:

جنهن کي لَکائي، ست گور لَکَ اَلَکَ جي،
تنهن پرچي پانهنجي پاڻ سان، لنو سڀجي لائي،
مِٽي تنهن جي من مون، ٻانيڻ ڇئي ٻيائي،

رهي سدائين، سُج وسئن جي وچ ۾.

ته جنهن کي به مرشد مٽيادار اَلک، جنهن جو نه رنگ، نه روپ، نه ريک الک آهي، اهڙي مالڪ جي لَکَ لکائي، تنهن ٻاهر جا سڀ ساڌن ڦٽي ڪري اندر اور پيو اوري، ٻيائيءَ واري وائي بنھ ڇڏي، هينئر ڪيس هر هڪ ۾ اهو ئي هڪ الک پيو لَکي. جڏهن ٻيو ڪو آهي ئي نه، ته ويري (ڪير) ۽ سڄڻ ڪير؟ ته وسنئن ڪنهن جي ۽ سج ڪنهن جي، سدائين موج پيو ماڻي، مالڪ جي اور پئي اورجي:

محبتن ميلاپ پرچي ڪيو جن پانهنجو،
پئن پئارن پريم جو، پيالو عين اَماپ،
لنو لنو لال گلال ٿي، جپن اجپا جاپ،
ميٽي سڀ سنتاپ، سامي ماڻن سانت کي.

اڪيلائي جن جي وندر آهي، سانت جو مزو جن کي مليو، اهو ئي اجپا جاپ يعني ان اسم اعظم، نام ۾ رتل رهن ٿا. “عاشقن الله ويرو تار نه وسري”، انکي چئبو، لنو لنو ۾لال آهن، سواءِ پريم جي ٻيو سودو ڪين سِڪن ۽ پاڻ ۾ مڪمل ٿي، پرچي پُر رهن ٿا، انهن ئي منزل ماڻي حياتي هاج هٿ ڪيو:

پرچي ڏنو پھه، مرشد خاص مريد کي،
اٿندي وهندي عشق سان، اور انهيءَ ۾ رهه،
وٺي راهه رنِديءَ جي، سيڪي سر تي سَهُہ،
ته اچي پاڻ اَلَهُ، مطلب ڪندءِ من جا.

صبح، شام اڌ ڪلاڪ سانت ۾ چپ ڪري ويهو، اندر مان تخليقي قوت جاڳي پوندي، سڀ ڪجھ ممڪن ٿيندو.

# آخري گذارش

تہ هن سڄي ڪتاب جو حاصل ڇا ٿيو، ڇا طئي ٿيو، سمري.

1. سڀ کان اول پاڻ انسان آهيون ۽ سڄي دنيا جي انسانن جاڪٿنب ڀاتي. مذهب، رنگ، نسل، قوم، ٻولي، فقي ۽ ذات پات جي فرق بنا. عورت، مرد، ٻار، ٻڍو اسانجي فيملي آهي. انهن سان پيار سندن سنڀال ۽ وس آهر سارلهي سندن خدمت ڪرڻ پنهنجو فرض اولين آهي.

2. ماڻهوءَ ڪي ماڻهوءَ جي خوشي، ضرورتن ۽ گهرجن لاءِ مدد ڪندي سڀ کان وڌيڪ مظلوم، محڪوم ۽ پيڙيل، ڏتڙيل طبقي سان گڏ بيهي، هڙهان، هڏان ۽ وڙان مدد ۽ مشڪل ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار هجڻ گهرجي، جيئن هڪ گهرياتي ڪندو آهي.

3. دنيا ڪي نہ، اول پاڻ ڪي بدلڻو پوندو. چڱائي، نيڪي، اخلاق ۽ انسانيت تي تقرير نہ ڪبي انجو عملي مثال تي ڏيکاريو. ائين ئي ٻار سکندا ۽ ٻين تي اثر پوندو. ڌيان، مراقبو بہ ان لاءِ تہ خود مان شانتي، سکون جو لهرون نڪري سڄي وايو منڊل ڪي سانت ۽ پرسڪون ڪن، ماحول مواقف ۽ تخليقي ٿي.

4. گذريل عظمت تي فخر ڪائڻ کان بهتر حال جي بدحالي ڪي مٽڻ جو ضروري عمل ڪرڻ، سندرو ٻڌي تعليم، صحت ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ ڪاهي پوڻ. شعور، صفائي ۽ سچ لاءِ وڙهڻ، حق لاءِ لڙڻ

۽ ڪڏهن بہ ڪمزور نہ پوڻ، اورچائي سان هن راهہ تي هلڻ، جيئن ٻيا بہ متاثر ٿي خود شامل ٿين ۽ قافلو وڌندو رهي.

5. مٿين ڪمن ڪرڻ ۾ مستقل مزاجي، همت، حوصلو ۽ اورچائي جو هجڻ ضروري آهي. پاڻ تي يقين رکي، منفي قوتن کي روڪجي، جي پاڙون پٽي نہ سگهجي تہ تنقيد ۽ سخت ناپسندي جو اظهار ڪجي، سچ ۽ حق تي هجڻ لاءِ وڏي گلا ۽ مخالفت کي منهن ڏيڻو پوندو. نراس نہ ٿجي پل سپ برو چون، پاڻ ۾ اعتماد ۽ ڀروسو اڻ ٽڪ هجي، نيت فتح، ڪاميابي حق جي آهي.

6. پيار ڏيو، پيار وٺو ۽ سمورا سڄا، سارا، پيار تي پئو!

# شرڌانجلي

**نوٽ:**

منهنجي شاعري جو ڪتاب "جيون تاءُ تتيءِ جو" جون 83 ۾ شايع ٿيو هو. جنهن مان آخري صوفي اشعار پيارن پڙهندڙن جي ذوق لاءِ وري دهرايان ٿو. جيئن انگريزي شاعريءَ جو ڪتاب (Life'n dreams) بہ هن سنڌي ڪتاب سان گڏ ڇپيو آهي. توهان جي پياري مطالعي لاءِ پيش آهي.

دعائون

هي بيت (دوهن) جي شرڌانجلي پيٽ ڪريان ٿو پنهنجي سمپورن پتا، وديا جي پندار

## سوامي سندر داس جن کي،

جن جي ستسنگ ۾ مون هندي ديو ماليءَ ڪٿائن کان واقف ٿيس ۽ پنهنجي تيج سمجھ هوندي ڪائن سنسڪرت، هندي، پنجابي ۽ ويدانتي ارٿ مان پوري ريت فيضياب ڪونہ ٿي سگهيس.

## (بيت)

تون ئي پنهنجو ساز آ، تون ئي پنهنجو ناد
تون ئي پنهنجو سوال آ، تون ئي پنهنجو جواب
چکين پنهنجو پاڻ کي، تو ئي منجھ سواد
اصلون آد جڳاد، محبوب تنهنجي من ۾.

محبوب تنهنجي من ۾، تون ئي جمنا گهاٽ
تون ئي تيرٿ ياترا، تون ئي پنهنجي نماز
ڳولين ڇو هر واٽ، مڙهي مندر مسيت ۾؟

مڙهي مندر مسيت ۾؟ ڪونهي پيار تہ رڳو اقرار
اصلون عاشقن تي، سدا چڙهيل ويراڳ
ننڊ ۾ ڀي آ جاڳ، دل ۾ ديرو دوس جو.

دل ۾ ديرو دوس جو، روح اندر راڳا
ڀجي ٿيا ڀاڳا، پيار پچائي پنهنجا.

پيار پچائي پنهنجا، ڪيڏا ڪرين ڪيس
لونءَ لونءَ تو آسيس، آهي سندي سڄڻين.

آهي سندي سڄڻين، لوئي[2] بہ سائي
ڪبير ذات الاهي، ڳولهي ماڻهوءَ من ۾.

ڳولهي ماڻهوءَ من ۾، هي ٻڌ انهد ڌُن
رب ڪونهي ڪو ٻن، خالق وسي خلق ۾.

خالق وسي خلق ۾، چيو بابا فريد
تون ٿي من مريد، خلق ذات الله جي.

خلق ذات الله جي، پر ڪيئن ڳولهجي ڪنت[3]
پڇيو پيڙ نانڪي، اڳيان گرونانڪ سنت
جواب مليو ٿي ويس ڪجن، ڪونہ ڪجي ڪا چنت

2. لوئي = ڪبير جي زال جو نالو.
3. ڪنت = الله.

نوڻ[4] سئ اکر ڪوڻ گڻ، جهبا مٽيا منت.

ميران جهڙو من هجي، پوڇا جهڙا پيار
چڪور جهڙو چِتُ هجي، پل چنڊ وسي ٻي پار
وهه ٻه امرت ڏار، اهڙو چاهه چريو ڪيو.

(بيت)

ڪنهن جي ڪنهن جي سار ڪيان
پن سرءُ جان وڇڙيل پيار.

ننڊ رلي وئي پنبٽيون ڳوريون رات لڙي وئي يار
پوءِ ٻه پيار پچار، جرڪي ٽي هن جيءَ ۾.

مندر مندر پٽڪين چو ٽو گسائين لِلاٽ[5]
اندر تو چمڪات، جهاتي پاءِ تون جيءَ ۾.

جهنجهرڪي جو جهانجهه جهير وجهي ٽي جيءَ
پل پل تو پڙلاءَ، پلئہ پوي تو ريءَ.

اگڻ اگڻ تو پٽڪين، چوڏهين جا او چنڊ
ڏنگيل تو ڏسجين، ڪنهن ڏاڍي جي ڏانو جو.

4. نوڻ = نمرتا (هينائين)، ڪوڻ = ڪميا (رحم)، جهبا = زبان، مٽيا = سنا مٽين جهڙا، منت = منتر (لفظ ڳالهائڻ).

5. لِلاٽ = پيشاني.

ڳوڙهن ڳوڙهيون ڳالهيون، ساري ڪيئن ساريان
پلٽي پاٽيارا، سٽ سٽ تنهنجي سور جي.

ور ور وائي وات، مانيءَ ڀور ڳيي جي
عشق کهڙي ذات، فاقن سندي من ۾!

وڏ ڦڙا وس مينهن، اجان سڄڻ سار مون
تو ڪنهن لاتو نينهن، رڪجي نٿو رڪجين.

تارن ڳڻين تون، ياد اچين ٿو حرفتي
تو ڪيئن وسريس مون، چوڏهين چانڊوڪين ۾!

## (بيت)

مرگهه ترشنا جيئن من، رلي ٿو هن رڃ ۾
پريت سچي سچ، پاتي آهي ڪنهن جيءَ ڳري؟

چارئي پهر ميڙي، سنڌيا آئي سانت تي
پکي ماڳين موٽيا، مٿان وئي رات ٿي
مندر سنک وڳا، مسجد سمهٽي بانگ تي
تن تنهنجي تات ٿي، جانجهه وڃي ٿي جيءَ ۾.

پاڻ ملون نہ وقت بيهي، تنهنجو ضد هيو
پر ائين ڪو نہ ٿيو، وسري ويس تو وتري.

ڪاري رات اُماس، ڪرشن پک آڌي
جيءَ پنهنجي ڪاتي، ورهہ پنهنجو وترو.

ورهه وڇايو سورداس، چت نہ آيس چنتا مٽي[6]
تو ڪيئن پرين پاتي، ھي ھرڌي پريت پٽي.

ڪارا نيڻ ڪٽورا، ڇلڪن ڀرجي نينهن
رشين مُنين مُون وئي، سالن تپسيا ڏينهن
جوڀن ونتيون جوانڙيون، ڪنوئن سندا انگ
ڇُڪ چڪ منجهه ڏنگ، هئه هئه ڪان قلوب ۾.

نانگ نوڙيءَ تي نينهن، تڳايو تلسيداس کي
گيان ٻڌايو شينهن، خالق رامائڻ ڪي.

هرڻ ڀڄي حيران ٿي، خستوري ڪٽي ڌُن
اهڙي ساهه سڳنڌ، آهي کهڙي ٻن
جاٽي ڪونہ ڳهيلو، پاڻ ئي خوشبوءَ ڪن
تيئن ئي ماڻهوءَ من، ڀٽڪي ٿو ڀونءَ ڀونءَ ۾.

ᘛᘚ

6. سورداس جي محبوب زال